اجنتا پبليڪيشن

رحيم

گناهن پريو ديوتا



ڌرم وير ڀارتي



اجنتا پبليڪيشن جي انمول ڀيٽ

گناهن ڀريو ديوتا


سنڌي ساهت جو هڪ سماجڪ شاهڪار

ليکڪ :- ڌرم وير ڀارتي

سنڌيڪار :- جڳت آڏواڻي

ڀاڱو ٻيو — قيمت اڍائي روپيه — جنوري ١٩٦٩ع

ٿوهان صرف ... ٻڌندي وقت
مان ... ٿي



نئين ... ڏسڻ

ڪي بارِيڪ بيني ۽ سان جاچيو ۽ عمر ڀر
بدرط جو مزو ماڻيو. پهنجي ويجهي ۾
ويجهي ڪنهن بہ منظور ٿيل بش
دڪاندار ڪان پيدا ڪريو.

ماڊرن ٽريڊنگ ڪمپني (بمبئي)

لئمنگٽن روڊ، آپيرا هائوس جي سامهون،
بمبئي-٤

MODERN TRADING CO. (Bombay)
Lamington Rd., Opp. Opera House
Bombay-4

مجموعا ”اُنامينهن ملير“ ۽ ”پيڪي هلي ويندي سانءِ“ پڻ ساهتيه ۾ ڪافي ڌوم مچائي.

نه رڳو ناميارن ليکڪن پر نون ليکڪن جا پڻ ڪتاب ڇپائي انهن جي حوصلي افزائي ڪئي وئي آهي. هڪ نوجوان نئي ليکڪ ڪنيعي هنسراجاڻيءَ جو ڇهن سون پيجن ۾ اصلوڪو ناول ”ممتا“ ڇپائي سنڌي ساهتيه جي آسمان ۾ هڪ نئون ستارو پيدا ڪيو ويو. ”گناهن ڀريو ديوتا“ جهڙو شاهڪار وري ڇپائڻ به هڪ ساهس ڀريو قدم آهي.

امنگه ۽ اتساهه نه گهٽوئي آهي ۽ رات ڏينهن جيءَ ۾ اِها جهوري لڳل آهي ته نون ليکڪن جا ڪتاب ڇپائي انهن کي اُتساهت ڪجي پر وقت جي حالتن کي ڏسي دل مايوس ٿيو وڃي ته به همت ڪانه لاٿي اٿم.

تازو نارائڻ شيام جي غزلن جو هڪ مجموعو ”واريءَ ڀريو پلاند“ ڇپائي ظاهر ڪيو ويو آهي. اهو ڪتاب جنهن به پڙهيو ۽ ڏٺو آهي تنهن ساراهيو آهي.

آخر ۾ مان سرو شري لڇمڻ داس ڀمڻاڻي (مالڪ جي- بي- منگهارام ۽ ڪمپني)، ڀڳوانداس (مالڪ لونا پيٽروليم پراڊڪٽس)، شيام ستواڻي، گنگاڌر ستواڻي، ماستر ڪندنداس ۽ سنڌو ساهتيه سنگت اجمير جو تهدل شڪرگذار آهيان جن اشتهارن يا ٻئي ذريعي سهڪار پڻ ڏنو آهي.

هري همٿاڻي
آنرري صلاحڪار

موجوده حالتن کي ڏسي ڏک ٿو ٿئي تہ سنڌي ساهتيہ جو ڇا حال وڃي ٿيو آهي. سالن کان اهو پڙاڏو پئي گونجيو آهي تہ سنڌي ساهتيہ جي بهبودي ۽ واڌاري لاءِ ڪو ٺوس قدم کڻجي پر خبر نہ آهي اهو ڏينهن ڪڏهن ايندو. جيتوڻيڪ هرڪو ڄاڻي ٿو تہ پنهنجي ساهتيہ سان ئي هرڪا قوم زنده رهي سگهي ٿي. پر سنڌي ساهتيہ ڏينهون ڏينهن پٺتي پوندو. شل ايشور اسان سنڌين کي ڪا مت ڏئي جو اسان پنهنجا متڀيد وساري، هڪمت ٿي سنڌي ساهتيہ جي آئيندي لاءِ ڪجهہ ڪري ڏيکاريون. اگر اسان اڃا بہ اِنهيءَ غفلت ۾ رهياسين تہ شايد ڪو وقت ايندو جو سنڌي ٻوليءَ جو وجود هڪ ڪنڌر مثل وڃي رهندو.

اجنتا پبليڪيشن طرفان سنڌي ساهتيہ جا ڪيترا ئي اصلوڪا ڪتاب ڇپايا ويا آهن. شري نارائڻ شيام جي شعرن جو مجموعو "ماڪ ڦڙا رابيل" ايڏي تہ مقبوليت حاصل ڪئي جو اهو بمبئي ۽ گجرات يونيورسٽيءَ جي بي-اي ڪورس لئي رکيو ويو. شري گووردن محبوباڻيءَ جي ڪهاڻين جو مجموعو "پيلو چنڊ-لال داغ" ۽ گيتن جا

سدا تي گهمڻ جو شوق سوار ٿي ويو هو. صبوح ٿيو نه آهي ته هوءَ چمپل پائي گم ٿي ويندي هئي. گيسو، ڪامني، پريا، ليلا، هنجي ساهيڙين مان ڪا ڪانه اهڙي هئي جنهن جي گهر هوءَ اڄ ڪلهه وڃي ٻکيڙو ته مچائيندي هجي، جنهن سان پنهنجي دل جون ٻه چار ڏک سک جون ڳالهيون نه ڪري ايندي هجي. پنهنجيءَ کي گهمڻ جو شوق گهٽ هو. باقي سدا جڏهن گيسوءَ وٽ ويندي هئي ته هوءَ هن سان ضرور گڏ ويندي هئي. پنهنجيءَ کي سدا جي ساهيڙين ۾ گيسو ئي سڀني کان وڌيڪ پسند پيئي هئي. ڊاڪٽر شڪلا کي چئي هئي، پر هو سدا جي شادي ڪرڻ جي ڏس ۾ هو. انهيءَ ڪري ڪيڏانهن ٻاهر ڪونه ويو هو. چند ڏينهن مهني جي لڳاتار اپياس بعد هينئر آرام پئي ڪيو. هن فيصلو ڪيو هو ته هر ساعت شروع ٿيڻ تائين ڪنهن به ڪتاب کي هٿ نه لائيندس. هن ڏاڍي آرام سان ڏينهن پئي ڪاٽيا. صبوح جو اٿي سائيڪل تي گنگا ڏانهن هليو ويندو هو. اتي هنکي اڪثر ٺاڪر صاحب به گڏجي ويندو هو. ڊاڪٽر شڪلا جي به ڏاڍي چاهنا هوندي هئي ته صبوح جو گنگا تي اشنان ڪرڻ وڃي، مگر ڏينهن جو هو ڪو به ڪم نه ڪري سگهندو هو، انهيءَ ڪري هنکي پنهنجو ڪم صبوح جو ئي ڪرڻو پوندو هو.

Printad by S.K. Wadhwani at Sangam Printers Purani Mandi Ajmer & Published by V.U. Himthani Ajmer.

ڇوڪرو ايم-اي پڙهيل آهي. ڏاڍن سٺن ۽ ڀلارن جو آهي. هن لکيو آهي ته جيئن ساڻن فقط ڏهه ماڻهو ايندا ۽ فقط هڪ ڏينهن رهندا. پڻ لکيو اٿس ته ڇوڪريءَ ۽ ڇوڪري جي ڪپڙن ۽ زيورن کان وڌيڪ ڪجهه ڪونه وٺنداسين."

"اڇا. براهمڻن ۾ ته اهڙو ڪل ملڻ ڏاڍو مشڪل آهي."

"ڏسو هن ڇا! سدا سچ پچ خوش نصيب آهي، نه نه ننڍيءَ جي سهري کي ته تو پاڻ ڏٺو هو. چڱو، سدا ساڻ گڏ جي اچ."

چندر سدا جي ڪمري ۾ پهتو ته هوءَ هئي ڪٿي. هو ٻاهر اڱڻ ۾ آيو. مهراڄڻ رسوئي وٺي ڪئي ۽ ننڍيءَ ورانڊي ۾ سگڙيءَ تي پڪوڙا پئي تريا.

"اچو." ننڍيءَ هن جو سواگت ڪندي چيو. "دادي ته وئي آهي ڪيسوءَ کي سڏڻ. اڄ ڪيسوءَ جي دعوت آهي."

"ويهو، هن موڙهي تي ويهو." ننڍيءَ ڪاٺ جو هڪ موڙهو چندر ڏانهن سيڙيندي چيو. چندر ويهي رهيو. ننڍيءَ هن جي هٿ ۾ مٺائي ڊبي ڏٺي ته پڇيائين، "هي ڇا آندو اٿو. ڊيڊيءَ لاءِ آندو اٿو ڇا؟ هيءَ ڊبي ته منڊيءَ جي معلوم ٿي ٿئي."

"منڊيءَ! دال ۾ وجهي کائيندينءَ ڇا؟ جهنگلي ڪٿان جي! هنڪي منڊي پاڻ جو ڪڙ ڪٿي آهي." چندر چيو. "منهنجي داديءَ لاءِ ائين ڳالهائيندا ته سٺو نه ٿيندو!"

هڪ ڏينهن صبوح جو لکيائين ويٺي تہ چندر اچي هنجا چرن ڇهيا. چيائين، "راجيہ سرڪار جو انعام ڪالهہ شام جو اچي ويو."

"ڪهڙو انعام؟"

"گذريل پرانتن ۾ مالا جي بيماري ۽ آنهن ٻارن جو موت جي وشيہ تي مون جيڪو مضمون لکيو هو، تنهنجو."

"تہ ڇا ٻلو اچي ويو؟"

"جي." چندر پنهنجي کيسي مان مخمل جي هڪ ڏٻلي ڪڍي ڊاڪٽر شڪلا جي هٿ ۾ ڏني. ٻلو نهايت سهڻو هو، تجلا ڏيندڙ سونو ٻلو جنهن تي پرانتڪ سرڪار جي راجيہ مدرا اُڪريل هئي.

ڊاڪٽر شڪلا اُٿي پنهنجي هٿن سان چندر جي قميص ۾ اهو ٻلو انڪائيندي چيو، "شل هميشہ جس جو ڀاڳي بڻجين! وڃ، اندر سدا کي ڏيکاري اچ."

چندر اندر وڃڻ لڳو هو جو ڊاڪٽر شڪلا وري چيس، "پٽ، سدا جي شاديءَ جو انتظام ڪرڻو آهي. مون لکان تہ ڪجهہ ٿي ڪو نہ سگهندو، سڄو انتظام توکي ئي ڪرڻو پوندو. ٻيو پٽ، جيت جي ڏسهن لي ڇوڪري جو پاءُ ۽ هنجي ماءُ سدا کي ڏسڻ لاءِ اچڻا آهن. ٻنهيءَ جي ماءُ بہ ڳوٺان ايندي."

"چڱو" چئي چندر ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. پڇيائين، "ڇوڪرو ڪٿي آهي، ڇا ڪندو آهي؟"

"ڇوڪرو پاڻ شاهجهانپور ۾ آهي. زميندار گهر آهي.

"اهو پنهنجي دل کان پڇو، مان توهانکي ٻڌائي نٿي سگهان." ٻنتيءَ جنهن مشڪيو ٿي ته هن جي ڳلن تي گلاب جا گلستان ٽڙي پيا. "ڀلا ٻڌايو ته هن دٻليءَ ۾ ڇا آهي. ڇا ڪجهه خانگي آهي؟"

"نه ڙي، خانگي ڇا ٿيندو. اهو ته وري لوڪان. سونو ڀلو آهي، هڪ ليک تي مونکي انعام مليو آهي." ۽ چندر دٻلي کولي هنکي ڀلو ڏيکاريو.

ٻنتيءَ ڏسي چيو، "هي نه ڏاڍو سٺو آهي. مونکي ڏيئي ڇڏيو."

"تون ڇا ڪندينءَ؟" چندر کلي سوال ڪيو.

"ديديءَ جي گهوٽ لاءِ ڪنن جون ڦليون ٺهرائينديس."

ٻنتيءَ چيو. "اڙي ها. توهان کي مان هڪڙي شيءِ ڏيکارڻ ٿي چاهيان."

"ڇا؟"

"اهو ڪاله ٻڌائينديس، پر ڏسندا ته نٽ ڏيندا."

"نه ڏيکار نه."

"هيئنر ديدي اچڻ ۾ هوندي. ديديءَ جي سامهون ڪاله ڏيکاريندي سانو."

"سڄا ڪان لڪائي مان ڪجهه ڪوله ڪندو آهيان، ڇا توکي اها خبر ڪانهي؟"

"مان لڪائڻ جي ڳالهه ڪٿي ٿي ڪريان. توهين

ٻنتيءَ پنهنجي سياويڪ ڪولي ۾ گردن کي هڪ پاسي جهڪائي اکيون اڀائيندي چيو. ”هنڪي منهنجي پائڻ جو ڪڙ ڪوهي لـ، ڇا توهان ۾ آهي! هاڻي هنجي جڏهن شادي ٿيندي ته هوءَ سورهن سينگار ڪندي. ڀلا ٻڌايو ته، ديدي گهونگهٽ ۾ ڪيئن لڳندي! هينئر لـ سڀو وقت مٿو اگهاڙو ڪري بلبل جيان آزاد پيئي گهمي!“

”تو پاڻ ۾ نه عادتون وجهي ڇڏيون آهن نه ساهرن ۾ رهڻ جون.“ چندر ٻنتيءَ کي چيڙائڻ لاءِ چيو.

”اڙي منهنجي کهڙي ڳالهه آهي!“ ٻنتيءَ اوتهو ساهه کڻندي چيو. ”مان نه پيدا ٿي هئس لاءِ ٿي آهيان. مگر سدا ديديءَ جو شاديءَ ۾ جڪڙجڻ ٺيڪ نه آهي. ديدي اتهن جهنجهٽن لاءِ پيدا ڪانه ٿي آهي. توهين ماما ڊاڪٽر کي ڇو چئو نه ٿا؟“

چندر ڪوبه اُتر ڪونه ڏنو. چپ چاپ ويٺو ڪجهه سوچيندو رهيو. ٻنتي به پڪوڙا تريندي رهي. جڏهن ختم ڪري اُٿي، تڏهن به چندر ائين خاموش ڪنهن سوچ ۾ مگن ويٺو هو.

”ڇا پيا سوچيو؟ ڪونه ٻڌائيندا. ڇو مان ديديءَ کي ٻڌائينديس ته توهين ائين خاموش ويٺا الائي ڇا سوچيندا ٿا رهو!“ ٻنتيءَ چيو.

”سو مان پنهنجي ديديءَ کان ٻچان ٿو ڇا!“ چندر چيو.

ڪولي نه اُچل ڏيڻي آئي، ”هيءَ نه توکي هن مضمون لئي مليو آهي، جنهنجا تون چارٽ ٺاهيندو هئين.“

”ها.“

”پوءِ نه هي منهنجو آهي.“ سدا ڊٻلي بلائوز اندر ڇاتيءَ ۾ لڪائيندي چيو.

”مون ڪڏهن چيو ته منهنجو آهي. تنهنجو ئي آهي.“ چندر ورائيو.

”پائي ڏسان؟“ سدا اُٿي هلي وئي.

”بتي نه چار ٽڪڙا نه ڏي.“ چندر بتيءَ کان ٽڪڙا وٺي کائيندو سدا جي ڪمري ۾ پهتو. ڏٺائين، سدا آرسيءَ سامهون بيٺي آهي ۽ پنهنجي ساڙهيءَ ۾ پلو پيئي لڳائي. هو چپ چاپ بيٺو ڏسندو رهيو. سدا پلو لڳايو ۽ ڪي سيڪنڊ ان ڏانهن نهاريندي رهي. پوءِ اهو سيفٽي سان ڪٽي جڙيائين، جهڪي اُنکي چپن سان چميائين.

”بس، ڪيئن نه گندو؟“ چندر مذاق جو موقعو ڇڏڻ نه چاهيو.

سدا جمسي پاٽي پاٽي ٿي وئي. ڳلن تي پرڀات جون لال ٻاڪون ڦٽي سندس ڪن جي پاپڙن تائين ڦهلجي ويون. هوءَ هڪدم آرسيءَ اڳيان هٽي وئي ۽ ڪاوڙجي چيائين، ”تون چور آهين! ڇا ٿي ڏٺءِ؟“

ايتري ۾ بتي ٿالهيءَ ۾ ٽڪڙا ڪٽي اچي پهتي. سدا تڙ تڪڙ ۾ پلو ساڙهيءَ تان لاهي چندر کي ڏيئي چيو، ”وٺ، سنڀالي رک.“

ڏسي هنڪي ٻڌائجو. هون ۾ مان ورِي هنڪن چا لڪائيندي آهيان. ڏسو سڏا ڊيڊي ٻه اچي ويئي."

چندر منهن ورائي ڏٺو. سڏا جي هٿ ۾ ڪمند جي هڪ لٺ هئي، جا هوءَ هوا ۾ ڦيرائيندي پئي آئي. چندر کي ڪل اچي ويئي.

"ڙي پيا نه ڊيڊيءَ کي ڏسي." ٻنهيءَ چيو ۽ هڪ گرم ڀڪوڙو ڪٽي چندر مٿان اُڇلايائين.

"اڙي، تون نه ڏاڍي شيطان ٿي ويئي آهين، ٻاجهي ڪٿان جي!"

سڏا چمپل لاهي اندر آئي. جنسي جهومندي ٽينگ ڏيندي پئي آئي.

"ٻـڌايو سيٺ سوارٿيمل!" هن چندر کي ڏسندي چيو. "بس صبوح سان آئي نه ڀڪوڙن جي بوءِ." ۽ ٻيو موڙهو سيڙهي هوءَ چندر جي ڀر ۾ ويهي رهي. هٿ واري ڪمند جي لٺ چندر کي ڏيندي چيائين، "وٺ هي گهر ۾ ٻوڪج ۽ روز ڳنڍيري کائج. سمجهيءِ!" الي ورِي ڊبلي ڏسي اُها ڪڍندي چيائين، "هن ۾ چا آهي؟ مان نه ڏسان؟"

"ڏاڍي سڌ ري ويئي آهين. منهنجا خط نه ٻيا ٻچيئي ڪوليندي آهين، باقي هي ٻچي ڏسندينءَ!"

"اڙي مون سمجهيو نه مٿان هن ڊبليءَ ۾ ٻميءَ جي دل ٻڌ هجي. تنهنجي ساهيڙي آهي، شايد ياد گيريءَ خاطر توکي اُها ڏني هجيس." ائين چوندي سڏا ڊبلي

سلام ڪيو. چندر هنکي مٿي کٽي گوڏ ۾ وهاريو. "وڃ
حسرت، حلوو کاءِ."

حسرت ڪنڌ ڌوڻي چيو، "گيسوءَ دادي چيو ته،
چندر ڀائي کي منهنجا آداب چئجي ۽ کائنس ڪجهه نه
مان کائيندس ڪونه."

چندر چيو، "منهنجي به هنکي لاستي وڃي چئج."
حسرت اُٿي کڙو ٿيو. "مان هنکي چئي ٿو اچان."
پوءِ وري منهن ورائي چيائين، "توهين تيستائين حلوو ختم
ڪري ڇڏيندا؟"
چندر کي کل اچي وئي. "نه، اسين توهانجو انتظار
ڪنداسين، تون وڃ."
حسرت ڪنڌ ڌوڻيندو هليو ويو.

اٽري ۾ سدا اچي چيو. "هتي ويهي گيسوءَ جو غزل
ٻڌ. آواز ٻهچيئي تو نه! قول به آئي آهي، انهيءَ ڪري
گيسو توهانجي سامهون نٿي اچي. قول پنهنجي اُنءِ جان
وٽ شڪايت وڃي ڪندي. هوءَ توسان گڏجڻ لاءِ
ڏاڍي منتظر آهي. چڱو، ويهي ٻڌج، هان!"

سدا هلي وئي. گيسوءَ ڳائڻ شروع ڪيو. ٻلڪل جهيڻو
سنهڙو مڌر آواز، جنهن ۾ ڪشش هئي، موهڻ جي اُپار
شڪتي هئي، نشو هو. چندر وهاڻي کي ٽيڪ ڏئي ليٽي
پيو ۽ ليم جاگرت اوستا ۾ ٻڌندو رهيو. غزل ختم ٿيندي ئي
سدا ڊوڙندي آئي: ٻڌءِ نه!" هنجي پٺيان پٺيان حسرت

"چئو، پاڻي ڇڏ نه!"

"نه بابا، پراڻي چيز، ڪيڏانهن ڪم ٿي وڃي. ته ڏبا ڪانٽا پون." ۽ ٻلو ڊٻليءَ ۾ وجهي چندر جي گود ۾ رکي ڇڏيائين.

ڀيڻيءَ آهستي چيو، "يا مرلي مرليڌر جي، چپن سان نه لڳائيندين ڀيڻ؟" چندر ۽ سڌا ٻئي سمجهي ويا.

ڀيڻيءَ چيو، "اڄ هو ڪيسو ته اچي ويٺي."

سڌا جي جيءَ ۾ جان آئي. چندر ڀيڻيءَ جو ڪن پڪڙي چيو، "تون تمام الٽو سڌو ڳالهائڻ لڳي آهين!"

ڀيڻيءَ ڪن ڇڏائيندي چيو، "ڪوڙ ٿو روئي ٿي چوان."

چندر چپ چاپ سڌا جي ڪمري ۾ ويٺو پڪوڙا کائيندو رهيو. پر واري ڪمري ۾ سڌا، ڪيسو، ٿورل ۽ حسرت ڳالهيون پئي ڪيون. ڀيڻي هنن کي ناشتو پهچائيندي رهي. ٿوري وقت بعد ڀيڻي پاٽي گلاس کڻي چندر وٽ پهتي. چيائين، "حلوو کڻي ٿي اچان، وڃجو نه." ۽ اک ڇنڀ ۾ هوءَ وري حلوو کڻي آئي.

"چڱو، مان هلان ٿو." چندر چيو.

"نه وهو، مان توهانکي هڪ چيز ٿي ڏيکاريان. ڪيسوءَ سان ته چار ڳالهيون ڪري اچان؟" ڀيڻي بيحد معصوم ادا سان چيو، "اچو حسرت ميان اچو." ۽ پل ڀر ۾ ننڍڙو بالڪ ڇهن سالن جو حسرت ميان، ريشمي ڪڙتو ۽ چوڙيدار پاجامو پائي، سهي جيان ٽپ ڏيئي ڪمري ۾ داخل ٿي ويو.

"آداب عرض!" هن ڏاڍي فضيلت سان چندر کي

لڳو. ڪڏهن وقت هنکي اچرج ٿئي لڳو ته ڪڏهن وقت دل ۾ سنتوش جو احساس ٿي آيس ته سندا خوشنصيب آهي جو هنکي اهڙو سٺو گهوٽ ٿو ملي. وري اهو ٻور اچڻ لڳس ته ڪوشل وچتر سڀاءَ جو نوجوان آهي . سندا هنسان الائي جالي سگهندي يا نه. پر وري سوچڻ لڳو ته سندا سڀ ڳڻ ڀاڳيوان آهي . اهڙو سٺو ڇوڪرو انهن ملڻ نهايت مشڪل آهي.

بنتيءَ چيو، ”ڇا توهين هنکي سڃاڻو؟“

”سندا ۾ هنکي ننڍي سان نه سڃاڻي، باقي شڪل ڪري ڪو نه سڃاڻيس. سٺو ڇوڪرو آهي، تمام سٺو ڇوڪرو آهي.“ چندر هڪ اونهو ساهه کڻندي چيو ۽ پوءِ چپ ٿي ويو. بنتيءَ پڇيو، ”ڇا پيا سوچيو؟“

”ڪجهه نه.“ چندر اکين ۾ ٻرجي آيل آلسن کي دٻائي چپن تي مرڪ آڻڻ جي ڪوشش ڪندي چيو. ”مان ويٺو سوچيان ته اڄ منهنجي دل ۾ ڪيڏو نه سنتوش، ڪيڏي نه خوشي آهي ته سندا هڪ تمام سٺي گهر ۾ وڃي رهي آهي. اهڙي پتيءَ وٽ وڃي رهي آهي جو نهايت بلند وچارن وارو جوان آهي.“ چوندي چوندي چندر جي اکين ۾ وري لڙڪ تري آيا.

بنتيءَ چندر جي تمام ويجهو اچي چيو، ”هي ڇا چندر بابا! توهانجي اکين ۾ آلسوا هي ته سٺو نٿو لڳي. جنهن پوترتا ۽ بلنديءَ سان توهان ديويءَ سان نباهيو آهي، انهن شايد ديوتائون به مشڪل ڪري سگهن ۽

۾ آيو ۽ سڌا جي ٽنگن کي چمڙي پيائين، ”سڌا ڏيڏي، مان حلوو کونه کائيندس.“

سڌا کلي ڏنو. ”پاڳل! وٺ کاءِ!“ حسرت جي وات ۾ حلوي جو ٽڪر ٽولسي، هنکي گود ۾ کڻي هوءَ چندر جي پاسي ۾ ويهي رهي ۽ هنکي گيسوءَ پاٺ پڙهائڻ لڳي. ”گرميءَ جي ڇٽين ۾ گيسو نئنيتال وڃڻي آهي. اختر جي اَمي جان ۾ اُلي ايندي ۽ مڱڻي جي رسم اُلهي ادا ڪئي ويندي. هيئنر هوءَ وڏيڪ ڪلاس پڙهندي. جولاءِ ٽائين هنجو نڪاح ٿي ويندو. هو سيئي رات واريءَ گاڏيءَ ۾ روانا ٿيڻا آهن.“ وغيره وغيره. بنٽي گيسو ۽ قـول سان ڳالهين ۾ مشغول هئي. ٿوري دير بعد سڌا اُٿي هلي وئي. چئي وئي: ”تون هيئنر وڃج نه، رسوئي هٿيئي ڪري وڃج. مان بنٽيءَ کي ٿو وٺ موڪليان ٿي، اسان ويهي ڳالهيون ڪجهه.“

ٿوري دير بعد بنٽي آئي، هنجي هٿ ۾ ڪجهه هو، جنهنکي هـن ساڙهيءَ جي ڪنڊ ۾ لڪائي ڇڏيو هـو. ”هيئنر ڏيڏي کانهي، جلدي ڏسي وٺو.“

چندر تعجب کائيندي پڇيو، ”ڇا آهي؟“

”ڏيڏيءَ جي گهوٽ جو فوٽو.“ بنٽيءَ مشڪي هڪ فوٽو چندر جي هٿن ۾ ڏنو.

”اڙي، هي نه مشر آهـي. ڪامريڊ ڪيلاش مشر.“ چندر جي دماغ ۾ بريليءَ وارا واقعا، لنبازي ۽ ٻيا سڀ واقعا گهمي ويا. چندر جي دل ۾ اُنوقت الائي ڇا ٿيڻ

رهي. چندر هنکي پاڻڏانهن ائين نهاريندو ڏسي پڇيو،

”ڇا ٿي ڏسين ڀتي؟“

”ڏسان ٿي ته توهين پلڪون ڇنڀيو ٿا يا نه.“ ڀتيءَ نهايت گنڀيرتا سان چيو.

”ڇو؟“

”ڇاڪاڻ جو مون ٻڌو آهي ته ديوتائون ڪڏهن به پلڪون نه ڇنڀيندا آهن.“

چندر جي مُنهن تي هلڪي مرڪ وري وئي.

”نه توهين مذاق نه سمجهو. مون پنهنجي زندگيءَ ۾ جيڪي به ماڻهو ڏٺا آهن، تن ۾ توهان جهڙو ڪوئي ڏٺو اٿم. توهين ڪيڏا نه اوچا آهيو. توهانجي دل ڪيڏي نه وشال آهي. ديدي سچ پچ ڀاڳوان آهي.“

چندر اُنجو ڪو به جواب نه ڏنو. چيائين، ”وڃ فونو ڪٽي اچ ته اڄ ٿي ڏيکاري ڇڏيانس. هينئر گهر ڇا وڃي ڪندس.“

ٻاپا جي کائڻ بعد چندر ۽ سڌا کائڻ ويٺا. مهراجڻ هلي وئي هئي، انهيءَ ڪري ڀتيءَ هنکي گرم گرم ڦلڪو پئي پهچايو. سڌا ريشمي ساڙهي اوڍي چونڪي اندر ويٺي کاڌو ۽ چندر چونڪي کان ٻاهر. ڏينهن جي رسوئي وقت ڊاڪٽر شڪلا ڇوت ڇات جو سخت پابند هو.

چندر سڌا کي چيڙائيندي چيو. ”ڏس، اڄ ڀتيءَ ڦلڪو پچايو آهي ته کهڙو نه سوادي ٿيو آهي ۽ تون

ڏيڏيءَ به توهانکي جيڪو نرمل پيار ڏنو آهي، اُنکي پاڻي ته انسان سوڙهه کان به مٿي پهچي ويندو آهي. فولاد کان به وڌيڪ مضبوط بڻجي ويندو آهي. پوءِ اڄ توهانجي اندر ۾ هيءَ ڪمزوري ڪيئن پيدا ٿي آهي! مونکي ته سچ پچ شرم پيو اچي. اڄ ٽائين ڏيڏي ته ٺهيو، پر مون کي به توهانتي ڪيڏو نه فخر هو! چڱو ترسو ته مان فونو واپس رکي اچان. متان ڏيڏي اچي وڃي." بنتي فونو کڻي هلي وئي.

بنتي موٽي ليستائين چندر پاڻ سنڀالي چڪو هو. ڪن پر بنتيءَ ڏانهن نهاري چيو، "مون انهيءَ ڪري ڪوله رکو هو، بنتي! مون اهو پئي سوچيو ته پوءِ هتي ڪيئن لڳندو! خير سڪ."

بنتيءَ چيو، "پر هڪ ڏينهن ته انهن ليٽو ٿي آهي. اهو سهڻو ٿي پوندو."

"انهن ته آهي. ڀلا سڏا هي فونو ڏنو آهي." چندر سوال ڪيو.

"اڇا نه. حقيقت ۾ ماما مونکي چيو ته سڏا ڪي اهو فونو ڏيکاريان، مگر مونکي همت نٿي ٿئي. مون هن کي چيو ته چندر اچي ته اُهو ڏيکاريندس. توهين جڏهن ٺيڪ سمجهو تڏهن ڏيکارجو س. جيئن جي ڏسهن اينده ۾ مدگل لي آهي." بنتيءَ چيو.

"اُڇا." چندر وري اونهو ساهه کنيو.

بنتي ٿورو وقت پڪ ٽڪ چندر ڏانهن نهاريندي

"چاهيان پيئي ته هاڻي ڪجهه ڪم ڪريان گهر جي. گهڻيئي ڪيل ڪم، ٻالپڻ گذاري ڇڏيم هيس."

"هن پنهنجو فوٽو به موڪليو آهي، ڏسندينءَ؟" چندر پنهنجي کيسي ۾ هٿ وجهندي چيو.

"ڪٿي آهي؟" سدا بيحد اتساهه وچان پڇيو. "ڪڍ، ڏسان."

"پهرين ٻڌاءِ ته انعام ڪهڙو ڏيندينءَ؟ ڏاڍي مشڪلات سان هنکان فوٽو گهرايو اٿم." چندر چيو.

"انعام ڏيندي سندس لوڪي!" ۽ سدا هڪدم جهٽ هڻي هنکان فوٽو کسي ورتو.

پوءِ دٻيل آواز ۾ چيو، "سدا ڏيندي، چولڪي مان هنکي ڇهي ورتم."

سدا ٿالهي ڇڏي اٿي ڪري ٿي. چندر کي ڇهڻ بعد هوءَ هيٺ چونڪي ۾ ويهي ڪافي نٿي سگهي.

پوءِ چيو، "چڱو فوٽو ملي ڏيندي، جو ڪاڏو به اٿو ۾ ڇڏي اٿيندءِ!"

سدا هٿ مهن ڏوني سارهيءَ جي پلو سان فوٽي جي ڪنڊ پڪڙي ڏٺو ۽ پوءِ چيائين، "چندر ڏس، هو سچ پچ ڪهڙو نه سٺو ٿو لڳي. هن جو چهرو ڪهڙو نه ليڪسوي آهي. پيشاني ڪهڙي نه ڪليل ۽ اوچي اٿس."

سدا اڃا فوٽي ڏانهن نهاريندي رهي.

"سٺو ٿو لڳيئي فوٽو، پسند آهي؟" چندر گنڀير لهجي سان پڇيو.

ڀڃائيندي آهين نه خبر ٿي ڪانه پوندي آهي نه ڦلڪو آهي يا ڪاڪر."

سدا کلي چيو، "سو تون مونکي ۽ ٻنهيءَ کي وڙهائڻ جي ڪوشش ٿو ڪرين! پر ٻنهي ۽ منهنجي ڪڏهن به لڙائي نه ٿيندي."

"اڙي اسين سڀ اها ڳالهه سمجهون ٿا." ٻنهيءَ سدا جي ڳالهيءَ ۾ ڦلڪو وجهندي چيو. سدا جڏهن ڪنڌ جهڪائي کائڻ لڳي ته ٻنهيءَ اک جي اشاري سان چندر کان پڇيو، "ڪڏهن ڏيکاريندينس؟"

چندر ڪنڌ ڌوڻيو ۽ سدا کي چيو، "تون هنکي چٺي لکندينءَ؟"

"ڪنهن کي؟"

"ڪيلاش مشر کي، هو ٻرٻاڻيءَ وارو. ٿورا ڏينهن اڳي هن خط لکيو هو جنهن ۾ منهنجي لاءِ به پرڻام لکيو هئائين."

"نه، مان خط پٽ ڪانه لکنديس. تون ڀلين هنکي هتي هڪ دفعو گهراءِ نه سهين."

"ها، هاڻي مهني پڻ اندر هنکي هتي سڏائيو. پوءِ توسان هنجي خوب واقفيت ڪرائيندس ۽ توکي هنجي پارٽيءَ ۾ ڀرتي ڪرائي ڇڏيو." چندر چيو.

"ڇا؟ مان مذاق ڪانه ٿي ڪريان. مان سچ پچ سماجوادي دل ۾ شريڪ ٿيڻ ٿي چاهيان." سدا چيو،

سمجهڻ يا نه؟ سو انهيءَ ڪري ٻئي هنڌ پيار ٻئي ڏيکاريءَ، هنڌ لاڏ ڪوڏ ٻئي ڪيءَ.“

”تون وڇن ڏٺي ڇڪي آهين!“ چندر جي آواز ۾ بيحد التجا هئي.

”چاچو وڇن! ڇا تون پنهنجا سپ وڇن پاليندو آهين؟ تنهن ڪانسواءِ هيئن دوکو ڏٺي وڇن وڻ! همت هيءَ نه صاف صاف چوڻ ها! مان ته جيڪي سمجهان ها، سو چوان ها. مونکي هيئن ٻڌي منهنجو ٻليدان ڏيڻ چوڻ تو چاهين؟“ سڌا کي بيحد غصي ڪارڻ روئڻ اچي ويو.

چندر حيران! هن اصل ڪلپنا ڪانه ڪئي هئي ته هيئن ٿيندو. هو ڪن پل خاموش بيٺو رهيو. سمجهه ۾ ٿي نٿي آيس ته سڌا کي ڇا چوي. هن اڳتي وڌي روئندڙ سڌا جي ڪلهي تي هٿ رکيو.

”هٿ هٽاءِ!“ سڌا نهايت رکائيءَ سان هن جو هٿ هٽائيندي چيو ۽ ساڙهيءَ سان منهن ڍڪي چيائين، ”مان شادي نه ڪنديس، اصل نه ڪنديس، ڪنهن سان به نه ڪنديس. توهين سڀئي جيڪڏهن مونکي مارڻ لاءِ تيار ٿيا آهيو ته مان هينئر ئي پنهنجو سر ڦوڙي ڇڏينديس.“ ۽ سچ پچ جوش ۾ اچي سڌا پنهنجو سر ديوار سان ٽڪرائڻ لڳي. ”اڙي!“ چندر ڊوڙي سڌا کي پڪڙي ورتو، مگر سڌا جنسي گرجنا ڪندي چيو، ”چندر، پري هٽي وڃ، مونکي هٿ نه لائج.“ هنم اڄ

”ها...ها، ٻين سماجوادين وانگر اصل ڪو نه ٿو لڳين.“ سدا وراڻيو.

”چڱو سدا، هيڏانهن اچ.“ چندر ۽ سدا ٻئي ڪمري ۾ پلنگ تي وڃي ويٺا. چندر، سدا جو هٿ جهلي اُن ۾ پيل منڊيءَ کي ڦيرائيندي چيو، ”هڪ ڳالهه ٻڌاءِ، مڃيندينءَ؟“

”ڪهڙي؟“ سدا نهايت معصوميت ڀري ادا سان چيو.

”پهرين ٻڌاءِ ته مڃيندينءَ؟“ چندر هن جي منڊيءَ ڏانهن ٽڪ ٽڪ نهاريندي چيو.

”ڇا مون ڪڏهن تنهنجي ڳالهه ٽاري آهي! ڪهڙي ڳالهه آهي؟“

”ڪهڙي به ڳالهه هجي، تون ضرور مڃيندين؟“ چندر وري به سوال ڪيو.

”چيم نه سهين ها، ها. تنهنجي ڀلا اهڙي ڪهڙي ڳالهه هوندي جا سدا مڃي نه سگهندي.“ سدا جي وچن مان، نهار مان، انگ انگ مان آتم سمرپڻ پئي ڇلڪيو.

”سدا! پنهنجي وچن تي قائم رهج. ڏس!“ هن سدا جون آڱريون پنهنجي اکين جي پلڪن سان لڳائي چيو، ”سدا! تون هن ڇوڪري سان شادي ڪري ڇڏ.“

”ڇا؟“ سدا جڻ چوٽ کاڌل هرڻيءَ جيان ٽڙڪي اُٿي.

”هن ڇوڪري سان! هيءَ آهي شڪل مون سان شادي ڪرڻ واري، چندر مونکي اهڙو مذاق اصل پسند نه آهي.

”خبردار جي اڳتي قدم وڌايو اٿيئي!“ چندر هينئر
هٿي ڪاوڙ ڪندي چيو، ”وڃ هٽي.“
”مان نه روڪبس،“ سڌا آکڙجندي چيو.
”نه روڪبين؟“
”نه روڪبس!“

چندر جو هٿ مٿي کڄيو ۽ سڌا جي ڳل تي هڪ زوردار چماٽ لڳي ويئي. سڌا جي ڳلن تي نيرا نيل جمي ويا. هوءَ حيران جڙ پٿر بڻجي ويئي. اکين جا آنسو جمي ويا. پلڪن جون نگاهون، زبان جو آواز، سيني جا سڏڪا، جڙ پٿر بڻجي ويا.

چندر هڪ دفعو سڌا ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ ڪرسيءَ تي ڪري پيو ۽ سر پڪڙي ويهي رهيو. سڌا به ڪرسيءَ نزديڪ زمين تي ويهي رهي ۽ سر چندر جي گوڏن تي رکي ڇڏيائين. پوءِ ڏاڍي پيار ڀريل آواز ۾ چيائين، ”چندر منهنجو هٿ نه ڏسان. توکي چوٽ ته ڪانه لڳي؟“

چندر سڌا ڏانهن نهاريو، اهڙي نگاهه سان جڻ قبر منهن کولي اوٻاسي ڏيئي رهي هئي. سڌا وري سڏڪا ڀرڻ شروع ڪري ڇڏيا. چندر جي پيرن تي پنهنجو سر رکي چوڻ لڳي، ”چندر، ڇا تون سچ پچ مونکي پنهنجي آسري کان هٽائڻ تي خوش ٿيندين؟ چندر، مذاق جي ڳالهه الڳ آهي. زندگيءَ ۾ نه هيئن دشمني نه ڪر.“

چندر اونهي ساهه کڻڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه چئي نه سگهيو. سو هٿن ۾ جهلي خاموش ويٺو رهيو. پنج منٽ گذري

اهڙي شڪتي الائي ڪٿان آئي هئي. هن جهٽڪو ڏيئي پاڻ کي ڇڏائي ورتو.

چندر ڏٻل آواز ۾ چيو، "ڇي سدا! مونکي تو مان هيءَ اُميد اصل ڪانه هئي. هيءَ جذبات توکي سونهي ٿي ٿي؟ تون اڄ ڳالهيون ڪهڙيون پيئي ڪرين. مان اُهو ٿي چندر آهيان نه!"

"نه هن نه مان...! هن سڄي دنيا ۾ بس تون ٿي وڃي بچئين، مونکي فوٽو ڏيکاري منهنجي پسندي پڇڻ لاءِ؟"

سدا سڏڪا ڀري روئڻ لڳي. "پاپا به مونکي هيئن ڏوکو ڏنو. مونکي پاپا مان به اهڙي اُميد ڪانه هئي."

"پڳلي ڪهڙي ٻيءَ پنهنجي ڌيءَ کي هميشه ڪنوارو وهاريو آهي!" چندر چيو.

"تون چپ رهه چندر، مونکي اڄ تنهنجون ڳالهيون زهر ٿيون پاسن.... سدا هي فوٽو توکي پسند آهي؟ تنهنجي زبان مان اهي لفظ نڪتا ڪيئن؟ مونکي اصل خبر ڪانه هئي ته توهين سڀ ائين ڪندا." سدا ٿورو وقت چپ چاپ سڏڪا ڀريندي رهي، پر پوءِ وري ڦاٽي اُٿي. "ڪٿي آهي اهو فوٽو، مونکي ڏي. مان هيئنر ٿي پاپا وٽ وينديس. مان هنکي چونديس: ها، مان هن ڇوڪري کي پسند ٿي ڪريان، هو ڏاڍو سٺو آهي، بيحد سندر آهي، مگر مان هنسان شادي نه ڪنديس. مان ڪنهن سان به شادي نه ڪنديس." ائين چوندي هوءَ ٻيءَ جي ڪمري ڏانهن هلڻ لڳي.

مان ڇا ڪريان؟ تون غصو نه ڪر، دکي نه ٿيءُ. تون آگيا ڏيندين ته مان ڪجهه به ڪري سگهان ٿي، مگر ان هتيا ڪرڻ کان اڳي اهو ڏس نه سهين، نه منهنجي دل تي ڇا ٿو وهي!“ سدا چندر جي چرنن کي اڃا به وڌيڪ زور سان پنهنجي سيني سان جڪڙيندي چيو.

”سدا، تون هڪ ڳالهه سوچ. تون جيڪڏهن سيني جو پيار وٺندي ٿي هلين نه توتي ڪجهه جوابداري به آهي نه! اڄ تائين بابا توکي ڪٿن پاليو آهي. ڇا هينئر تنهنجو فرض اهو آهي ته تون هنجي مرضيءَ کي ٺڪرائين! تنهن کانسواءِ ٻي ڳالهه سوچ. هنجو مون ۾ جڏهن وشواس هو، تڏهن ٿي ته مونکي ڇپائين ته توکي فوٽو ڏيکاريان، تنهنجي پسندي پڇان. هينئر جيڪڏهن تون انڪار ٿي ڪرين ته هڪ طرف بابا کي صدمو پهچائيندينءَ، ٻئي طرف هنجو مون ۾ هيلتائين جيڪو وشواس رهيو آهي، اهو ٽٽي پوندو. ڇا ان بعد اسين ٻئي هنکي منهن ڏيکارڻ لائق رهنداسين؟ ٻڌاءِ، تون ڇا ٿي چاهين؟ صرف پنهنجي ٿوري جذبات لاءِ سيني جي زندگي چوپٽ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي آهين. تنهنجي منهن تي اها ڳالهه پوي ٿي! بابا ڇا چوندو... نه چندر توکي اهاتي سکيا ڏني! دنيا اسانکي ڇا چوندي، ٻڌاءِ. اڄ تون شادي نه ڪر، ٻر سيان کان وٺي بابا هميشه دکي رهي ۽ دنيا اسانتي ملامت مڙهيندي رهي، پوءِ تون خوش ٿيندينءَ؟ ٻڌاءِ، خوش ٿيندينءَ؟“

”نه.“ سدا جي آواز ۾ لرزش هئي.

ويا. ڪمري ۾ سناٽو، گهري خاموشي! سدا چندر جي چرنن کي پنهنجي سيني سان لڳائي پالهين نگاهن سان نه معلوم ڇاکي تڪيندي رهي، ديوارن پار، ڏسائن پار، اُفق پار! ديوار تي ٽنگيل گهڙيال ٽڪ... ٽڪ ٿي ڪئي!

چندر نيٺ ڪنڌ کڻي چيو، "سدا هيڏانهن مونڏانهن نهار!" سدا منهن مٿي ڪيو. چندر چيو، "سدا، تون نه معلوم مونکي ڇا سمجهندي هوندينءَ مگر تون جي سمجهين سگهين نه مان ڇا پيو سوچيان، ڇاٿو سمجهان!...." سدا جواب ڪونه ڏنو.

چندر چوندو هليو، "سدا مان تنهنجي من کي سمجهان ٿو. تنهنجي من جيڪي توکي نه ٻڌايو، سو مونکي ٻڌائي ڇڏيو هئائين. مگر سدا اسين هڪ ٻئي جي زندگيءَ ۾ ڇا انهيءَ لاءِ آياسين ته هڪ ٻئي کي ڪمزور بڻايون. سورهيه جي اٺاهينءَ تي وڃي اسان آتمڪ سنگيت صرف انهيءَ لاءِ ٻڌو ته انکي شاديءَ جي شرنائيءَ جي آلاپ ۾ بدلائي ڇڏيون."

"مونکي غلط نه سمجھ چندر! مان گيسو ڪالھ آهيان جا اختر سان شادي رچائڻ جا سپنا پيئي لهندي آهي. ۽ چندر تون به اختر ڪونه آهين. مان ڄاڻان ٿي ته مان تنهنجي لاءِ رڪڙيءَ جي سٽ کان به وڌيڪ پولر رهي آهيان، مگر مان جهڙي آهيان تهڙي ئي تون مونکي رهڻ ڇوله ٿو ڏين. مان ڪنهن سان به شادي نه ڪنديس، مان پاپا وٽ رهنديس. شاديءَ لاءِ منهنجو من نٿو مڃي،

سهائيتا لئي وشواس رکيو هو. ڇا اڄ تون منهنجو اهو وشواس ٽوڙي ڇڏيندينءَ؟ سدا، اڄ تون اهڙي ظالم ڇو ٿي رهي آهين؟ تون ساڌارڻ ڇوڪري نه آهين. تون ڏور ستاري کان وڌيڪ روشن آهين. تون انهن ڇو ٿي چاهين ته دنيا ٺولاءِ ۽ انهن ٿي چوي ته سدا هڪ معمولي جذباتي ڇوڪري آهي. ۽ اهو سڀ مان پنهنجي ڪن سان ويهي ٻڌان! ٻڌاءِ سدا." چندر سدا جي مٿي تي هٿ ڦيريندي چيو.

سدا پنهنجون نگاهون مٿي ڪيون. ڪيڏو نه گونڌر هو انهن نگاهن ۾! انهن نگاهن سان چندر ڏانهن نهاري هن اهي وري جهڪائي ڇڏيون. سدا جي مٿي تي وري ۽ هٿ ڦيريندي چندر چيو، "سدا، مان ڄاڻان ٿو ته مان توتي شايد بيحد سختي ڪري رهيو آهيان، مگر توکان سواءِ منهنجو ٻيو آهي ڪير، ٻڌاءِ؟ توتي ئي ته مان پنهنجو اڌڪار آزمائي سگهان ٿو. مونتي وشواس رک سدا. زندگيءَ ۾ جدائي، وڇوڙو، ڏک، پيڙا ئي انسان کي مهان بڻائي سگهن ٿا. جذبات ۽ عيش ڪڏهن به اسانکي اوچائيءَ تي پهچائي نٿا سگهن. ٻڌاءِ سدا، توکي ڇا پسند آهي؟ مان مٿي چڙهان تنهنجي وشواس جي سهاري يا تون عرش تي پهچين منهنجي ايمان جي سهاري. انهيءَ کان بهتر ٻيو ڇا ٿي سگهي سدا! چاهين ته منهنجي جيون کي پوتر ساڳ ٿا بڻاءِ، چاهين ته انکي نرڪ ۾ ڌڪي ڇڏ!"

سدا هڪ اونهو سرد ساهه ڪڍيو ۽ ڪن پل انتظار ڪيائين. پوءِ چيائين، "اهڙي ڪهڙي لڪڙ آهي چندر! تون

"اڃا بي به ڳالهه آهي سڌو. سون جي پرک باهه ۾ ٿي ٿيندي آهي. باهه ۾ پوڻ سان اهو جڏهن وڌيڪ چمڪندو آهي، تڏهن ئي سچو سون سڏائيندو آهي. مون توهانجي شخصيت کي ڏٺو آهي يا تو منهنجي شخصيت کي ڏٺو آهي، اهو صرف تڏهن ئي پڌرو ٿيندو جڏهن اسين مشڪلاتن، ڪشٽن، جڏ ٻاڻي طوفانن سان کيليون، انهن جو مقابلو ڪندي اُن مقابلي ۾ سوڀارا ثابت ٿيون، تڏهن ئي چئي سگهبو ته اسان هڪ ٻئي جي جيون ۾ پرڪاش آندو، ٻل پريو. جي تون هميشه منهنجي ٻانهن جي آسري هلين ۽ مان توهانجي نگاهن جي ڇانو ۾ رهان ۽ دنيا جي طوفانن کان اسين بچندا رهون ته اها ڪائرتا چئبي. ڇا مونکي ائين سٺو لڳندو ته دنيا منهنجي سڌا کي ڪائر سڏي! سڌا، جنهن تي مونکي هميشه ناز ۽ فخر پئي رهيو آهي، سا ڇا پاڻکي ڪائر سڏائڻ پسند ڪندي."

"ها." سڌا وري ڇنڊر جي گوڏن ۾ منهن لڪائي ڇڏيو.

"ڇا، مان اهي لفظ سڌا جي ڇپن مان ٿو ٻڌان؟ ڇپي پڳلي! اڄ تائين توهانجي نگاهن منهنجي پراڻن ۾ امرت ٿي پريو آهي ۽ منهنجي سواسن توهانجي پراڻن ۾ طوفان جو ويگ. اسانکي ته پاڻ خوش ٿيڻ گهرجي ته اڄ اسانجي سامهون جا وامت آئي آهي، انتي اسانکي اهو ثابت ڪرڻ جو وجهه مليو ته اسان هڪ ٻئي کي هميشه پولسرتا ۽ اوچائي پئي ڏني آهي. مون اڄ تائين هميشه توهانجي

ٿوري دير بعد سدا چندر جي چرڻن کي وهاڻي ڏانهن ڇڪيو ۽ انهن ۾ منهن لڪائي ويهي رهي. بنتي آئي ۽ سدا چري ٿي ڪانه. چندر ڏٺو ته هوءَ اُٿين سندس چرڻن ۾ منهن لڪائي ويٺي آهي ۽ نند اچي ويئي اٿس. بنتيءَ ڏونو ڪنڌجي اشاري ۾ پڇيو، ”منظور؟“

”ها.“

بنتي جواب ٻڌي خوش ڪانه ٿي. هن هڪ دفعو چندر ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ سر جهڪائي هلي ويئي.

سدا سمهي پيئي هئي. چندر جي پيرن تي هنجي گرم ساهن هلڪيون ٿوڪون پئي ڏنيون. هو خاموش ويٺو رهيو. هنکي چرڻ جي، سدا جي نند ٽٽڻ جي همت نه ٿي. ٿوري دير بعد جڏهن سدا پاسو بدلايو ته چندر اٿيو. هو ٻاهر اڱڻ ۾ کوچ تي اچي ويٺو ۽ نه معلوم ڇا سوچيندو رهيو.

جڏهن وري اٿيو ته ڏٺائين ٻاچا لڙي چڪا آهن ۽ سدا سندس سيرانديءَ کان ويٺي مٿس پکو پيئي جهولي. هن ڏانهس گنهگاري نگاهن سان ڏٺو. سدا ڏايي ڪشت سان پنهنجون نگاهون ڦيرائي ڇڏيون ۽ ديوارن جي چوٽين تي آخرين پساه کڻندڙ، موت جي آس تي براجمان ڌوپ ڏانهن نهارڻ لڳي.

چندر اٿي ويٺو ۽ ڪجهه سوچڻ لڳو ته سدا پڇيس،

”سيان ايندين يا نه؟“

”ڇو نه ايندس.“ چندر وراڻيو.

جيڪي چوندين مان ڪندس.“ هن جي آواز ۾ وري
سڏڪا ڀرجي ويا. ”مگر اهڙي ڳڙ چوڻو ڪرين، اڃا
مونکي پڙهڻ ڏي، سکڻ ڏي.“

”نه. ههڙو سٺو ڇوڪرو وري نه ملندو ۽ هن ڇوڪري
سان ته تون شاديءَ بعد به پڙهي سگهين ٿي. مان هنکي
سڃاڻان. هو جنسي ديوتا آهي. ٻڌاءِ، مان پاپا کي چوان
ٿي، ته توکي پسند آهي.“

سڏا چپ رهي.

”ان ماٺ جو مطلب ڇا آهي، ها يا نه؟“ چندر وري
سوال ڪيو.

سڏا اڃا به وات ڪونه کوليو. صرف هٿ جهڪي
چندر جي چرڻن کي جهٽ پنهنجي چپن سان ٿي ڇهيائين
ٽن هنجي اکين مان به گرم آنسو به اُٿهن لي ڪري پيا.
چندر سڏا کي اُٿاريو ۽ هنجي مٿي تي هٿ رکي چيائين،
”ايشور تنهنجي آتما کي هميشه اوچو رکندو، سڏا.“ پوءِ
اوٺهو ساه کڻي چيائين، ”مونکي توتي فخر آهي“ ۽ هو
فونو کڻي ٻاهر هليو ويو.

”ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ وڃ نه!“ سڏا هنجو ڪڙتو
پڪڙي بيحد نيزاري ڪندي چيو.

”چندر پلنگ تي ويهي رهيو. سڏا وهاڻي تي سر رکي
ليٽي پيئي ۽ قاتل اکين جي جڙ نگاهن سان نه معلوم ڇا
ڳڻيندي رهي. چندر چپ هو، بلڪل خاموش. ڪمري
۾ صرف گهڙيال جو آواز پئي آيو... ٽڪ... ٽڪ!

ڊاڪٽر شڪلا چيو، ”اڄ. سڌا ڇا چيو نه پسند آئس.“

”ها، هنکي ڪوبه اعتراض نه آهي.“

”مونکي اهڙي خبر هئي. سڌا اهڙي سٺي ۽ اهڙي سشيل آهي، جو هوءِ ڪڏهن به منهنجي اِڇا جو اُلنگهڻ نه ڪندي. مگر چندر ڪالهه کان هن ڪاڏو پيتو ڇڏي ڏنو آهي. ڀڳوان، انهيءَ مان ڀلا ڪهڙو فائدو. ڇا منهنجي وس جي ڳالهه آهي؟ مان هنکي هميشه نه پاٽوت رکي ٿو سگهان. اڄ صبوح جو نيرن وقت نه هوءِ منهنجي اڳيان به ڪانه ويٺي.... تون ئي ڀڳوان، منهنجو ان ۾ ڪهڙو قصور آهي؟“

چندر خاموش! پوءِ پڇيائين، ”سڌا آهي ڪٿي؟“

”ڪٽريج ۾ مونڙ پيئي ٿاهي. ڏاڍي منع ڪئيمانس نه سخت اس آهي، لڪ پيئي لڳي، مگر هوءِ ڇڏي ڪٿي ٿي! ڀڳوان، هنجي اها پريشاني مونکي ڪٿان وڻندي؟ وڃ چندر، تون ئي وڃي هنکي سمجهاءِ. مان ڇا چوانس.“ ڊاڪٽر جي آواز ۾ درد ڀريل هو.

چندر اٿي هليو ويو. ڪٽريج ۾ ڪافي گرمي هئي، مگر هتي الي لڏو وڇائي سمهي پيئي هئي ۽ سڌا مونڙ جو ڍيڪ لاهي اُنجي صفائي ڪرڻ ۾ مشغول هئي. هتيءَ کي هوش ڪونه هو. وهاڻي ۽ لڏي ٽان هئي زمين تي وڃي پيئي هئي ۽ هنجي چوني ستل ٽانگڻ جيان پئي پاسي. هتيءَ جو هڪ هٿ چاليءَ تي، ٻيو هٿ زمين تي

”مون سمجهيو ته شايد هيئنر ڪان ئي دور رهڻ چاهيندين.“ سدا هڪ اونهو ساهه کڻي چيو ۽ وڇڙي جي اوٽ ۾ لڙڪ اُگهي ڇڏيائين.

ڇندر ٻئي ڏينهن صبوح جو ڪونه ويو. هنجي ٿيسز جو وڏو حصو ٽائيپ ٿي اچي ويو هو، سو اُنکي سڌارڻ ويهي ويو. ساڳئي وقت اڄ الائي ڇو هنکي اُلي رچڻ جي همت نٿي ٿي، جيتوڻيڪ من ۾ سدا جي چنتا به هيس. هوءَ ڪالهه کان تمام مرجهائي وئي هئي. ڇندر کي رکي رکي پاڻتي غصو پئي آيو. ڪيس خبر هئي ته پاڻ پنهنجن هٿن سان پنهنجي خوشيءَ ۽ سک جي قبر کوٽي رهيو آهي، پوءِ به هن اها واٽ ورتي ڇاڪاڻ جو ڪيس اها خبر هئي ته سورن جو پيچرو ئي زندگيءَ جو صحيح پيچرو آهي. هن پنهنجي جيون ۾ هلڪائي، سستائي نٿي آڻڻ چاهي، هو اُنجي سخت خلاف هو. مگر هيلاءِ سدا جي اکين جو هڪ لڙڪ به اُشت مثل هو ۽ سدا جي پشپائين ڇهري تي اُداسي ۽ غم جي سگهڻي ريکا ڏسندي پئي هو جيسي پاڳل ٿجي ويندو هو. صبوح جو هو ڪونه ويو ته پوءِ هو خود پڇتائڻ لڳو ۽ بيصبر ٿجي شام جي پنجن بجن جو انتظار ڪرڻ لڳو.

پنج لڳا ته هو سائيڪل کڻي اُلي پهتو. ڏٺي، سدا ٻئي ڪونه هيون. ڊاڪٽر شڪلا اڪيلو پنهنجي ڪمري ۾ ويٺو هو، جو ڇندر اُلي پهتو.

هجي ته من اُن ۾ دل لڳي. انهن هتي موٽر ٺيڪ ڪرڻ هلي آيس."

"ڇو اڄ ڪولا ۾ دل ڇو نه لڳي؟ تعجب آهي... ڪيترو سال گذريا تون ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪولا پڙهندي گذاري ڇڏيندي آهين!"

"اڄ شايد دل ۾ ڪنهن کي پيار ڪندي هيس، تڏهن ڪولا ۾ مزو اچي ويندو هو." سڌا کي تنهن ڏينهن جي ڳالهه ياد اچڻ تي اُداس ڪل اچي وئي. "هينئر شايد ڪنهن کي پيار ڪانه ٿي ڪريان ته ڪولا ۾ مزو نٿو اچيم. هينئر اهي ڪولائون پيرس، پيچان ۽ اَسپاوپڪ پيئون لڳن. دل جي درد اڳيان اُهي نهايت ڦڪيون آهن."

۽ هوء وري موٽر جي پرزن ٺيڪ ڪرڻ ۾ لڳي وئي. چندر چپ چاپ موٽر جي دروازي کي ٽيڪ ڏيئي بيٺو رهيو، دل ۾ الائي ڇا سوچيندو رهيو.

سڌا سر کڻڻ کانسواء، ٽڙي ٽي ٽڙي، هڪ همت سان هڪ پرزي ٽي تار وهڙ هيندي چيو، "چندر، تنهنجي دوست جا عزيز اچڻا آهن... اينده منگل تي. جلدي تياري ڪري اٿيئي."

"ڪهڙا مترا ڪهڙا عزيز!"

"منهنجو ڏير ۽ سس اچڻا آهن، مونکي ڏسڻ لاء. هنن پنهنجي اچڻ جو ڏينهن ڦيرائي ڇڏيو آهي. تياري ڪرڻ لاء فقط ڇهه ڏينهن آهن."

چندر ڪوبه جواب ڪونه ڏنو. ٿوري دير ترسي سڌا

هو ۽ ساڙهيءَ جو پلؤ چادر بڻجي ويو. چندر جي پيرن جي آهٽ تي سدا منهن ڦيرائي، هلڪي ڏسي چيو، ”اڄ چندر!“ هنجي چپن تي مرڪ آئي پر ملول. اُن مرڪ جي خوشي، موهٽي لڙهجي چڪي هئي، اُنجو صرف پاڇو باقي بچيل هو. سدا اوچتو ٻنهيءَ ڏانهن نهاريو. ”اڙي، سمهي ڪيئن پيئي آهين! اُٿ، چندر آيو آهي.“ ٻنهيءَ اکيون کوليون، چندر کي ڏٺو، ليٽيئي ئي لمسٽي ڪيائين ۽ پوءِ ساڙهي سنڀالي پاسو ورائي وري سمهي پيئي.

سدا چيو، ”هيءَ ڪمبخت نه سڄو ڏينهن ننڊون پيئي ڪري. هيڏو چيومانس نه ڪمري ۾ وڃي پلنگ هيٺان سمهه، پر هوءَ ٻڌي ڇو ٿي. مان ڳڙيج ۾ هجان نه هيءَ پلاڪمري ۾ ڪيئن سمهي! جيتي مان مرانديس، اُتي هيءَ مرندي.“

”نه، تون ڳڙيج ۾ ڇو آئي آهين؟ هيٺ مونکي صفا ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت پيئي هئي؟“ چندر چيو. مگر ڪوشش ڪندي به هو اڄ پنهنجي آواز ۾ آيل جيان غصو پري نه سگهيو. نه معلوم هنجي اها ڪاوڙ ڪيڏانهن هلي ويئي هئي.

”نه چندر، اڄ منهنجي طبيعت ٺيڪ نٿي لڳي. چا ڪريان.... موڙهي ڪنيم، اهو به رکي ڇڏيم. ڪوٽا ڪنيم، پڙهي نه سگهيس. اڄ اُنم ذرو به چاهه نه لڳو. لڏهن سوچيم ته ڪو سخت، ڪٺور ڪم ڪريان جنهن ۾ لوهه فولاد جو مقابلو

هلڻ مون ٺيڪ ڪرڻ. پاپا ڪيڏو نه دکي ٿي رهيو
آهي. ڇا تنهنجو هيئن هلڻ ٺهي ٿو؟ پوءِ ڏاڍو ٿي ڪهڙو!
هونءَ دکي نه ڪري هيئن دکي ڪرڻ، ڳالهه نه اهائي
وڃي پيئي نه! شاباس تڏهن آهي، جڏهن تون پنهنجي
هٿن سان پنهنجي دنيا جلائي خاڪ ڪري ڇڏين؛ پوءِ به
منهن تي گهنج نه پوي، چپن مان شڪايت جي صرف سي
نه نڪري. هيلتائين تو دنيا جي اوچائن تي پهچي به
جنهن پنهنجو ٻالپڻو، پنهنجي معصوميت قائم رکي هئي،
ليڪن هينئر دنيا جو سڀ سک عيش لٽائڻ بعد به تون
پنهنجو اهو ٻالپڻو، پنهنجي اها معصوميت ڇو نه ٿي قائم
رکين!"

"ٻالپڻ!" سدا کلي چيو. "چندر، ٻالپڻ هينئر ختم ٿي
ويو. مان وڏي ٿي ويئي آهيان."

"وڏي ٿي ويئينءَ! ڪڏهن کان؟"

"ڪالهه منجهند کان!"

چندر خاموش. ٿوري دير بعد وري سدا ٿي چيو،
"نه چندر، مان اڄ ٽن ڏينهن ۾ ٺيڪ ٿي ويندس. تون
گهٻرائج نه. مان موت جي سيجا تي به تنهنجي آديش
کي مان ڏيئي مشڪندي رهندس." ائين چئي سدا
وري خاموش، پورن ۾ وڙ هڻي، وڃي رهي. چندر به
چپ چاپ سوچيندو رهيو. نيٺ چيائين، "سدا! تو کي
منهنجي ذري به پرواه نه آهي؟"

"تڏهن ڪنهن جي پرواه اٿم چندر! تنهنجي پرواه

وري چيو، ”اگر ٺيڪ سمجهين ته ٿوري ڪريم پائوڊر وٺي اچج. لڳائي پاڻکي گوري منهن ۾ هٽايان ته شايد اڳهامي وينديس. ڪيئن، ٺيڪ آهي نه!“ سدا عجيب نموني ٽهڪ ڏنو ۽ چندر ڏانهن نهارڻ لڳي. چندر ٻاهران خاموش هو پر هن جي اندر ۾ هڪ عجيب پيڙا هئي، جنهنجو پاڇو هن جي پيشانيءَ تي پئي پيو.

سدا مونڙ جو ڪور ڀڪي چندر وٽ اچي چيو، ”ڇو چندر، توکي منهنجي ڳالهه پسند نه آئي؟ ڇا ڪريان، ڳالهه ڪان وٺي مونکي اهو به وسري ويو آهي ته مذاق ڪيئن ڪجي. ڇرڇوٽي ڪريان ته ڇٽر ٽي ٽي وڃي، مگر چندر مون توکي ڪجهه به چوڻ نٿي چاهيو.“ سدا جي ٻولڻ ۾ بيحد لاڏ هو، ”ڇگو ڪان ڪجهه به نٿي چوان“ ۽ هن پنهنجي ساڙهي سنڀالڻ لاءِ هٿ ڪڍيو. هن جي هٿن ۾ ڪارا لڳل هئي. چندر سمجهيو ته سدا منهنجي ڪلهي تي هٿ ٿي رکي، سو پري هٽي ويو ته سدا چيو، ”گهٻرائجين ڇو ٿو ديوتا! تنهنجي اوجل ڪايا تي مان داغ ڪانه لڳائينديس. اها ڪارڻ مان پنهنجي پلاند سان اگهي ڇڏينديس.“ ۽ سچ پچ ساڙهيءَ جي پلاند سان هٿ اگهندي چيائين، ”ٻڌي، هل ته اندر هلون. اٿ پلي، جلدي ڪر.“

اُتي چندر ڪي صوفا تي وهاري سدا هن جي پير ۾ ٽي ويٺي ۽ آگرن مان ٽڪاءُ ڪيندي چيائين، ”چندر، منهنجي مٿي ۾ ڏاڍو سور آهي.“

”مٿي ۾ سور نه ٻولڻ ته ڇا ٿيندءِ! هيڏي لڪ ۾

"اڙي ٻوڪي موٽر جي پٺيان وهڻ لاءِ ٿي چوان ٿا! پٺيءَ سيٽ لئي وهڻ لاءِ ٿي چوان." سدا وري سوال ڪيو.

"او....مون سمجهيو ته تون موٽر جي پٺيان ڀڄڻ لاءِ ٿي چوين، جئن ٻڪريءَ ۾ سٽس پٺيان ڀڄندو آهي، تئن. مان ته توسان گڏ ڊوڙندس." هيءَ اڄ چنچل ٿي آئي هئي.

"اڄ تنهنجو ٻالپڻ وري موٽي آيو آهي، ٻلي ڪٿان جي! هل، ويهه اچي مون وٽ." هيءَ مشڪندي سدا جي ڀر ۾ وڃي ويٺي. سدا پيار مان هنکي پاڻ ڏانهن ڇڪيو. چندر پٺيان ٿي ويٺو ته سدا چيس، "هرج نه سمجهين ته تون به اڳيان اچي ويهه. باقي جي ويچو رکڻ چاهين ته پٺيان ويٺو هج."

چندر به اڳيان اچي ويٺو. هڪ طرف چندر، ٻئي طرف سدا، وچ ۾ هيءَ.

موٽر هلي ته هيءَ رڙ ڪئي، "اڙي منهنجو ماستر صاحب!"

چندر ڏٺو ته ڀسريا سامهون بيو وڃي. چندر رڙ ڪري هنکي چيو، "اڄ پڙهڻ ڪونه ڏيندو." سدا موٽر روڪي ڪانه.

چندر کي بيحد تپرس لڳو جڏهن ڏٺائين ته موٽر ٻنهيءَ جي بنگلي اڳيان اچي بيٺي آهي. پڇيائين، "هتي ڇو؟"

"ائين ٿي." سدا وراڻيو. "اڄ دل ٿي ته ٻنهيءَ رت هلي انگريزي ڪوٺا پڙهان."

نه هڄيم ها نه مان ٻه ڏسان ها، مونکي ڪير ٿو جهڪائي سگهي. اڄ ڪان سال اڳي جڏهن مان ڳوٺ مان پاپا وٽ آئي هيس، تڏهن مونکي ڪڏهن ٻه اهو ويچار ڪونه آيو ته هڪ ڏينهن مان ڪنهن جي اڳيان ايڏو جهڪي سگهنديس... چندر، اڄ من ڏاڍو اُچاٽ آهي، هل ڪٿان گهمي اچون. هلندين نه؟"

"هل." چندر وراڻيو.

"ٻس، ٻنٽيءَ کي اُٿاري اچان. هوءَ ڪمبخت اڃا سمهي پيئي آهي." سدا اٿي هلي وئي. ٿوري دير بعد ٻنٽي اکيون مهٽيندي ٻغل ۾ تڏي دٻائي اچي آئي ۽ وري ورانڊي ۾ ويهي جهونا ڪاڻ لڳي. پنيان سدا وڃي هنجي چوٽي ڇڪيندي چيو، "اٿ تيار ٿي وڃ! گهمڻ هلڻو آهي."

ٿوري وقت ۾ سڀيئي تيار ٿي ويا. سدا وڃي گئرج مان موٽر ڪڍي آئي. چندر ڪان پڇيائين، "تون هلائيندين يا مان هلايان؟ اڄ مونکي هلائڻ ڏي. هل ته اڄ ڪنهن وڻ يا پهاڙ سان هن موٽر جو ٽڪر ڪارايان."

"اڙي باپ ڙي!" پنيان ٻنٽيءَ رڙ ڪئي، "نه مان ڪانه هلنديس."

سدا ۽ چندر ٻنهي ڪنڌ وراڻي هنڌاهن ڏنو ۽ هنجي گهٻراهٽ ڏسي دنگ رهجي ويا.

"نه، تون مرندينءَ ڪانه." سدا چيو ۽ هوءَ اڳيان ويهي رهي. ٻنٽيءَ ڪان پڇيائين، "تون پنيان ويهندينءَ نه."

"نه پاپا موٽر هلندي ته مان ڪري پونديس."

پاڙسوٽ سڏيو. چندر اُتي پيءُ وٽ وڃي ويٺو. ٿورو وقت اُنهن ڳالهيون ٻڌندو رهيو. پتو پيو ته پرئي ڪنهن دوست سان گڏ شڪار کيلڻ ويو آهي. اڄ ڪلهه هو دل جي شڪل جو دفتريءَ جو خاڪو ڪڍي اُن تي تير چِٽڻ جي ڪوشش ڪندو ٿي رهيو. ڪنهن جهرڪيءَ وغيره کي ماريندو هو ته اُنکي ڪٽي اهوئي ڏسندو هو ته گولي انجي دل ۾ لڳي يا نه. صحت هنجي سڌرندي ٿي ويئي. سدا ڪوچ تي سر رکي اُداس ويٺي هئي. اوچتو پيءُ ٻنتيءَ کي چيو، ”مون توهانکي اڄ پهريون دفعو ڏٺو آهي، توهين ڳالهايو ڇو نه ٿا؟“

ٻنتي سهڻي ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو. ڏاڍي وچتر ڇوڪري آهي. هميشه خاموش رهندي، پر ڪنهن وقت وري پـور آس لـ پنهنجي غون سان سڄو گهر گوڄائي ڇڏيندي. چپ هوندي هئي ته اڪثر اکين جي نگاهن، ڳلن جي رنگ جي لاه چاڙهه ۽ چپن جي مرڪ دوارا ٿي ٻوليندي هئي. پيءُ پڇيس، ”توهانکي گلن سان شوق آهي؟“

”ها....ها.“ ٻنتيءَ ڪنڌ ڌوڻي اُتر ڏنو.

”چندر توهنکي وڃي گلاب ڏيکاري اچيس. ڏاڍا سٺا ٽڙيا آهن.“

ٻنتيءَ سدا کي چيو، ”هل ديدي!“

”تون وڃ، مان پيءُ سان ڳالهيون ٿي ڪريان.“

"سوين لڳو ڇو ٿي ته اڄ ڪوتا پڙهڻ ۾ منهنجو من نٿو لڳي."

"تون ڪجهه به چؤ نه چندر. اڄ مونکي ڇڏي ڏي ته جيڪي من ۾ اچيم سو ڪندي رهان. منهنجي مٿي ۾ ڏاڍو سور آهي ۽ مونکي ڪجهه به سمجهه ۾ نٿو اچي ته ڇا ڪريان. چندر تو ستو نه ڪيو."

چندر جواب ڪونه ڏنو، چپ چاپ اُٿي ويو. سدا پٺيان بنتي هٽڪندي پئي آئي.

پميءَ ڪجهه لکيو ويٺي. هن اُٿي سيٺي جو سواگت ڪيو. هڪ ڪوچ تي هوءَ ويٺي، ٻئي ڪوچ تي سدا، چندر ۽ بنتي ويٺا. سدا پميءَ سان بنتيءَ جي واقفيت ڪرائي ۽ جڏهن پميءَ اُٿي بنتيءَ سان هٿ ملايو ته الائي ڪهڙي ڪارڻ بنتيءَ چندر ڏانهن نهاري مشڪي ڏنو، شايد اُن ڏينهن واري گهٽنا ياد اچي ويس.

اوچتو سدا کي به نه معلوم ڪهڙو خيال آيو.... شايد بنتيءَ جي شرارت ڀري مرڪ تي ئي هنکي اهو ويچار آيو. هن چندر کي چيو، "چندر، تون پميءَ سان ئي ويهه، دوستن کي هميشه گڏ وهڻ گهرجي."

"ها ۽ خاص ڪري جڏهن اهي ڪڏهن ئي ملندا هجن." بنتيءَ مشڪي سدا جي ڳالهه کي وڌائيندي چيو. پمي هنجو مذاق سمجهي ورتو ۽ بنا شرمائڻ جي چيائين، "اسانکي وچواري جي ضرورت نه آهي! مهرباني. اڄ چندر، هتي اچي ويهه." پميءَ چندر کي

"نه... نه."
"اڄ توهين تمام پيلا نظر پيا اچو."
"ها، من ڪٿي لڳو نه. توهان وٽ هلي آيس. چيم، توهانجون ڪوتائون ٻڌنديس... انگريزيءَ ۾. منجهند جو مون پنهنجي سر ڪوتا پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر دل نه لڳي ۽ شام جو وري ائين محسوس ڪرڻ لڳيس نه ڪوتا نه ٻڌنديس ته سر ڦاٽي پوندم."
"توهانجي من ۾ ڪا وياڪلتا آهي، ڪا هلچل آهي. يا شايد......هڪ ڳالهه پڇان؟"
"پڇو."
"توهانکي خراب ته ڪونه لڳندو؟"
"نه، خراب ڇو لڳندو؟"
"توهانکي چندر سان پيار ته ڪونهي؟ هنسان شادي ڪرڻ چاهيو ٿا ڇا؟"
"ڇي ڇي! مس پمي توهين هي ڳالهيون ڪهڙيون ٿا ڪريو. منهنجي جيون ۾ هلاءِ اها جاءِ ئي آهي. ڇي ڇي. توهانجون ڳالهيون ته سڀ ۾ جنسي ڪنڊا ٿي ٿيون چڀن. مان ۽ چندر سان شادي ڪنديس! اهڙي تفريت ڀري ڳالهه نه مون ڪڏهن ڪانه ٻڌي!"
"معاف ڪجو. مون توهان کان ائين ئي پڇيو هو. ڇا هو.... چندر کي ڪنهن سان پيار آهي؟"
"نه، بلڪل نه." سدا اهڙيءَ وشواس سان جيئو جهڙي وشواس سان هن پاڻ بابت ڳالهايو هو.

گلن وچ ٻهڪي ٻنتيءَ چندر کي چيو، ”ڏسو، ڏيڍيءَ کي الائي ڇا ٿو ٿيندو وڃي.“

”مان خود پريشان آهيان، ٻنتي! مگر نه معلوم دل جي ڪهڙي ڪنڊ مان هڪ وشواس پريو آواز هردم ائين ٿي ٿو چوي ته، سدا پاڻ سنڀالي ڄاڻيٽي، پنهنجي من جو ميزان رکي ڄاڻيٽي، سدا سچ پچ ليلاڳ جي مهما پروڙي ٿي....“ انهيءَ بعد چندر اوچتو خاموش ٿي ويو. هن ٻنتيءَ سان سدا جي باري ۾ وڌيڪ بحث ڪرڻ نٿي چاهيو.

چندر کي خاموش ٿيندو ڏسي ٻنتيءَ چيو، ”توهان کي هڪ ڳالهه چوان مڃيندا؟“

”ڇا؟“

”مونکان جيڪڏهن ڪا غير واجب ڳالهه ٿي وڃي ته مونکي معاف ڪري ڇڏجو. توهين ۽ ڏيڍي ٻئي مونکي ايترو ته پيار ٿا ڏيو، جو مان اندازو لڳائي نٿي سگهان ته پنهنجي وهنوار جي حد ڪٿي مقرر ڪريان.“ ٻنتيءَ ڪنڌ جهڪائي هڪ گل کي مروٽيندي چيو.

چندر هنڌانهن نهاريو ۽ ڪن اڌ ساعت رهيو. پوءِ چياءِ، ”نه ٻنتي، جڏهن سدا توکي ايترو چاهي ٿي، تڏهن تون مونتي به پنهنجو ايترو ئي اڌڪار سمجهه، جيترو سدا تي ٿي سمجهين!“

هوڏانهن اڪيلائي ملندي ئي ڀميءَ سدا کي چيو، ”ڇا توهانجي طبيعت خراب آهي؟“

”مان توکي پيار ڪاڻ ٿي ڪريان.
پوءِ به تنهنجون پوليندڙ اکيون، جنهن جي ليلاٽ ۾ گهرائي،
چمڪ ۽ صداقت آهي...

منهنجون ٽڪ ٽڪ نگاهون ان رات جي آڪاس کي
ٽڪينديون ٿيون رهن!

ٻئي ڪنهن جي نگاهن سان نه ائين ڪونه ٿو ٿئي...

سدا بسنتيءَ کي پاٽڙانهن ڇڪيو ۽ هنجي ڪلهي تي
سر رکي ليٽي پيئي. پمي ڳائيندي رهي....

نه! مونکي معلوم آهي ته مان توکي پيار ڪاڻ ٿي
ڪريان، مگر منهنجي ان صاف دل تي شايد ڪير به
اعتبار نه ڪندو.

مون اڪثر ڏٺو آهي ته ماڻهو مونڏانهن ڏسي مشڪي
ڏيندا آهن.

چاڪاڻ جو مان ٽڪ ٽڪ اوڏانهن پيئي نهاريندي
آهيان، جتان تون ايندو آهين!“

گيت جو سر نهايت سڀاويڪ نموني شروع ٿيو، فضا
۾ اڏاڻو، لرزيو ۽ پوءِ ڌيري ڌيري هڪ سوز ڀري،
سڏڪن ڀري لئي ۾ سمائجي ويو. گيت ختم ٿيو ته سدا
جو سر بسنتيءَ جي ڪلهن تي ۽ چندر جو هٿ پميءَ جي
ڪلهي تي هو. چندر ٿوري دير سدا ڏانهن نهاريندو
رهيو. پوءِ پميءَ جي زلفن جي هڪ هلڪي سونهري چڳ
سان کيليندي چيائين، ”پمي، تون ڳائين ڏاڍو سٺو ٿي.“

”سٺو! بهتر تن چئه، اچرج پيو چئه. تو نه ڪڏهن

ايتري ۾ ٻنهي ۽ ڪپور موٽي آيا. سدا بيصبر ٿي چيو،
”منهنجو دم دم وڌي پيو آهي. توهين ڪو گانو شروع ڪريو!“

”ڪپور، ڇا ٻڌندين؟“ پميءَ پڇيو.

”پنهنجي دل سان ٻڌاءِ. ٺيڪ آهي...سدا چيو ته، ڪوتا نه ٻڌڻ لاءِ ملي.“

پميءَ اُٿي ڪٻٽ مان هڪ ڪتاب ڪڍيو ۽ هڪ ڪوتا ڳائڻ شروع ڪيائين. وارن جا ڪانٽا لاهي ڇڏيائين ۽ هنجا وار هوا ۾ اُڏامڻ لڳا. هن پنهنجو سر چندر جي ڪلهي تي ڪٽي رکيو ۽ ڪتاب چندر جي گود ۾ رکيائين. ٻنهيءَ مرڪيو ته سدا هنکي اک جي اشاري سان منع ڪئي. پميءَ ڳائڻ شروع ڪيو، ليڊي نارٽن جو هڪ گيت.

”مان توکي پيار ڪانه ٿي ڪريان. نه، مان توکي پيار ڪانه ٿي ڪريان.

پوءِ به مان اُداس ٿي رهان، جڏهن تون موٽي لٿو رهين!

مونکي اِن نرمل نيلي گگن سان به ويس ٿي ٿئي جنهن هيٺان تون ڪڙو هوندين ۽ جنهن جا ستارا توکي ڏسي سگهندا هوندا......

چندر پميءَ ڏانهن نهاريو. سدا پنهنجو سر پنهنجيءَ سيني ۾ لڪائي ڇڏيو. پميءَ پهرين مصرع ختم ڪري اونهو ساهه کنيو ۽ وري ٻي مصرع شروع ڪيائين...

ڏکي ٻري پئي ڪيائين. ڊاڪٽر پرشان، سڄي رات ڌيءَ جي سيرانديءَ کان ويٺو رهيو. هن جي مٿي لاءِ، هن جي پيٽ لاءِ برف رکندو رهيو. ڊاڪٽر گهوش چيو ته ڪالهه گرميءَ ۾ اڪرڻ جو ئي هيءُ نتيجو آهي.

بتيءَ هڪ دفعو پڇيس: چندر کي سڏايان؟ ته، سڏا وراڻيو، "نه، مان مري وڃان پوءِ. منهنجي جيئري نه!"

بتيءَ لهن هوندي به جڏهن ڊرائيور کي چيو: چندر کي سڏي اچ، ته سڏا هڪدم ٻڪڙجي ويئي. "تو هين سڀئي منهنجي جان وٺڻ لاءِ تيار ٿيا آهيو؟" ۽ هوءَ ڪمزوريءَ وچان سهڪڻ لڳي. ڊرائيور چندر کي سڏڻ ڪونه ويو.

چندر پهتو ان وقت ڊاڪٽر سڄي رات جي اوجاڳي بعد ڌيءَ جي سيرانديءَ کان اٿي سمان ڪرڻ پئي ويو. چندر کي چيائين، "رات کان سڏا کي نه معلوم ڇا ٿي ويو آهي. هينئر البت آرام اٿس، پر سڄي رات بي آرام هئي ۽ هڪڙي ڏينهن ۾ ئي اهڙي ڇيڙاڪ ٿي پيئي آهي ڇا!"

چندر ڪمري ۾ پهتو ته سڏا اُنوقت اکيون بند ڪري ليٽي پيئي هئي ۽ بتي هن جي مٿي لاءِ برف جي ٿيلهي رکي ويٺي هئي. سڏا جو چهرو رالوڪي رات ۾ زرد ٿي ويو هو ۽ منهن لاءِ پريشانين جا انيڪ گهنج پئجي ويا هئس. اکين بند هوندي به پلڪن هيٺان جڻ ٻرندڙ ٽانڊن جي ليپت پئي نڪتي. چندر جي اچڻ جي آهٽ ٻڌندي ئي سڏا اکيون کوليون. ساهه وسائيندڙ نگاهن سان بلڪل

ڪونه ٻڌايو ته ٻمي اهڙي سٺي آهي. وري ڪڏهن ٻڌائيندين؟“ سدا چيو،

”ضرور مس شڪلا! ڪاش، هيءَ گيت ليڊي ٽارزن بجاءِ تو هان لکيو هجي ها!“

سدا گهٻرائجي اٿي. هن چندر جو هٿ پڪڙي چيو، ”چندر، اٿ ته هلون. مس ٻمي، اسين وري ٻئي ڪنهن دفعي ايندا سين. اڄ منهنجو من ٺيڪ نه آهي.“

چندر ڊرائيور جي جڳهه تي ويٺو ته ٻمتيءَ چيو، ”مونکي اڳيان هوا ٿي لڳي، مان پٺيان ٿي ويهان.“

موٽر هلي ته سدا چيو، ”هتي من البت شانت آهي. چندر! سوال سمجهه ۾ ٿي نٿي آيو. من اندر الائي ڪهڙا ڀيانڪ طوفان پيدا ٿي اٿيا، هڪ ٻئي سان ٽڪريا. هينئر اهي سڀ طوفان شانت ٿي ويا. فقط طوفان کانپوءِ واري خاموشي، اداسي آهي.“ سدا اونهو ساهه کنيو. ”الائي ڇو، اڄ سڄو بدن ڄڻ ٽٽي پيو.“ هن سڄي شرير کي مروٽيندي چيو.

ٻئي ڏينهن چندر ويو ته سدا کي بخار اچي ويو هو. انگ انگ ۾ سور؟ اکين ۾ اها لالائي، اها آگ ٻريل هئس ڄڻ انهن ۾ ڪنهن ٻريل ٽانڊا ڪٽي رکيا هئا. سڄي رات هوءَ بي آرام رهي، جنسي ڀاڳل ٻٽجي ويئي. وهاڻا، چادرون، پاڻيءَ جو گلاس سڀ ڪٽي اڇلائڻ لڳي. ٻمتيءَ کي ڪڏهن سڏي پاسي ۾ ٿي وهارائين ته ڪڏهن

آهين؟ ڪالهه پنهنجي ساهيڙيءَ وٽ منهنجي بيعزتي ڪرائڻ لاءِ تون وٽي هليو هئين!” سدا سهڪڻ لڳي.

”بيعزتي! سدا. ڪنهن تنهنجي بيعزتي ڪئي؟ پيءُ ته ڪجهه ڪونه چيو. تون پاڳل ته ڪانه ٿي وئي آهين!” چندر سدا جي پيرن تي هٿ رکندي چيو.

”پاڳل ته ئي آهيان ته ٿي ويندس.” هن پنهنجا پير پري هٽائي ڇڏيا. ”تون، پيءُ، گيسو، پاپا ۽ ڊاڪٽر سڀئي گڏجي مونکي پاڳل بنائي رهيا آهيو. پاپا چوي ٿو شادي ڪر، پيءُ چوي ٿي نه ڪر. گيسو چوي ٿي تون پيار ٿي ڪرين ۽ تون.... تون ڪجهه ڪونه ٿو ڪڇين. تون مونکي هن نرڪ ۾ جلندو پڄرندو ڏسين ٿو، پر ڪڇين ڪونه ٿو. ڪجهه ڪرڻ عوض، مونکي بچائڻ عوض تون اُلٽو مونکي اُن نرڪ ڪنڊ ڏانهن ڌڪي رهيو آهين... چندر مان پاڳل ٿي ويئي آهيان.... مان ڇا ڪريان؟” سدا جي اُن پڪار ۾ بيحد دک هو، التجا هئي. چندر خاموش، سر جهڪائي مٽي کي هٿ ڏيئي ويٺو رهيو. سدا ٿورو وقت سهڪندي رهي. پوءِ چيائين، ”ڪالهه مون کي پيءُ وٽ وٺي هلڻ جو توکي ڪهڙو اڌڪار هو! هن ڪالهه پنهنجي گيت ۾ ائين چو چيو ته مان توکي پيار ٿي ڪريان!” چندر بتيءَ ڏانهن نهاريو. سدا چيو، ”بتي! بتيءَ کان مان ڪجهه ڪانه لڪائيندي آهيان. پيءُ ائين چو چيو.... مان توکي پيار ڪانه ٿي ڪريان، اصل ڪانه ٿي ڪريان. منهنجو من مونکي دوکو ڏيئي نٿو سگهي.

عجيب نموني چندر ڏانهن نهاريائين، پوءِ ٻنتيءَ کي چيائين، ”ٻنتي، هنڪي ڇٽينس نه هتان هليو وڃي!“

ٻنتي خاموش، چندر نہ سمجهيو ڪونه. هو اٿي وڏي آيو. چيائين، ”سدا، ڪٿن پٽجي ويٺينءَ نـ بيمار! مون نه توکي هروقت ٿي چيو ته ڪٽريج ۾ مونڻ صفا ڪرڻ نه وڃ. ٿيو ڏينهن هيترو رنئه، ٻٽيئه، ڪلهہ اُس ۾ ٻٽڪينءَ، اڄ پٽجي رهينءَ. ڪٿن اٽيٽي طبيعت؟“

سدا بستري تي ڪسڪي ٻري هٽي ويٺي. ٻاڻ کي چادر سان سهو ائين ڪٽي ڍڪيائين جڻ چندر جي ٻاڇي کان ٻـ بچڻ ٿـي چاهيائين. پـوءِ نهايت ڪوڙي، تيز ۽ سهڪندڙ آواز ۾ چيائين، ”ٻنتي، ڇٽينس نه هتان هليو وڃي!“

چندر چپ ٿي ويو ۽ ٻڪ ٽڪ سدا ڏانهن نهارڻ لڳو. سدا جي ان ڳالهہ چندر کي جڻ ڇلي وڌو. سدا جي ڳالهہ ۾ اڄ ڪيڏي نہ ڏارياڻي هٽي! سدا جا هنڪي ٻـاڻ کان وڌيڪ پياري هٽي، سا اڄ هيٽن ٻولي! چندر چيو، ”سدا، توکي ڇا ٿيو آهي!“ هنجي آواز ۾ ڏک هو، پيار هو، لاڏ هو، همدردي هٽي.

”مان ڇوان ٿي نہ تون هتان ويندين ڪونہ؟“ سـدا جنسي نانگڻ جيان ڦوڪاريندي چيو. ”منهنجي بيماريءَ تي همدردي ڏيکارڻ وارو تون آهين ڪير؟ مونکي پڇڻ وارو تون ڪير؟ مان بيمار آهيان، مران ٿي، تنهن سان تنهنجو مطلب؟ تون ڪير آهين، منهنجو ٻاءُ آهين؟ ٻيءَ

مٿس ڀڪو ڀڃي جهوليو. ڪالهه شام جو ٻه هوءِ مشڪندي کلندي رهي. ٻاٽي چپائين نه طوفان ختم ٿي ويو. پوءِ هي ڇا ٿيو اندر جي ڪشمڪش هي ڪهڙو روپ ورتو!

۽ اُن اهو روپ ڇو ورتو؟ جڏهن پاڻ پنهنجي من کي شانت رکي سگهي ٿو، مشڪندي کلندي سڀڪجهه برداشت ڪري سگهي ٿو ته سدا به ائين ڇو نه ٿي ڪري سگهي. پاڻ پنهنجي ساهه ساڻ سدا جو نرماڻ ڪيو هئائين. ذرو ذرو ڪري هن کي ٺاهيو هئائين، سنواريو هئائين، سينگاريو هئائين. پوءِ سدا ۾ اڄ هيءَ ڪمزوري ڪٿان آئي؟

ڇا اُن نرماڻ ڪندي پاڻ کا غلطي ڪئي هئائين؟ ڇا سدا به هڪ معمولي ڇوڪري آهي، جنهنجو پريم ۽ نفرت جو جذبو ٻين رواجي ماڻهن جهڙو ئي آهي؟ قبول ڪجي ته پاڻ پنهنجي ۽ سدا لاءِ جيڪا واٽ چونڊي هئائين اها علحدي آهي، نرالي آهي؛ مگر پوءِ ڇا؟ ڇا سدا ۽ پاڻ به دنيا کان علحدا، نرالا نه آهن؟ پوءِ تڏهن سدا هيئن ڊهي ڇو پيئي آهي؟ ڇا ڇوڪريون صرف جذبات جا پتلا آهن؟ ڇا ساڻ نا هئڻ کان پڇيئي ڪانه؟ يا پاڻ سدا جي شڪتي ڪٿڻ ۾ غلطي ڪئي هئائين؟ ڇا سدا زندگيءَ جي هن تلوار مثل سنهڙي ڌار تي هلڻ ۾ ناڪامياب ٿيندي؟ اها سدا جي نه نه، پر خود سندس ئي هار آهي.”

۽ پوءِ... سدا جيڪڏهن اهڙي ئي رهي ته چندر جو ڇا ٿيندو؟ سدا ئي ته چندر جي آتما آهي؟ ته ڇا اهو

مونکي تو سان صرف .... نہ معلوم اُهو ڇا آهي. پر پهريءَ اهڙي ڳالهہ ڇو ڪئي؟ اهي ڳالهيون ٻڌي منهنجي اندر ۾ ڄڻ جوالامکي دکي اُٿي آهي! تون مونکي پهريءَ وقت ڇو وٺي هلئين؟"

"تون خود هلي هئينءَ سدا." چندر وراڻيو.

"نہ تون مونکي روڪي سگهئين ٿي. تون چوين ها نہ نہ وڃ، نہ ڇا مان اُلي وڃي سگهيس ٿي؟ تو مونکي ڇونہ روڪيو؟ تون منهنجو هٿ پڪڙين ها، مونتي ڪاوڙ ڪرين ها... تو ائين ڇونہ ڪيو؟ ڇا هڪ ڏينهن اندر مان تنهنجي لاءِ ستڌاري بڻجي ويس. جي غير بڻجي وئي آهيان تہ اڄ تون ڇو آيو آهين؟ هتان هليو وڃ. مان چوانٿي... هتان هليو وڃ." سدا هيٺر ڏند ڀئي ڪرنيا.

"سدا.......!"

"مان تنهنجو آواز بہ ٻڌڻ نٿي چاهيان. وڃين ٿو يا نہ...؟"

۽ سدا پنهنجي مٿي واري برف جي ٽيلهي ڪٽي ٻري ڦٽي ڪئي. چندر ڇرڪ ڀري اُٿيو. اُنتي گهٻرائجي وئي. چندر سدا ڏانهن نهاريو. هنجي صورت بيچاريندڙ بڻجي وئي هئي. چندر جي دل روئڻ لڳي. هو اُٿيو، پل بہ سدا ڏانهن نهارڻ بنا، پوءِ آهستي ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو.

ٻاهر وراندي ۾ پهچي ڪوچ تي ويهي هو سوچيندو رهيو تہ سدا کي ڇا ٿي ويو آهي. نيون ڏينهن شام جو ٻاڻ هن ٿي ڪوچ تي ليٽيل هو ۽ سدا سندس مٿن کان ويهي

ڪيو آهي. مان مدهوش ٿيو آهيان ۽ مون ڇا ڪيو آهي. ڇا مان خود گهڻو پريشان آهيان. مان اهو به اندازو لڳائي نٿو سگهان ته منهنجو اندر ڪيتري حد تائين زخمي ٿيو آهي. ڇا مولڪي هڪ گهڙيءَ جو به آرام نصيب ٿئي ٿو؟ ڇا منهنجي لاءِ اها سزا ڪافي نه آهي جو قدرت هميشه وري سدا کي هيءَ ڏنڊ ڏيئي رهي آهي؟ ڪاش، اها بي آرامي، اها پريشاني صرف مولڪي کي ملي! منهنجي پاپ جي سزا سدا کي ڇو ٿي ملي. بنتي، هميشه توکان ڪجهه به لڪل نه آهي. جنهن کي مان پنهنجي سواسن ۾ سمائي اندر لوڪ تائين وٺي ويس، اڄ هوا جا جهونڪا اُن کي بادلن جي اوچائيءَ تان ڌڪڻ جي ڪوشش ڇو پيا ڪن. ۽ مان هيٺ بيوس ڇو پٽجي ويو آهيان." بنتيءَ جي همدرديءَ ڀري ڇهاءَ تي چندر جي اکين ۾ آنسو تري آيا.

"ڇي....ڇي! توهين نه ٿورا سمجهو ۽ عقل وارا آهيو! ديدي ٺيڪ ٿي ويندي. ڇا گهبرائڻ سان سڀ ٺيڪ ٿي ويندو؟ توهانکي منهنجو قسم آهي، اُداس نه ٿيو، ڪو به سوچ ويچار نه ڪريو. ديدي اڳيئي بيمار، مٿان توهين به پنهنجي هيءَ حالت ڪندا ته ڪم ڪيئن هلندو. اُٿو، ديدي توهانکي سڏي ويٺي."

چندر اندر ويو. سدا اشاري سان هنکي پنهنجي ڀر ۾ وهڻ لاءِ چيو. "چندر! منهنجو دماغ ٺيڪ نه آهي. تون

پاپ، گناه چندر مٿان ئي مڙهجندو ۽ نه هن پنهنجن ئي هٿن سان پنهنجي آتما جي هتيا ڪئي؟

ڇا تياڳ جو ٻيو نالو هتيا آهي؟ ڇا پرش ۽ ناريءَ جي ناتي لاءِ، سنبنڌ لاءِ هڪ ئي وات کليل آهي.... پيار، شادي ۽ ترپتي! ڇا پوترتا، تياڳ ۽ جدائي انهيءَ ناتي کي، انهيءَ سنبنڌ کي، وشواس کي، زنده رکي نٿا سگهن؟ سدا ۽ پريميءَ وچ ۾ تڏهن ڪهڙو فرق آهي؟ ڇا سدا جي دل کي اندرو نزديڪ آڻي، سدا جي وجود ۾ پاڻ کي سمائي، ۽ اڄ وري هن کي دور رکڻ ۾ پاڻ پاپ ڪري رهيو آهي؟ نه ڇا پشپ کي چمن مان ٽوڙي، ان کي پنهنجي ڪوٽ ۾ لڳائڻ ئي پيچ آهي؟ ٻيو سڀ پاپ گناه آهي؟ ڇا مون سدا جي وجود کي ٽوڙي ڇڏيو آهي؟

ڪنهن هن جي پٺيان سندس ڪلهي تي هٿ اچي رکيو. ويچار ڌارا ٽٽي پيئي... ٻنتي هئي. ٻنتيءَ ڏاڍي سنيهه مان پڇيو، ”توهين ڇا پيا سوچيو؟“

”ڪجهه نه.“

”ٻڌايو نه. ڇا مان ٻڌڻ جي حقدار نه آهيان؟“ ٻنتيءَ جي آواز ۾ هميشه ايڏي نه پنهنجائي، ايڏي همدردي، ايڏي صداقت هوندي هئي جو چندر هن کان ڪجهه به لڪائي نه سگهندو هو.

”ڪجهه ڪونهي ٻنتي! تون چوين ٿي ته مان ديوتا آهيان، ڇاڪاڻ جو مون سدا کي ايڏي دوريءَ تي رکيو آهي! سدا چوي ٿي ته مون اهو ويڇو وجهي پاپ، گناه

دوا ڏني. ٿرماميٽر سان ٽپ ڄاچايائين ۽ ٻاهر هليو ويو هو.
چندر سدا لاءِ ڪرسي کڻي ۽ هن مرڪي چيس، "چندر،
اڄ بيمار آهيان ۽ مونلاءِ ڪرسي ٿو کڻين، جڏهن مري
وڃان، تڏهن ڪانيءَ کي ڪلهو ڏيڻ ضرور اچج، ۽ ۽
لڪ ويندس! سمجهئين ۽!"
"ڇي...ڇي! اهڙي اڻٽي وائي نہ ڪيائدي ڪر
ديدي!" بنتيءَ چيو.
سدا ٻاهر سبز باري ۾ ڪرسيءَ تي ويٺي. چندر سندس
پيرن ۾ هيٺ ٿي ويٺو. سدا چندر جو سر ڪرسيءَ جي پاسي
تي ليٽائي هن جي خشڪ چپن تي پنهنجون آڱريون ڦيرائي
چيو، "چندر، اڄ مون توکي ڏاڍو دکي ڪيو ۽؟ مگر
نچاڻان ڇو، اڄ توکي ائين دکي ۽ ڪرڻان ها ۽ مونکي
ڄڻڪا شڪتي هيٺر ملي آهي. سا اصل ملي ۽ سگهيم
ها." ۽ پوءِ چندر جي سر کي پنهنجي گود ۾ ڇڪيندي
سدا چيو، "ديوتا منهنجا! اڄ توکي گهڻيون گهڻيون
ڳالهيون ٻڌائيندس، تمام گهڻيون!"
بنتي اٿي وڃڻ لڳي تہ سدا چيو، "ڪيڏانهن ٿي
هلين؟ تون هتي ويهہ. تون منهنجي شاهد رهندينءَ، جنهن
پوءِ چندر ائين چئي نہ سگهي ۽ سدا ڪمزور ٿڪتي."
بنتي ويهي رهي. سدا کي سيڪنڊ اکيون بند ڪري
ڇڏيون. پوءِ پنهنجي چوٽي ٻنيان ڇڪي اڳيان گود ۾ ڪندي
چيائين، "چندر، هڪ ٻئي کي ڄاڻندي سڃاڻندي اڄ اسانکي
ڪيترائي سال ٿي ويا آهن. اصل ڪان ٿي مونلاءِ چڱي مدي،

هنّي ويهه منهنجي پرسان، مگر ڪجهه به چئجي نه، ڳالهائجي نه!“

اُن بعد ڏينهن نه گذري ويو پر نهايت عجيب لهوڻي. جو پيرو چندر اُٿڻ جي ڪوشش ڪئي، سو پيرو سدا هنڪي چڪي وهاري ڇڏيو. هنڪي گهر وڃڻ به نه ڏنائين. ڪاڏو به ٻنهي اُليٽي ڪٽي آئي. سدا ڪڏهن چندر ڏانهن ٿي نهاريو ۽ ڪڏهن وهاٽي ۾ منهن لڪائي ٿي ڇڏيائين. زبان مان اکر ڪونه ڪڇيائين، مگر هنجي ليٽڻ ۾ جيڪو ڪوندر گڏيل پاؤ هو، سو نهايت عجيب هو. پاپا آيو، ڪلاڪ ويٺو رهيو مگر هن وات ڪونه چوريو. پاپا هليو ويو ته هن چندر جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ پڪڙيو ۽ پوء پاسو ورائي وهاٽي تي پنهنجي ڳل هيٺان چندر جو هٿ دٻائي ليٽي رهي. اکين مان گرم گرم لڙڪ ڳڙندا، ڳلن تان وهندا چندر جي هٿ کي آلو ڪندا رهيا.

چندر خاموش هو، مگر سدا جا اهي گرم لڙڪ جڻ سندس چمڙيءَ جي پورن مان سندس سر ۾ اندر داخل ٿي، هنجي دل تائين پهچي ويا ۽ جڏهن هنجي دل ٻڏڻ لڳي ته اُنهن گرم لڙڪن هنجي ليٽڻ تي حملو ڪيو. سدا سڀ ڏٺو مگر ڪڇيائين ڪونه. ڪلاڪ بعد اُيو ساه ڪٽي بيحد اداسيءَ پريو مرڪي چيائين، ”اسين ٻئي پاڳل ٿي ويا آهيون نه! ڇڱو، هينئر شام ٿي آهي. هل، ٻاهر ساوڪ تي هلي وهون.“

سدا چندر جي ڪلهي تي هٿ رکي اُٿي. ٻنهي هنڪي

ڇا، ته مون نه ڪئي. مان اڄ به اِنڪان انڪاري آهيان ته مون توکي پيار ڪيو آهي يا تو مونکي پيار ڪيو آهي. اها ڳالهه مان به سمجهان ٿي ۽ تون به سمجهين ٿو. مگر اهو نه توکان لڪل آهي نه مونکان ته تو مونکي جيڪي ڏنو آهي، اهو پيار کان گهڻو مٿو آهي. اُهو پيار کان به وڌيڪ پوتر ۽ پيار کان گهڻو وڌيڪ مهتو وارو آهي. مون شادي ڪرڻ لاءِ چاهي... ٻيو ڏينهن مون انڪار ڪيو. ڪيترو نه رنم ڪيترو نه ڇڪي ٿيس! پر پوءِ مون سوچي ڏٺو ته اهو سڀ غلط آهي، سوار ٿيڻو آهي. جڏهن پاپا مونکي هيترو پالڻي ٿو ته مونکي هنجي دل دکوئڻ نه کپي. مگر من اندر جيڪو ڇڪو ٻريل هو، جا باه ٻريل هئي سا ڪنهن نه ڪنهن ٿي ته وسڻي هئي نه! اُها مون پاڻتي وسائڻ چاهي. دل ٿي چاهيو ته پاڻکي بيحد ڪشت ڏيان، انهيءَ ڪري گهڙيج ۾ مونڻ صفا ڪرڻ ويس، مگر اُتي به سڦلتا نه مليم ۽ آخر ۾ اهو ڇڪو، اهو غصو پاڻتي نه وسائي، اُتي وسايم جنهن کي مون هميشه پاڻکان اوچو، پاڻکان به وڌيڪ پيارو ڪري مڃيو هو. اها سڀ باه وسي اڇي ٿولي!"

چندر سڌا ڏانهن نهاريو. سڌا مشڪي چوڻ لڳي...

"نه، مونڏانهن ائين نه نهار. ائين نه سمجهه ته اڄ مون جيڪي ڪيو تنهن لاءِ توکان معافي گهرنديس. مان ڄاڻان ٿي ته منهنجي معافي گهرڻ تي تون دکي ٿيندين، مون کي ڇڏيندين. سک... اڄ کان مون پنهنجي راه سڃاتي ورتي آهي. مون پروڙي ورتو آهي ته مونکي ڪيترو سنڀالي

سڀ ڳالهه جو فيصلو تون ئي ڪندو رهيو آهين. اڄ به تون ئي ٻڌاءِ چندر! جي مان پاڻ سنڀالڻ جي ازحد ڪوشش ڪريان ٿي ۽ اٿي سنڀالي سگهان ته ڇا مان اهو پاپ ٿي ڪريان؟ توکي خبر آهي چندر، تون جهڙو مضبوط آهين انتي مونکي فخر آهي. تون ڪيڏي نه اوچائيءَ تي آهين! مان به تو جهڙي مضبوط بڻجڻ جي، تنهنجي اوچائيءَ تي پهچڻ جي ڪوشش ڪريان ٿي، پر جي اُن ۾ ڪنهن وقت ٿڙڪي ٿي پوان ته اهو اُپراڌ ٿيو ڇا؟"

"نه." چندر وراڻيو.

"۽ انهيءَ اندر جي ڪشمڪش ۾ تون ڏانهن ڪنهن وقت ڪمزور بڻجي ٿي وڃان ته تون چپ چاپ سڀڪجهه سهي ٿو وڃين. مونکي خبر آهي ته تون جيترو سهين، مونکي ڏين ٿو ان ۾ منهنجون سڀ ڪمزوريون لڪي ٿيون وڃن. مگر اڄ مان توکي وشواس ٿي ڏياريان چندر، ته مان پاڻ به پنهنجين انهن ڪمزورين تي شرمسار آهيان ۽ هن ڪانپوءِ جيئن تون چاهين ٿو، مان اهڙي ئي بڻجڻ جي ڪوشش ڪنديس."

چندر ڪجهه ڪونه، صرف هيٺ ساوڪ لسي رکيل سدا جي پيرن تي پنهنجون ٿ ڪنڌڙ آگريون رکي ڇڏيون. سدا چوندي رهي، "چندر، تورا مهنا اڳي گيسوءَ جڏهن مونکان پڇيو هو ته سدا، تنهنجي دل ڪڏهن ڪنهن ڏانهن جهڪي آهي ته مون هنکي صاف انڪار ڪيو هو. ڪالهه پڻيءَ به مونکان پڇيو ته تون چندر کي پيار ڪرين ٿي

جو سدا ورت چالو رکيو ۽ تنهنجي ٻچيءَ کي ڪڏهن به
اَشانت يا ناراض ٿيڻ جو سبب ٿي نه سگهي. ڪيلاش
۽ اهڙو سٺو ڇوڪرو آهي ۽ هنجو جيون ايترو اوچو آهي
جو اون هنجي زندگيءَ ۾ انهن لڳندڙنءَ جڻ منديءَ ۾
هيرو. باقي جيستائين تنهنجو شخصي سوال آهي ته مان توکان
صرف اهائي ڀيک ٿو گهران ته دنيا ۾ سڀ ڪجهه وڃائڻ
بعد به ڪا ڳالهه اگر موکي سنتوش ڏئي سگهي ٿي،
صرف اها، ته مهنجي سدا ٻنهنجي جيون ۾ ڪيڏي نه
اوچائيءَ تي رسي آهي! مان توکان بس انهيءَ وشواس
جي ئي ڀيک ٿو گهران!"

"ڇچي چندر! تون مونکان وڏو آهين، اهڙي ڳالهه نه
ڪر. مگر هڪ ڳالهه آهي چندر. مونکي خبر آهي ته
مان چندرما آهيان، جنهن کي روشني سورج جي ڪرڻن
مان ئي ملندي آهي. تو جڻ اڄ تائين موکي سنواريو
آهي، آئينده به جي تون مهنجي آتما ۾ ساڳي طرح
روشني ڀريندو نه رهندين ته مان شايد ٻنهنجو پوشيه سڃاڻي
نه سگهان. سمجهيئه؟"

"سمجهيم، پاڳل ڪٿان جي!" چندر وري ٿوري
دير خاموش ويٺو رهيو. پوءِ سدا جي قدمن ۾ سر نوائي
چيائين، "تن ڏينهن ۾ ڪيڏو نه پريشان ڪيو اٿيئي!
صورت نه ڏس ڇا ٿي ويئي اٿيئي. ويساکيءَ ۾ باقي
چار ڏينهن آهن، هاڻي وري دماغ خراب نه ڪج. هو
اچڻ ۾ هوندا."

هلڻ گھرجي. تنھنجي اُميدن کي پوري ڪرڻ لاءِ مونکي ڇا بڻجڻو پوندو؛ اھو بہ مان اڄ سمجھي ويٺي آھيان. مان اڄ ڪان خوش رھندس، سٻل، شڪتيوان رھندس ۽ جيڪا واٽ تون ڏيکاريندين اُنتي ئي ھلندس. مگر ھڪ ڳالھہ مونکي ٻڌاءِ چندر! مان شادي ڪري وڃان، پوءِ اُلي سگھي نہ رھان، ھنکي پنھنجي پوڄا ۽ پنھنجو پيار ڏيئي نہ سگھان ۽ توکي دکہ ٿئي نہ پوءِ؟"

چندر گاه جو ھڪ سلو پٽي چيو، "ڏس سدا، ھڪ ڳالھہ ٻڌاءِ. جي مان توکي ڪجھہ ڏيان ٿو؛ تون مونکي اھو موٽائي ٿي ڏين نہ اھا ڪا تمام وڏي يا اھم ڳالھہ ڪانھي. جي مون سچ پچ توکي سنيھہ، پوڙتا يا پيو ڪي ڏنو آھي نہ اُھو تون، جيڪي پيا تنھنجي جيون ۾ ٿا اچن.... ڀلي اُھو تنھنجو پٽي ڇو نہ ھجي...اُنھن کي ڇو نہ ٿي ڏيئي سگھين؟ پنھنجي دل جي پريم ڀنڊار کي خرچڻ ۾ تون ايڏي ڪنجوس ڇو ٿي بڻجين؟ منھنجو سپنو بلڪل نرالو آھي سدا! اڄ ٿائين تنھنجي سواسن ۾ ڀريل امرت مان ئي مونکي اھو بل ملندو رھيو تہ مان پنھنجي جيون ۾ ڪجھہ ڪري سگھان. مان ائين ٿو چاھيان تہ توکي اھو سنيھہ ڏيان جو ڪڏھن بہ گھٽجي نہ سگھي. جيترو انکي ونڊجي اوترو وڌي. ۽ مونکي پڪو وشواس آھي تہ تون اگر پنھنجي سنيھہ جي فقط ھڪ بوند بہ ڪنھن کي ڏين تہ اھو منش الائي ڇا بڻجي ٿو سگھي. تون جي پنھنجي ان پريم ڀنڊار

”ته اٿين ٻيا ڇو آهيو؟ ڀالهيون ڪندا رهين مٿين
وارين ۽ مٿهن سڄائي وهندا ٻارن جيان. واهه ڙي چندر ٻابو!”
بٽيءَ کلي چيو، ”ٻڌاءِ ڊيڊي، مون ٺيڪ ڪيو نه!”
”بلڪل ٺيڪ. هن جو دماغ ائين ئي ٺيڪ ٿيندو.”

اتري ۾ ڊاڪٽر شڪلا به اچي پهتو. سڌا جي مٿي تي هٿ رکي چيائين، ”تون ته هينئر ٺيڪ آهين!”

”ها، ٻابا!”

”بٽي، سڀاڻ تنهنجي ماتاجي اچڻي آهي. ويساکيءَ جي تياري ڪرڻي آهي. سڌا جي سس ۽ ڏير به اچڻا آهن.”

سڌا چپ چاپ اٿي هلي وئي. چندر، بٽي ۽ ڊاڪٽر وڃي ويساکيءَ جي ڏينهن لاءِ پروگرام تيار ڪندا رهيا.

چندر کي وڏي ۾ وڏو سنتوش اهو هو ته سڌا ٺيڪ ٿي وئي هئي. ويساکي پورنماسيءَ کان هڪ ڏينهن اڳ بٽيءَ سڄي گهر جي اهڙي ته سٺي صفائي ڪئي جو اهو سڄو چمڪي اٿيو، البت اها ڳالهه صفا الڳ آهي ته اڀياس واري ڪمري جي صفائي ڪندي بٽيءَ چندر جا ڪيترائي ضروري ڪاغذ پهاري ڦٽا ڪري ڇڏيا ۽ اگرٻٽ ڏونڊي چندر جي ڪپڙن کي گندن ڇٻن سان رنگي ڇڏيائين. چندر انهيءَ لئي بٽيءَ لئي ڪاوڙ ڪئي ۽ سڌا اهو سڀ ڏسي ٽهڪ ڏيئي کلندي رهي. چندر کي چيائين، ”تون هيئن ڇڙٻن ڇو ٿو. توکي ٿو روئي ڪير ڏسڻ ٿو اچي.”

ويساک پورڻماسيءَ تي ڊاڪٽر ۽ بٽيءَ ماءُ موٽر وٺي

"ٻيٽي! دوا کڻي اچ...." ٻيٽي وڃي لاءِ سيتا چيو،
"اُٿ، هاڻي مان هيٺ گاهه تي ويهندس." ۽ هيٺ گاهه
تي ويهندي سيتا چيو، "مگر هڪ ڳالهه آهي. اڄ ڪانونٽي
شاديءَ جي ڏينهن تائين، تون هر وقت منهنجي سامهون
رهج. پوءِ تون جيڪي چوندين سو مان ڪندي ويندس."

"قبول آهي." چندر ٽوڙو پري هڻي گاهه تي ليٽي
پيو ۽ آڪاس ڏانهن نهارڻ لڳو. شام ٿي چڪي هئي ۽
ڏينهن جي اُڏاڻل ڌڌڙ هڻي چڪي هئي. آڪاس ۾ بادل
اُڇل ڪڙا هئا ۽ انهن جي ڪنارن تي لالائي پيئي چمڪي.
پرنگو هڪ پتنگ ڳگن ۾ نهايت اوچو پئي اُڏاڻو. چندر
جو من ڳوڙو هو. جيتوڻيڪ ڏينهن اُهي جيڪو طوفان
آئيو هو، اهو ختم ٿي چڪو هو، پر چندر جو من اڃا
هلڪو نه ٿيو هو. اهو اڃا پريل ۽ ڳوروئي هو. هو چپ
چاپ ليٽيو رهيو. ٻيٽي دوا ۽ پاڻي کڻي آئي. دوا پي
سيتا چيو، "چندر چپ ڇو آهين!"

"نه، ڪجهه ڪونهي."

"پوءِ ڳالهائين ڇو نه ٿو؟ ڏس ٻيٽي، سوال پڇائين ٿي
ٿي ۽ هينئر ڪري ٿي ٿو." سيتا چيو.

"هينئر ٿي ڏيکاريانس." ٻيٽيءَ چيو ۽ گلاس وارو
بچيل پاڻي چندر مٿان کڻي ليٽايائين. چندر ڇرڪ ڀري
اٿي ڪڙو ٿيو ۽ ٻگڙ جي چيائين، "هيءَ ڪهڙي بدتميزي
آهي! اهو سڀ لاڏ ڪوڏ پنهنجي ڏيڏيءَ کي ڏيکاريندي
ڪر!"

اکيون اگهي ڇڏيون. ايتري ۾ در وٽان موٽر جي ٽولاري
وڄڻ جو آواز آيو ۽ سدا ڀڄي. "اڙي هيءَ ته ٻميءَ جي
موٽر آهي." چندر چيو. سدا روڪجي وئي.

ٻميءَ گهر اڳيان اچي موٽر بيهاري.

"هلو، مونهنجا جاڙا مترو! ڪهڙو حال آهي توهانجو!"
۽ ٻمي ٻنهي سان هٿ ملائي، ٻئا هڪ ڪرسي ڇڪي
ويهي رهي.

سدا چيو، "چندر هنکي اندر وٺي هل. هو شايد ايندا
هجن."

"نه، مان ٿڪڙي آهيان، اڄ شام جو ٻاهر ٿي
وڃان. ٻرٽي مسوريءَ هليو ويو آهي. الان هن موکي
ٻه سڏايو آهي. شڪار ڪندي هنجي هٿ ۾ شايد چوٽ
لڳي آهي....مان اڄ ٿي وڃڻي آهيان."

سدا چيو، "موکي ڪوله وٺي هلندا؟"

ٻميءَ وراڻيو، "هلو. چندر ٽون ٻه هل، جولاءِ ۾ موٽي
اچبو."

چندر چيو، "جڏهن ايندڙ سال اسانجي دوستيءَ جو
ٻهريون سالگره ايندو نه، تڏهن هلندس."

"چڱو موڪلاڻي!" ٻميءَ چيو. سدا ۽ چندر جڏهن
هٿ جوڙي نمستي ڪئي ته ٻميءَ اٿي وڌي سدا جو
منهن ٻنهجي هٿن وچ جهلي ۽ هنجي اکين جي ٻلڪن
کي چمي چيو، "موکي تنهنجون اهي اکيون ڏاڍيون وڻن

هنڪي اسٽيشن ٿي ونڃڻ ويا. چندر ٻاهر ورانڊي ۾
اخبار پئي پڙهي ۽ سدا اندر ڪمري ۾ ويٺي هئي. ٻه
ڏينهن هنڪي دهليءَ هلڻو هو. هوءَ ٻاهر نڪري نه سگهندي
ڇاڪاڻ جو ڪهڙي خبر، ڪيڏي مهل، سندس سس ۽ ڏير
ٿو اچي وڃي. پتي هنڪي سڀ سمجهائي ويٺي هئي ۽
ڇٽيوان ڇوڪريءَ جيان هن سڀ ٻڌو ۽ قبوليو هو ۽
چپ چاپ پنهنجي ڪمري ۾ ويٺي هئي. ٻنتيءَ ڪڙهيءَ
لاءِ پيسڻ پئي چاٽيو ۽ مهراجڻ رنڌڻي ۾ پئي ڪم ۾
مشغول هئي.

سدا آهستي آئي ۽ در جي اوٽ مان ڏسڻ لڳي ته
پاپا ۽ پتي موٽر وٺي موٽيا نه ڪرنهن. جڏهن ڏٺائين ته
ڪير ڪونهي تڏهن دبيل قدمن سان اڳتي وڌي ۽ پٺيان ٿي
پٺيان چندر کان اخبار کسي ورتائين. چندر پٺيان نهاريو
ته سدا هڪ معصوم ٻالڪ جيان مشڪي ڏنو ۽ چيائين،
”ڪٿي چندر، مان ٺيڪ آهيان نه؟ ائين ٿي رهان نه؟
ڏس مان پنهنجو سڀ چوڻ مڃان ٿي نه!“

”ها سدا. انهي ڪري ته مان توکي هيڏو پيار ٿو
ڪريان!“

”مگر چندر، اڄ موٽکي هڪ دفعو روئڻ ڏي. پوءِ
هنجي سامهون مان ٿورو ئي روئي سگهنديس.“ سدا جو
گلو ڀرجي آيو، پلڪون آليون ٿي ويس.

”چي سدا....“

”چگو بس. نه، ڪانه ٿي روئان.“ ۽ سدا هڪدم

پڦيءَ اچي چيو، ”شنڪري، تون ٻهراڻ سمان ڪري وٺ، نه نه چانهه ٺڏي ٿي ويندي.“ پڦيءَ گلن ڦلن واري ريشمي ساڙهي ڪڍي پائي هئي ۽ شايد انهيءَ ڪري خوش هئي جو اڄ ڀتيءَ لي ڪاوڙ ڪانه ٿي ڇنڊ پائين.

”مان سنان نه ويندگر روم ۾ ئي ڪري آيو آهيان ۽ چانهه مان پيئان ڪونه. بس پوڄن ٿي تيار ڪرائي وٺو.“ ۽ واچ ڏانهن نهاريندي شنڪر بابوءَ چيو، ”مونکي ٿورو وقت سوراج ڀون ۾ وڃڻو آهي ۽ ٻي بجي واري گاڏيءَ ۾ واپس وڃڻو آهي. مان شايد سوراج ڀون مان سڌو اسٽيشن تي هليو ويندس.“ هن ڏاڍي مڌر آواز ۾ مشڪندي چيو.

ڊاڪٽر شڪلا چيو، ”پر اهو ٺيڪ نه ڪونه ٿو لڳي. توهين آيا آهيو ۽ ڏينهن ترسو به ڪونه ٿا.“

”ها، مون خود ترسڻ ٿي چاهيو، پر ماتاجن جي طبيعت ٺيڪ نه آهي. ڪيلاش به ڪانپور ويو آهي، انهيءَ ڪري مونکي جلدي موٽڻ گهرجي.“

ڀتي ناشتي جي ٿالهي کڻي آئي. چند ر لپرس وچان ڊاڪٽر شڪلا ڏانهن نهاريو. هن ڪلي چيو، ”پاڻي، هي ماڻهو اسان وانگر ڇوت ڇات جا پابند نه آهن.“

”هنڪي براهمڻ ڪير چوندو؟ هي نه ڪرستان آهن، هتي اسانجو ڌرم ڪرم بگاڙڻ آيا آهن.“ پڦيءَ چيو. هيءَ ماڻي خود پڦيءَ ٺي ڪئي هئي. ڏورانهين ناتي ڪري پڦي ڪيلاش ۽ شنڪر جي پاڻي هئي.

شنڪر بابوءَ آئي هٿ ڌوتا ۽ ڪرسي سيڙهي ويٺو.

ٿيون. اڙي، هنن ۾ ته آنسن جو ڪارو سواد آهي! هيئر روئي ويٺي آهين ڇا؟"

سڌا سهمجي ويئي.

چندر جي ڪلهي تي هٿ رکي پيءُ چيو، "ڪپور، تون خط ضرور لکندو رهج. هلين ها ته ڏاڍو سٺو ٿئي ها. چڱو، شل توهان ٻنهي مترن جو وقت مزي سان ڪٽجي." ائين چئي پيءُ هلي ويئي.

ٿوري دير بعد ڊاڪٽر جي موٽر موٽي آئي. سڌا پنهنجي ڪمري جو دروازو بند ڪري ڇڏيو ۽ ٻتيءَ مٿي تي ساڙهيءَ جو پلؤ سنڀاليو. چندر ڊوڙندو ٻاهر ويو. ڊاڪٽر سان گڏ جيڪو شخص موٽر مان هيٺ لٿو سو قد جو ٺندرو، رنگ جو گورو، منهن جو گول ۽ خانداني ڪٽنب جو پٽي لڳو. بدن تي کاڌيءَ جو ڪرتو ۽ ڌوتي پهريل هئس. هٿ ۾ مسافريءَ جي ننڍي بئگ هيس. چندر اها بئگ وٺڻ لاءِ هٿ وڌايو ته هن کلي چيو، "نه ڀائي، اهيءَ بئگ کڻڻ ۾ منهنجا هٿ ٿڪجي ڪونه پوندا. توهين منهنجي هيڏي خاطرداري ڪري مونکي مٿي چاڙهي رهيا آهيو."

سڀئي ايپاس واري ڪمري ۾ ويٺا. اتي ڊاڪٽر شڪلا واقفيت ڪرائي. "هي آهي منهنجو شاگرد ۽ پٽ، پرانت جو هونهار ارٿ شاستري شري چندر ڪمار ڪپور ۽ هي آهن شاهجهانپور جا پرسڌ ڪانگريسي ڪم ڪندڙ ۽ ميونسپل ڪمشنر شري شنڪرلال مشر."

"مونکي ٿوري گهڙي کپي." شنڪر بابوءَ چيو.
سدا وئي ۽ گهڙي آڻي شنڪر بابوءَ جي اڳيان رکيائين.
شنڪر بابوءَ اکيون مٿي کڻي سدا کي ڏٺو ته سدا جون
نگاهون هيٺ جهڪي ويئون ۽ هوءَ اتان هلي وئي.
"ڏاڍي سٺي ڇوڪري آهي." شنڪر بابوءَ چيو.
"اڄ ڪلهه جي پڙهيل لکيل ڇوڪرين ۾ هيڏو حياءُ ڪٿي
ٿو ملي. سچ پچ توهان پنهنجي سڪيلڌي ڌيءَ ۾ تمام
سٺا لڇڻ وڌا آهن. ڪيلاش جي ئي لائق آهي. بس ڊاڪٽر
صاحب، تقدير کي مڃو، هونءَ اسانجي اهڙي خوش نصيبي
ڪٿي هئي. جڏهن کان منهنجي پتني سرڳواس ٿي تڏهن
کان ماتاجي ڪيلاش جي شاديءَ لاءِ زور پئي ڀريو.
ڪيلاش نه انتر جاتيه وواه ڪرڻ ٿي چاهيو، پر اسانکي
نه پنهنجي ذات اندر ئي ههڙو سٺو رشتو ملي ويو."
"نه منهنجي وري گهڻي عمر ويئي آهي. توهان به
ڇو نه ٿو نئين ڪنوار وٺي اچين! سدا به اڪيلي ڪانه
ٿيندي." ٻڍيءَ چيو.
شنڪر بابوءَ ڪو به جواب نه ڏنو. ڪاڌو ختم ڪري
اٿيو ۽ هٿ ڌوئي واچ ۾ وقت ڏٺائين.
"هينئر ٿورو آرام ڪري وٺان. اچو ته ٿوريون ڳالهيون
ڪري وٺون." هن چندر ڏانهن نهاري چيو. هڪ
ٻجي ٽائين چندر شنڪر بابوءَ سان ڳالهيون ڪندو رهيو.
تنهن وچ ۾ ڊاڪٽر ۽ سدا رسوئيءَ جي هاڃ لاهي ورتي.
شنڪر بابو نهايت ڪلمکه ۽ ڳالهيڙ هو. چندر کي نه ڪيلاش

چندر ڏانهن نهاري چيائين، ”اچو، هونهار ڊاڪٽر صاحب توهين نه مونسان گڏ کائي ٻي سگهو ٿا.“

”نه، توهين کائو.“ چندر ٿورو حجاب ڪندي چيو.

”اڙي ڀائي مان ٻرهمڻ آهيان، بلڪل شد. مونسان گڏ کائڻ سان جلدي مڪتي ملندءِ. هٿ ۾ ٿوري ڀاڄي انڪي رهيو نه اوهان لاءِ سرڳ جو ڦاٽڪ هڪدم کلي ويندو. اچو.“

هڪ ٻن گرهڻ کائڻ بعد شنڪر ٻابوءَ پڦيءَ کان پڇيو، ”ڪنوار اهائي آهي، جيڪا هيٺئر ٿالهي کڻي آئي!“

”رام چئه ڀائي، اها نه منهنجي ڇوڪري آهي، ٻئي. سيڪاٽيمس ڪونه؟ اڃين سال ششيءَ جي شاديءَ ليءِ نه ضرور ڏنو هوندس.“

شنڪر ٻابو عمر ۾ ڪيلاش کان ڪافي وڏو هو پر لڳو ايڏو وڏو ڪونه ٿي. کائيندي کائيندي چيائين، ”ڊاڪٽر صاحب، ڪڪيءَ کي چئو نه ڦلڪو ڏيئي وڃي. بس، مان هنڪي ائين ٿي ڏسي وٺندس. وڏي ڏيکاءُ يا هار سينگار جي ضرورت نه آهي.“

ڊاڪٽر پيڻ کي اشارو ڪيو، هوءَ اُٿي هلي ويئي. ٿوري دير بعد سڏا آئي. سادي سفيد ساڙهي پائي، هٿ ۾ ڦلڪن جي ٿالهي کڻي، دروازي تائين اچي ٿورو هٽڪيءَ ۽ پوءِ چيائين، ”ڦلڪو کپيو؟“ ۽ چندر جي جواب ٻڌڻ بنا ئي ڦلڪن جي ٿالهي چندر اڳيان رکي چيائين، ”ٻيو ڇا کپيوَ؟“

"ها، پوءِ به سدا هنجي اهڙي شيوا ڪانه ٿي ڪري. بنتي تون ان ٻاري ۾ سدا کي ٿورو سيکاريندس."

"ها ها، شيوا ڪرڻ جي سکيا مان ڏيئي ڇڏينديساس ۽ شاديءَ کانپوءِ جي سکيا توهين پنهنجي پيءُ کان ڏيارجوس. توهين ٻارڻ لاءِ هنکان اها سکيا اڳيئي وٺي چڪا هوندا."

چندر سهجي ويو. "شيطان ڪٿي جي، تمام بيشرم ٿي ويئي آهين. اڃي ته چپ به ڪونه چوريندي هئينءَ!"

"توهان ۽ ڏيڏيءَ ته بنايو آهي مونکي بيشرم! مان ڇا ڪريان. اڃي مان ڪيترو نه ڊڄندي هيس." بنتيءَ پنهنجي سياويڪ نموني ڪنڌ هڪ طرف جهڪائي چيو ۽ پوءِ مشڪندي ڀڄي وئي.

ڊاڪٽر جڏهن آيو ته شنڪر بابوءَ چيو، "ڇڱو، مان هاڻي هلان ٿو. هي هار منهنجي طرفان ڪنوار کي ڏجو." ۽ هن پنهنجي ٿيلهي مان موتين جو هڪ تمام سندر هار ڪڍي بقيءَ جي هٿن ۾ ڏنو.

"ها، پر به هڪ ڳالهه آهي." شنڪر بابوءَ وري چيو، "شادي اسين مهيني کن جي اندر ٿي ڪنداسين. توهانجون ٻيون سڀ ڳالهيون اسان مڃيون، پر هيءَ اسانجي ڳالهه توهانکي ضرور مڃڻي پوندي."

"ايترو جلدي!" ڊاڪٽر شڪلا کان جهڙي ڇرڪ نڪري ويو. "اهو ناممڪن آهي شنڪر بابو. توهان کي نه خبر آهي ته مان بلڪل اڪيلو آهيان."

کان وڌيڪ شنڪر بابو پسند آيو. ڳالهين ڪندي خبر پيس ته شنڪر بابوءَ جي عمر اڃا ٽيهن سالن کان وڌيڪ نه آهي. پنجن سالن جو هڪ ٻار اٿس ۽ اُنهيءَ ويم ۾ ئي هن جي پتنيءَ سرڳواس ٿي هئي. هينئر هو ٻي شادي ڪرڻ ٿي چاهي. هو گانڌيوادي هو. مڪاني ڪانگريس ڪم ڪندڙن جو مکيه اڳوان هو. ميونسپل ڪمشنر هو. خاندان زمينداري هون. ڪيلاش بريلي ۾ پڙهندڙ هو. ڪيلاش کي اڃا نوڪري يا ڌنڌي ڪرڻ جو ارادو ڪونه هو. هن مزدورن لاءِ هڪ هفتيوار اخبار شروع ڪرڻ ٿي چاهي. هن اهو به فيصلو ڪري ڇڏيو هو ته شاديءَ بعد سدا کي پاڻ سان گڏ وٺي ويندو ۽ هن کي وڌيڪ پڙهيندو ۽ راڄنيتي ڪيتر ۾ هن کي پاڻ سان گڏ اڳتي وٺي هلندو.

وچ ۾ هڪ دفعو بنتي چندر کي سڏڻ آئي. چندر ٻاهر آيو ته بنتيءَ چيو، "ديدي پڇي ٿي ته هي ڪيڏي مهل ويندو."

"ڇو؟"

"ڇوي ٿي، چندر کي هينئر اها يادگيري ٿو روئي پوندي ته هن گهر ۾ سدا به رهندي آهي. هو ته بس هنن سان ڳالهين ۾ رڌل ويٺو هوندو."

چندر کي ڪل اچي وئي، جواب ڪونه ڏنائين. بنتيءَ چيو، "هي ماڻهو ته ڏاڍا سٺا آهن. ماڻ ته ڇوان ٿي، سدا ديديءَ کي انهيءَ کان بهتر گهر ٻيو ڪٿي ملي سگهندو. هي ماڻهو منهنجي سهري وانگر ڪونهن"

شڪر ٻاره ڪلي ٿيو.

انهن ڳالهين ٿينديون رهيون ۽ ٺيڪ شڪر ٻاره-وڳي پنهنجي منٽ ۾ چترائيءَ سان سيٺيءَ کي پنهنجي ڳالهه مڃائي ورتي. انهيءَ بعد هن سيٺيءَ کان موڪلايو. ڊاڪٽر صاحب ۽ ٻڍيءَ کي ٻيري ٻيو، چندر سان هٿ ملايائين ۽ انهن سيٺيءَ جون دليون جيتي هليو ويو.

ٻڍيءَ موتين جي مالها کي آگرين وچ ۾ ڦيرائيندي چيو، ”هڪڙو هو آيو هو موذي حرامخور! بس ڪاغذ نڪر ڏيئي هليو ويو.“ ۽ هڪ اونهو ساهه کڻي اُتان هلي وئي.

ڊاڪٽر صاحب سدا کي سڏايو ۽ موتين جي مالها هنجي هٿ ۾ ڏنائين. سدا ٻيءَ جي گود ۾ منهن لڪائي روئي ڏنو.

سدا پوءِ اٿي هلي وئي ۽ ڊاڪٽر، چندر ۽ ٻڍي شادي جي تياريءَ بابت ڳالهيون ڪندا رهيا. فيصلو اهو ٿيو ته هينئر هنن جي اِڇا انوسار شادي ڪئي وڃي ۽ پوءِ يونيورسٽي کلڻ بعد سيٺيءَ کي سڏائي هڪ ٻيڪيدار مجلس ڪئي وڃي. اهو به فيصلو ٿيو ته ٻڍي ڳوٺ وڃي، اُتان اَناج، گيهه، وڙين ۽ نوڪرن وغيره جو بندوبست ڪري اچي ۽ پندرهن ڏينهن اندر واپس موٽي اچي. ايتري قدر جو شاديءَ ڏينهن ۽ اُنجي ٻئي ڏينهن صبوح جو چا رڌجي، پچائجي، ڊاڪٽر صاحب اهو پڻ فيصلو ڪري ڇڏيو. وڌيڪ فيصلو ٿيو ته جڳن جڳ سان خاص گهڻا ماڻهو ڪوٺ ايندا، انهيءَ ڪري اُنهجي ناشتي وغيره لاءِ آرڊر يونيورسٽيءَ جي ڪنهن ڀوجن شالا کي ني ڏجي.

”نه، توهانکي ڪو به ڪشٽ نه ٿيندو.“ شنڪر بابو تمام مٺي آواز ۾ چيو. ”اسين ريت رسم جا پابند نه آهيون. توهان کان بس جيترو ٿي سگهي، اوتري ريت رسم بجا آڻجو. اسين نه فقط ڇهه يا ست ڄڻا ايندا سين. صبوح جو ايندا سين، توهين پنهنجي بنگلي ۾ ئي هڪ ڪمرو اسان لاءِ خالي ڪرائي ڇڏجو. شام جو شادي ٿيندي ۽ ٻئي ڏينهن صبوح جو ڏهين بجي اسين واپس موٽي وينداسين.“

”ائين ڪيئن ٿيندو؟“ ڊاڪٽر صاحب چيو. ”منهنجي هڪڙي ئي ڌيءَ آهي ۽ اسانکي به ڪي آشنا آهن. تنهن کانسواءِ ڇوڪريءَ جي پڦي اها ڳالهه اصل قبول نه ڪندي.“

”ڏسو نه، مان توهانکي سموري ڳالهه سمجهايان، ڪيلاش شاديءَ وقت ٺاٺ باٺ جي سخت خلاف آهي. انهيءَ ڪارڻ ئي هن پنهنجي ذات برادريءَ ۾ شادي ڪرڻ نٿي چاهي. پر مون جڏهن هن کي خاطري ڏني ته ڪو به ڏيکاءُ نه ڪيو ويندو، تڏهن مس هن منهنجي هيءَ ڳالهه قبول ڪئي. تنهنڪري توهين منهنجي ڳالهه مڃو. پوءِ شاديءَ بعد ته سڄي عمر پيئي آئو. سڪيلڌي ڌيءَ آئو پيا سهج ڪجوس. باقي وقت جي ڳالهه، سو ته شيشه شنگهرم! شپ ڪم ۾ ڪڏهن به دير نه وجهجي. رهي انتظام ڪرڻ جي ڳالهه، سو توهين چئو ته مان هتي ئي رهي پوان ۽ ڪم پورو ڪري ڏيان.

پر شڪر ٿيو جو تہ مان تعريف ڪري ٿي اٿو سگهان
تنهنجو ڪهڙو رايو آهي!“

”ها، آهي تہ برابر. ديدي اُتي ڏاڍي سکي رهندي. ٻڌ ديدي، اُتي وڃي اسانکي وساري نہ ڇڏج.“

”۽ موکي بہ وساري نہ ڇڏج، سڌا!“ چندر سڌا جي اداسي دور ڪرڻ لاءِ هنکي چيڙائيندي چيو.

”توکي وسارڻ کانسواءِ ڪم ڪين هلندو.“ سڌا اٿي کان پوءِ وڏيڪ ٿڌو ساهہ کڻندي چيو. ائين چوندي هنجي اکين مان هڪ لڙڪ ڳڙي پيو، ڪوشش ڪندي بہ هوءِ اهو روڪي نہ سگهي.

”اڙي پڳلي! تون نہ سمجهہ پنهنجي چندر لاءِ ٿي ڪرين، هنجي آڳيا انوسار ڪري رهي آهين، پوءِ روي هي لڙڪ ڇا جا؟ ڇي.... ۽ هيءَ مالها ساموهن رکي ڇا ويٺي ڪيءِ.“ چندر هنجي دل بهلائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو.

”مالها تہ ديديءَ اِهيءَ لاءِ ساموهن رکي هئي جو... ٻڌايان؟“ سڌيءَ چيو. ”چندر تو رامائڻ جي ڪٿا ٻڌي آهي نہ؟ رامچندر پنهنجي هڪ ڀڳت کي موتين جي مالها ڏني تہ هو انهي موتين کي ڏندن سان ڀڃي ڏسڻ لڳو تہ انهن ۾ اندر رام نام آهي يا نہ. سو ديديءَ بہ هيءَ مالها ساموهن رکي اهوئي پئي ڏٺو تہ انهن ڪٿي چندر جي جهلڪ آهي يا نہ!“

”هٿ ڀڳوارڻ ڪٿي جي!“ سڌا هيٺر ڪلي ڏنو.

انهيءَ وچ ٻنتي ناشتو ۽ شربت کڻي آئي. چندر بيفڪريءَ سان شربت جون سرڪيون ڀريندي سوال ڪيو، "ڪهڙن ٺاهيو آهي؟"

"سدا ديديءَ."

"اڄ ڏاڍي خوش ٿي ڏسجي. شربت ۾ مٺاڻ نه ڄڻ آهيئي ڪونه." چندر جي اها ڳالهه ٻڌي ٻنتيءَ ۽ ٻقيءَ کلي ڏنو.

ٿوري دير بعد چندر اندر پهتو ته ڏسي ته سدا پنهنجي پلنگ تي ويٺي اڳيان هڪ ڪتاب رکي ان ۾ نه معلوم ڇا ڏسي رهي آهي ۽ سامهون هوءَ موتين جي مالها رکي اٿس. چندر اڳتي وڌي چيو، "سدا! اڄ مان ڏاڍو خوش آهيان، بيحد خوش آهيان!"

سدا اکيون مٿي کڻي چندر ڏانهن نهاري مشڪڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ چيائين، "مان به بيحد خوش آهيان."

"ڇا فيصلو ٿي ويو انهيءَ ڪري!" ٻنتيءَ هن کان پڇيو.

"نه، چندر خوش آهي انهيءَ ڪري." ۽ هن هڪ لنبو ساهه کڻي ڪتاب بند ڪري ڇڏيو.

چندر پڇيو، "ڪهڙو ڪتاب آهي سدا؟"

"ڪجهه ڪونهي. گيسوءَ اردوءَ جا ڪي شعر ٻڌايا هئا اهي هتي لکيل آهن." سدا چيو. چندر ٻنتيءَ ڏانهن نهاري چيو، "ٻنتي، ڪيلاش نه جهڙو آهي تهڙو ئي آهي

ايترو جلدي مونکي پنهنجو سر هيٺين لاڙ ۾ ڦٽو پوندو.
پاپا لي جنت پائي ۽ ڪنهن ٻئي کان هار کائڻي پوندي.
اڃا هنجو فيصلو به ڪونه ٿيو آهي ته منهنجي اندر منهنجي...”
سدا ٿوري دير چپ رهي. ”۽ منهنجي ٻي ڳالهه به جيڪا
مون توکي ٻڌائي هئي. مون چيو هو ته جڏهن سر هيٺان
ڪنهن جا قدم اوچتو هٽي ويندا آهن، تڏهن ئي معلوم
ٿيندو آهي ته اسان ڪنهن جا سپنا پٺي لڌا. مونکي به
معلوم ڪونه هو ته منهنجو سر ڪنهن جي قدمن ۾ اڳيئي
جهڪيل آهي. ياد آهي توکي... مون توکي ٻڌايو هو ۽
توکان پڇيو هو!”

”سڀ ياد آهي“ چندر ورائيو. ٻئي اٿي هلي ويئي
پر چندر ۽ سدا اُن ڏانهن ڪو به ڌيان ڪونه ڏنو. چندر
چيو، ”سدا، هميشہ انهن سڀني ڳالهين سوچڻ مان ڪهڙو
فائدو. رستو منهنجي اڳيان آهي، مون اُهيءَ تي اڳتي هل.“

”ها، منهنجا ديوتا، رستو ته برابر منهنجي سامهون
آهي، مگر رکي رکي ڪيتريون پراڻيون ڳالهيون دل تي
تري ٿيون اچن ۽ من چاهي ٿو ته بس انهيءَ بابت ئي
سوچيندي رهان. الائي، من کي انهيءَ مان بيحد سنتوش
ڇو ٿو ملي. چندر، مان جڏهن اوڏانهن هلي وينديس، توکان
گهڻو گهڻو دور... تڏهن اُهن يادگيرين کانسواءِ مون وٽ ٻيو
هوندو ئي ڇا. توکي اهو ڏينهن ياد آهي جڏهن مان گيسوءَ
وٽ وڃي نه سگهي هيس ۽ اسان ٻنهي وچ جهڳڙو ٿيو

"هاڻي تنهنجو وات تمام گهڻو کلي ويو آهي." سدا ٻڌائي غصي سان چيو. پوءِ هوءَ وهاڻي کي ٽيڪ ڏيئي ليٽي پيئي. "اڄ گيسو ڪانهي، مونکي اڄ هوءَ ڏاڍي ياد ٿي پوي."

"ڇو؟"

"ڇاڪاڻ جو اڄ مونکي هن جا ڪيترائي شعر ياد ٿا پون. هڪ دفعي هن هڪ شعر ٻڌايو هو ......

يہ آج فضا خاموش ہے، کيون،
ہر ذرے کو آخر ہوش ہے کيون؟
يا تم ہي کسي کي ہو نہ سکي،
يا کوئي تمھارا ہو نہ سکا.

انهيءَ شعر جي آخرين ٽڪ هئي...

موجين ڀي هماري هو نہ سکين،
طوفان ڀي همارا هو نہ سکا!

"واهه، اها سٽ ته ڏاڍي سٺي آهي." چندر چيو.

"اڄ گيسو هجي ها ته خوب ڳالهيون ڪري ها."

سدا چيو، "ڏس چندرا زندگي ۾ ڪهڙي نه آهي. انسان سوچي ٿو ڇا ۽ ٿئي ڇا ٿو. اڄ کان ٽي چار مهنا اڳي مون ڇا سوچيو هو! ڪلاس مان پڙهي اسين جڏهن وڻ هيٺان ليٽي ڳالهيون ڪنديون هيونسين تڏهن مان هميشه انهن چوندي هيس ته مان شادي نه ڪنديس، پاپا کي سمجهائي وٺنديس. انوقت مونکي ڪهڙي خبر هئي ته

اُهيءَ ڪمري کي نئين ڪرڻ ۽ ڳهڻن جو ڀنڊار گهر ڪيو
ويو ۽ اُن جي چاٻي ڀڳيءَ يا بنتيءَ وٽ ئي رهندي هئي.
ڳوٺ مان هڪ وڏڪ مهاراڻ آئيءَ ويٺيءَ لاءِ، هڪ مائي
۽ ٻه مزور آندا ويا هئا. اهي سيٺيءَ رات جو موٽي گهرائيج
۾ سمهندا هئا. سڄو ڏينهن ڪم ڪندا هئا ۽ هر وقت
پيئڻ لاءِ پاڻي پيا گهرندا هئا. گهر ۾ جيڪي ٻه ڪرسيون
۽ ڪوچ هئا اُهي سڀ سامان ۾ ڪڍا ڪيا ويا هئا.
رسوئي گهر جي ڀر واري ڪمري ۾ ٿالهون، پيالا ۽ ٻيو
سامان رکيو ويو هو ۽ ٻئي واري ڪمري ۾ ڪڻڪ، گيهه،
سبزين ۽ اناج رکيل هو. مٺائي ڪٿي رکجي اِن سوال تي
ڀڳيءَ، بنتيءَ ۽ مهاراڻ وچ ۾ ساڍه ڪي ڪلاڪ بحث هليو،
پر نيٺ ڀڳيءَ بنتيءَ کي چيو، ”جڏهن پنهنجي پٽڻ ڌيئڻ
جي شادي ڪريان، تڏهن اها ڪنجي جهڙي پنهنجي
زبان هلائج. هيئنر هر ڪم ۾ ٽون پنهنجي ٽنگ ڇو ٿي
اڙائين!“ اهو ٻڌي بنتي چپ ٿي ويئي ۽ آخر ۾ ڀڳيءَ
جي ڳالهه ٿي قبولي ويئي. ڀڳيءَ جي جهڙي زبان تيز هئي،
هنجا هٿ به اهڙائي تيز هئا. ڪٽڪ جون چار ڳوٺڻون
اکيلي سر صفا ڪري ڪمري ۾ رکيائين. گهٽ ۾ گهٽ
ٻهڻ قسمن جون داليون آنديون هئائين. بيسڻ پيهايائين
پاپڙ ڪيائين، ميدو ڇاڻايائين، سوجي ڪڍايائين ۽ سڀ
شيون الڳ الڳ ڳوٿرين ۾ بند ڪري رکايائين. رات
ٿيندي هئي ته اڪثر ڀڳي، مهاراڻ ۽ ڳوٺ مان آئيءَ
ويٺيءَ لاءِ آندل داسي ٻولڪ ڪٽي وهندين هيون ۽

هو. چندر، اُلي برابر سمجهه آهي، مگر اُلي مان لڙندس
جهڳڙندس ڪنهن سان؟"

چندر ٿڪو مشڪندي چيو، "ڇا توهان اڃا سڄي عمر
انهن ٻار ٿي رهنديون؟"

"ها چندر، چاهيم ته انهن ٿي ٿئي، پر زندگي جي
زبردستيءَ سبب سڪ ڇڏي ٿي وڃي ۽ اُنهي عرض ڏئي
ڪجهه ڪين. اُٿ ته ٻاهر ساوڪ ٿي هلي وڃون. اڄ سڄي
شام توسان ٿي ڳالهيون ڪنديس."

سدا وري رات جو اٺين بجي آئي، جڏهن ٻئي وڃڻ
لاءِ تيار ٿي بيٺي هئي ۽ ڊرائيور موٽر وٺي ويو. مٿان گگن
مان ٽمڪندڙ اُداس ستارن ڏٺو ته هيٺ زمين تي چندر
۽ سدا جي اکين ۾ پڻ آنسن جا موتي ٽم ٽم ڪري پيا
ٽمڪن. اُنهي سدا ڪن لاءِ چندر ڏانهن نهاريو. چندر
سر جهڪائي ڇڏيو ۽ بيحد اُداس آواز ۾ چيائين، "هل سدا،
اسان تمام گهڻي دير لڳائي ڇڏي."

پندرهن ڏينهن بعد جڏهن ٻئي واپس آئي ته گهر جو
رنگ ئي بدلائي ڇڏيائين. دروازي تي ۽ برساتيءَ تي
هٿن ۾ رنگيل هٿن جي ڇاپ لڳي وئي. ڪمرن جو سامان
ٻه هڪ طرف هٽائي وچ ۾ گلم وڇايا ويا ۽ سيڌي ڪان
اندرئين ڪمري ۾ سدا جو سمورو سامان رکيو ويو. ايپاس
واري ڪمري جا سڀ پستڪ سميٽيا ويا ۽ الي سبڻ جي
مشين آندي وئي جنهن تي بنتي ڪپڙا تيار ڪرڻ لڳي.

جنهنجي اکين جي چمڪ ڌيري ڌيري جهڪي ٿيندي ٿي وئي، چنچلتا جنهنجي نگاهن کي ڏاهپ ڏيئي وئي هئي، جنهنجي جيون جي خوشي، رنگيني، سنتوش ۽ سک آخرين الوداع ڪري ويا هئا، اها هئي.... سدا! سدا صفا بدلجي وئي هئي. چمپا گل جهڙو گورو مک هينئر زرد پئجي ويو هو، ائين پئي لڳو ته هوءَ بيمار آهي. ڪاڏو هينئر هڏڪي زهر پاسڻ لڳو. پنهنجي ڪمري کي ڇڏي هوءَ ڪيڏانهن ڪانه چرندي هئي. هڪ ٽڏي چٽائي وڇائي ڏينهن رات اُتي پيئي هوندي هئي. ٻتي جڏهن ڪلندي ڪاڏو ڪٽي ايندي هئي ۽ سدا جي انڪار ڪرڻ تي جڏهن هنجي اکين ۾ آنسو تري ايندا هئا، تڏهن سدا پاڻيءَ جي ٻڪن جي مدد سان ٻه چار گره ڪانيندي هئي ۽ پوءِ وري ساڳي طرح مهن ملول، ٽڏيءَ چٽائيءَ تي ليٽي پوندي هئي. سوڙهي کي ڪمر اندر لٽين سان ڪٽي سيگاري، پر اندر پنهنجيءَ شڪيءَ کي وهه جو پيالو پيئاري ڇڏي، هن گهر جو پڻ اهڙو ماحول پئي لڳو.

ڊاڪٽر شڪلا کي همت نٿي ٿي جو سدا سان ڳالهائي. هو روز ٻتيءَ کان پڇندو هو: سدا ڪاڏو کائي ٿي يا نه؟ ۽ هنجي ها ڪرڻ تي هڪ اڌو ساهه کڻي پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويندو هو.

چندر پريشان هو. هن شايد اڳي ڪڏهن به پنهنجي زندگيءَ ۾ ايڏو ڪم نه ڪيو هو. سوناري وقت، ڪپڙي واري وقت، راشننگ آفيسر وقت، پوليس ٿاڻي جي انتظام

لاڏا ڳائينديون هيون. ٻنهي ۾ اُنهيءَ شغل ۾ شريڪ
ٿيندي هئي.

سچ پڇو ته سدا جي شاديءَ جو چاهه ٻنهيءَ کي ايترو
ڪونه هو جيترو ٻنهيءَ کي هو. هوءَ اُسر جو اٿي ٻهاري
ڪڍي سڄو گهر صاف ڪندي هئي، اُن بعد سنان ڪري
پاڄي ڪپيندي هئي، پوءِ چانهه چاڙهيندي هئي. ڊاڪٽر،
چندر، سدا ۽ ٻين سڀني کي چانهه ڏيندي هئي. چندر ڪجهه
حساب لکائيندو هو ته وٽهي لکندي هئي. پوءِ وڃي
مشين تي ويهندي هئي ۽ ٻارهين هڪ ٻجي تائين ويٺي
سبندي هئي. منجهند جو دال ۽ چانور صفا ڪرڻ
ويهندي هئي ۽ شام جو وري شربت ۽ ناشتو تيار ڪندي
هئي. رات جو دير تائين جاڳندي، لاڏا ڳائيندي هئي
يا سدا کي کلائڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. هڪ ڏينهن
سدا چيس، ”منهنجي شاديءَ تي تون هيڏي خوش آهين
ته پنهنجي شادي ۾ ته الائي ڇا ڪندين؟“ ٻنهيءَ چيو،
”پنهنجي شاديءَ ۾ مان خود ٻنڊ وڄائيندس......
وردي پائي.“

گهر ائين ٿي چمڪيو جئن ريشم چمڪي. مگر ريشم
جي چمڪدار، رنگين خوش گولي اندر ٻه هڪ پراڻي
ٿيندو آهي.... اُداس، خاموش، پنهنجو ساهه روڪي، ڪن ڪن
۾ پنهنجي موت جو انتظار ڪندڙ ريشم جو ڪينئون. گهر
جي هن خوشيءَ ۽ رنگينيءَ وچ ۾ صرف هڪ ئي جيو
هو، جنهنجي زندگي رفته رفته جڻ ٻڏندي ٿي ويئي،

"سدا ڪٿي آهي؟ هن کي سڏي وٺ."

سدا آئي.... اکيون سڪيل، چپ سڪل، وار رکا، ساڙهي گدلي، منهن زرد، ڇال مريض. هٿ ۾ ٻڪو هوس. آئي ۽ چندر جي پير ۾ ويهي رهي. "ٻڌاءِ ڇا ڪري آئين چندر! باقي ڪهڙو بندوبست رهيل آهي؟"

"بس سڀ ڪجهه ٿي ويو سدا راڻي! اڄ نه منهنجا پيرن جواب ڏيئي ڇڏيا آهن. سائيڪل هلائيندي هلائيندي منهنجي پيرن ۾ گيڙيون پئجي ويون آهن." چندر ليٽيءَ مان ليٽ پاسو ڪندي چيو، "شادي منهنجي آهي مگر محنت ڪندي جان منهنجي نڪري رهي آهي."

"برابر آهي چندر. منهنجي شاديءَ لاءِ ٻيو ڀلا ڪنهن کي اهڙو چاهه يا اُتساهه آهي." پوءِ سدا ڏاڍي لاڏ سان چيو، "هان هيڏانهن ڪر پير ته زور ڏيانءِ."

"اڙي پاڳل ٿي وئي آهين ڇا؟" ۽ چندر پنهنجا پير مٿي ڪري ڇڏيا.

سدا اُٻو ساهه ڀريندي چيو، "سچ چندر، هينئر منهنجي چرڻن کي هٿ لائڻ جو به مونکي اڌڪار ڪٿي آهي؟ معاف ڪج، مان ڀلجي ويس ته مان هينئر اڳين سدا نه آهيان." ائين چوندي هن جي اکين مان ٻه لڙڪ ڳڙي پيا. سدا هٿ واري وچٽي جي اوٽ ۾ اهي اگهي ڇڏيا.

چندر پير دري هيٺ ڪندي چيو، "سدا، تون نه رسي ٿي وڃين."

"نه چندر. هينئر منهنجي رسڻ پرچڻ جا ڏينهن نبري

ڪرڻ لاءِ پوليس لائينس ۾ ماجسٽريٽ وٽ عرضي ڏيڻ لاءِ، روپيه ڪيڻ لاءِ بئنڪ ۾ وڃڻ، شاميانــي جو پربند ڪرڻ، پلنگن ڪرسين وغيره جو بندوبست ڪرڻ، ڪاڏي پيتي لاءِ پرلن ميسر ڪرڻ ۽ نه معلوم ٻيو به ڪهڙو ڪهڙو ڪم.... ۽ انهيءَ بعد جڏهن ٿڪ ۾ چور چور ٿي آڌر جي پهريءَ جــي سخت گرميءَ ۽ لپٽ ۾ هو گهر موٽندو هو ته ڏهن ٻنهي اچي سوچنا ڏيندي هئي ته سدا اڄ ڪجهه ڪونه کاڌو آهي. اُن وقت هو انهن چاهيندو ته هو پنهنجو سر ڦوڙي ڇڏيان، پوءِ به هو سدا وٽ پهچندو هو. سدا آنسو سڪائي اُٿي وهندي هئي، هڪ اُجڙيل مسڪراهٽ سان چندر جي آجيان ڪندي هئي. چندر هنکان پڇندو هو، ”کائين ڇو نه ٿي؟“

”کان ته ٿي چندر. پلا هن گرمين ۾ اگهي ڇا وڌيڪ کائيندي هيس!“ سدا جي ان اُتــر ۾ ايڏي تــه درديلا هوندي هئي جو چندر اُنکي ڪوبه رد ڪد ڏيئي نــه سگهندو هو.

پاهريون ڪم هينئر ڏري ڏهت ختم ٿــي چڪو هو. هئڻ جو چنڊو هٽي خط اچيئي روانا ٿي چڪا هئا، مگر نيمڻ پتر به ڏاڍا سهڻا ڇپجي آيا هئا، البت ڪجهه دير ٿي وئي هئي. شاديءَ ۾ باقــي ســت ڏينهن پيا هئا. چندر صبوح جر ڏهين ٻجي پيتيءَ ۾ نيمڻ پتر ۽ لفافا ڪڍي پهتو ۽ اپياس واري ڪمري ۾ ويهي ويو. ٻنهيءَ اُلــي ڪجهه سبيو وئي.

ٻنهي ڪارڊ کڻڻ لڳي ته سدا هن کي ڇهيندي چيو،
"رکو هي سڀ هتي. بس چندر جي ڏاڍي آگياڪاري
ٿيلي ٿي وئي آهن. هينئر ته هيءَ به منهنجي جان جي
خريدارڻ ٻڻجي وئي آهي. منهنجي ڪمري ۾ اهي سڀ
کڻي اچجانءِ ته ننگون ٻانهون ٻڌي ڇڏيندسانءِ. ٻاجهڻ
کٽان جي."
ٻنهيءَ ڪارڊ واپس رکي ڇڏيا. نوڪر اچي چيو،
"بابو جي، ڪمير منهنجو حساب ته ڪري."
"مان اڄ ته اچان، سدا." اهين چئي چندر هليو ويو.
ڏينهن اهين ٿي گذريا. شاديءَ جو ڏينهن ويجهو
ٿيندو ٿي ويو ۽ سيني جو هڪ ٿي ڪان سهارو ڇڏيندو ٿي
ويو. سدا جي من ۾ ڏيري ڏيري جيڪا شمشان ڀوميءَ
جي اُداسي ڇانئجي ٿي وئي، تنهن کي چندر منهنجي پيار،
منهنجي مسڪراهٽ، منهنجن لڙڪن سان ڌوئڻ لاءِ وياڪل
ٿي ٿي اُٿيو. مگر هيءَ ته زندگي هئي جتي پيار شڪست
کائيندو آهي، مسڪراهٽ کي هار قبولڻي پوندي آهي،
ڳوڙها ويرٿ ويندا آهن ۽ ٿالهيون، پيالا، ٻاللون، گلم
غاليچا ۽ بئنڊ باجا ٿي سوڀ پائي ويندا آهن. جتي منهنجي
جيون ديويءَ جي لڙڪن ڳڻڻ بجاءِ، پيالا ۽ ٻاللون ڳڻي
رکيون وينديون آهن. جتي ڪنهن جي آتما جي اُداسي
کي منهنجي آنسن سان ڌوئي مٽائڻ عوض ٿالهيون ۽
ڪٽوريون ڌوئارڻ وڌيڪ ضروري ليکيو آهي. جتي
جذبات ۽ دلي ڪشمڪش جا سڀ طوفان سوناري ۽

ويا. هيمنٽر ڌارين جي ڳالهه ڪئي ٿي پر و پلو ڇڏي نه سگهنديس
نه باقي پنهنجي گهر وارن جي ڳالهه، تي ناراض ٿيڻ ڇاجو!
ڇڏ اهي ڳالهيون. ڏسان هي ڪهڙا نيمنڊ پتر ڇپائي آيو
آهين.“

چندر هڪ نيمنڊ پتر کڻي اهو لفافي ۾ وجهي اُن تي
سدا جو نالو لکي. کيس ڏيندي چيائين، ”وٺ، اسانجي
سدا جي شادي آهي، ضرور اچجو.“

سدا نيمنڊ پتر ورتو. پوءِ هڪ ملول مسڪراهٽ چپن
تي آڻي چيائين؛ ”منهنجي پتي ديو آگيا ڏني ته ضرور
ايندي س. هنجو به نالو لکوس هن لفافي تي، متان خراب
لڳيس.“ ۽ سدا اُٿي کڙي ٿي.

”ڪيڏانهن هلين ٿي؟“ چندر پڇيو.

”هتي ڏاڍي گهڻي روشني آهي. مونکي پنهنجو
اونداهو ڪمرو ٿي سٺو لڳي.“ سدا ورندي ڏني.

”اَٽ بيٺي، هي سڀ ڪارڊ اُلٽي کڻي هل.“ چندر
چيو. ”اڄ سدا، ڪارڊن تي نالا به لکندس، توسان
ڳالهيون به ڪندس. زندگي نه ڏس سٺو! اڄ پنڌ رهڻ
ڏينهن ڪان سولا به منت وٺي توسان ڳالهيون به ڪري
نه سگهيو آهيان!“

”اڃا ڇا ڪرڻو اٿم چندر! جڏهن چوين ٿو تڏهن هلي ٿي
رهي آهيان. اڃا ڪجهه رهيل آهي ڇا؟ پڙاءُ نه اُنجي
پورائي به ڪري ڇڏيان. هيمنٽر نه روئي پئي به عرش
مٿي اوچو پٽجڻو پوندو.“

هن کي خبر ڪانه رهي. سدا پاڻ ٻڌون سان جهنجهيو، هن کي خبر ڪانه رهي. گهر ۾ لاڏا ڳائجڻ لڳا، هن کي خبر ڪانه رهي. سدا چلهه جي ٻوڇا وقت پنهنجو سر زمين سان ٽڪرايو، هن کي خبر ڪانه رهي ... هو زنده جيو نه هو. هو نه صرف طوفان ۾ اڏامندڙ هڪ زرد پن هو، جو وايوءَ جي چڪر ۾ ڦاسجي ويو هو ۽ طوفاني لهرون هن کي هيڏانهن هوڏانهن نچائي رهيون هيون.

هن کي هوش لڌو هن آيو جڏهن جيج اچڻ کان هڪ ڏينهن اڳي، ٻتي هن کي زبردستيءَ همت کان ٻڪڙي وٺي ويئي مٿي ڇت تي، جتي سدا رلو ويٺي. ٻتي چندر کي ٿيلهو ڏيئي اُلي ٻهچائي، پاڻ هلي ويئي.

چندر جي سامهون سدا ويٺي هئي. سدا، جنهن کان چندر اڄ نه معلوم ڇو دور دور ڀڄڻ ٿي چاهيو. جنهن کو شخص پنهنجي دل جي ڦٽن کان گهٻرائجي اڪيلائي مان ڀڄي ٻاهرئين الٻوه ۾، ڀيڙ ۾ شامل ٿي وڃي، ڀيڙ جي بي مطلب شور ۾ پاڻکي گم ڪرڻ چاهيندو آهي، ٻاهرين ڪولاهل ۾ اندر جي طوفان کي ڀلائڻ چاهيندو آهي، ساڳي طرح چندر به گذريل هفتي کان سڀڪجهه ڀلجي ويو هو. هن کي فقط هڪ ڳالهه ياد هئي... شاديءَ جو ٻر پٽڻ ڪرڻ. صبوح جو اُٿڻ کان وٺي رات جو سمهڻ تائين هن ايترو ته ڪم ڪرڻ ٿي چاهيو، جنهن هن کي هڪ پل لاءِ به ٻيهڻ جو وجهه نه ملي، هڪ کن لاءِ به سوچڻ جي فرصت نه ملي ۽ سمهڻ کان اڳي هو ايترو ٿڪجي پوي، ايترو

ٻاجهه جي شور ۾ گم ٿي ويندا آهن. جتي ان دلين جي دک ڀري پڪار شرنائن جي آواز ۾ ٻڏي ويندي آهي. جنهن وقت انسان جي دل جو ذرو ذرو حيران ۽ پريشان هوندو آهي، جنهن وقت هنجي لسن ۾ ستارا ٽٽندا آهن، جنهن وقت هنجي دماغ ۾ آگ ڀڙڪندي آهي، جنهن وقت هنجي سر مٿان آسمان ۽ پيرن هيٺان زمين نڪرندي ويندي آهي، انوقت هنکي شاديءَ جي وڄن جو اگهه پار چڪائڻو پوندو آهي ۽ ٻئنڊ باجي وارن کي پيشگي رقم ڏيڻ جي ذلت کي منهن ڏيڻو پوندو آهي.

ان وقت اها هئي چندر جي زندگي! زندگيءَ پنهنجو چڪر پوري زور سان چالو ڪري ڇڏيو هو. ڪروڙين طوفان هنکي گهيري نچائي رهيا هئا. هڪ ڪن لاءِ به هو ڪٿي ٽڪي نٿي سگهيو. هڪ پل لاءِ به هنکي آرام ڪونه هو. هڪ سيڪنڊ لاءِ به هنکي سوچڻ جي فرصت نٿي ملي نه سندس چوڌاري ڇا پيو وهي واپري. هو جڻ بيهوش مورچت اوستا ۾، مشين جيان ڪم ڪندو ٿي رهيو. آواز اٿيا ٿي ۽ هنجي ڪنن سان ٽڪر کائي موٽي ٿي ويا. لڙڪ ڳڙيا ٿي مگر هنجي دل کي ڇهي نٿي سگهيا. طوفاني گهمرو هنکي پنهنجي ورڪر ۾ ڦاسائي گهليندو ٿي ويو. ٻاليءَ جي رفتار کان به وڌيڪ تيز، پوَنَ کان به وڌيڪ شڪتيوان، اهو طوفان هنکي ڌڪيندو، گهليندو ٿي ويو. هڪ طرف ... شاديءَ جو ڏينهن! سڏا نڪ ۾ نت ڀالي، هنکي خبر ڪانه رهي. سڏا نوان ويس ڍڪيا،

۽ سدا لاءِ ڪاڻو ڪري ھلي وئي. چندر پڇيو، ”سدا ڪاڏي ويندينءَ؟“ سدا وات سان ڪونه ڪڇيو، صرف ڪنڌ ھلايائين. ٻڏندڙ سورج ۽ اڏامندڙ بادلن ڏانھن نھاري ھوءَ نه معلوم ڇا سوچيندي رھي. چندر ٿالھي ھٿائي سدا کي ٻانھن ڏانھن ڇڪي پڇيو، ”سدا ھيئن ڪم ڪيئن ھلندو؟ توکي ڏسي نه مان پنھنجو پرچ سنڀالي سگھندس ۽ تون خود ھي ڇائي ڪرين!“ سدا چندر جي وڌيڪ ڪسڪي آئي ۽ پر مٽ خاموش، ٽڪ ٽڪ قاتل نگاھن سان ھن ڏانھن نھاريندي رھي. پوءِ دل کي ٽڪر ٽڪر ڪندڙ رڙ ڪري روئندي چيائين، ”چندر، ھاڻي ڇا ٿيندو!“

چندر سوچي نه سگھيو ته ڇا ڪري، ڇا چوي. آنسو ھنجي اکين ۾ خشڪ ٿي چڪا ھئا، ھو روئي نٿي سگھيو. ھنجي سيني ۾ ڄڻ ڪنھن پٿر ڀري ڇڏيو ھو ۽ جنھن تي آلي لڙڪن جون بوندون ڦھيون ٿيئي ليٽن اھو پٿر اڀڪي پيئي ٿي وڃو. ھو پنھنجي لڙڪ کي سنڀالي نه سگھيو. گھٻرائجي چيائين، ”سدا! توکي منھنجو قسم آھي سانت ڪر. چپ، بلڪل چپ ٿي وڃ. ھا ائين.“ سدا چندر جي چرن ۾ منھن لڪائي ڇڏيو... ”اٽ، سڌي ٿي وڃ. سڀ ڪجھ ڄاڻندي، سمجھندي به تون ھيئن ٿي ڪرين. ڇي...ڇي. توکي پنھنجي دل مضبوط ڪرڻ گھرجي، نه نه پاپا کي ڪيڏو نه دک ٿيندو!“

”پاپا ته مون سان ڳالھائڻ به بند ڪري ڇڏيو آھي چندر! پاپا کي چئجانس: اڄ ته مون سان ڳالھائي. سڀان

ڇور ڇور ٿي وڃي جو ايندي ئي ننڊ هن تي غالب پئجي
وڃي، ڪيس پيسڻ ٻنائي ڇڏي؛ مگر اڄ ٻتي هنکي اُن
پيڙ وچمان ڇڪي اڪانت ۾ وٺي آئي، جتي هنجي طاقت
۽ ڪمزوري، هنجي ٻولڙا ۽ هنجو پاپ، هنجي مسڪراهٽ
۽ هنجا لڙڪ، هنجي سياڻپ ۽ هنجي اياڻپ.... هنجي سدا
پنهنجي زندگيءَ جي اُن موڙ تي بيٺي پنهنجو سڀڪجهه
لٽائي رهي هئي. چندر محسوس ڪيو ته موليڪي جاڳ
چڪر آيو. هو پريشانيءَ ۽ گهٻراهٽ وچان ڪت لسي
ويهي رهيو.

شام جو وقت، سج اولهه ۾ غروب ٿي ٿيو ۽ سڄي
ڏينهن جي اُس ۾ لتل ڇت تي، ٻرندڙ ٻرساتيءَ هيٺان،
هڪ پراڻي ڇڳل کٽ تي سدا ليٽي پئي هئي. سنگين
پيلي ساڙهيءَ ۽ ڪوري ڪپڙي جي چوليءَ ۾ ملبوس.
وار خشڪ ۽ اَٽيا، نڪ ۾ هڪ وڏي نٿ. لڳاتار پئڻ رهن
ڏينهن آنسو وهائڻ هنجي چهري جو روپ ئي ڦيرائي ڇڏيو
هو. هيٺر هنجي چهري تي نه نرملتا هئي نه سندرتا،
نه روپ هو نه جوڀن. ائين ٿي ڏٺو ته سدا جو سڀڪجهه
لٽجي چڪو آهي. نه فقط هنجو پيار، هنجي زندگي لٽجي
وئي آهي، مگر هنجو آواز به لٽجي چڪو آهي، هنجي
شانتي لٽجي چڪي آهي، هنجا اُمنگ به لٽجي چڪا آهن
هنجا ارمان به لٽجي چڪا آهن.

سدا پيلي ساڙهيءَ جي پلوءَ سان آنسو اُگهي سڌي ٿي
ويٺي. ٻئي چپ... پهرين ڪير ڪڇي! ٻتي آئي، چندر

جي رهڻ جو بندوبست ٻه واري جاءِ ۾ ٿي ڪيل هو. ماٿر صاحب جي بنگلي جا ٻه ڪمرا خالي ڪرايا ويا هئا. چندر صبوح جو ڇهين بجي اُٿي پهچي ويو ۽ سڀ سامان ٺيڪ ڪرايائين. سنان جو پاڻي وغيره اُٿي رکائي هو ڏهر آيو. ناشتي وغيره جو انتظام ڪندار کي سونپيل هو، مگر هن ڏانهن ڪي ٽوال موڪلنا هئا.

چندر ٻنتيءَ کي چيو، "ٻنتي، ٿورا ٽوال نه ڪيڏي وڃ."

ٻنتيءَ ماٿهه جي ڏال وٺي ڏولي. هن هڪدم اُٿي هٿ صفا ڪيا ۽ ڪمري ڏانهن هلڻ لڳي.

"اي ٻنتي...." ٻقيءَ ٻنداري مان سڏ ڪيو. "الائي ڪٿي وڃي مٿي آهي ناسوني! اڙي هار سينگار پوءِ ڪري وٺج، پهريان ڪم نه پورو ڪري وٺ. هوءَ ٻيسڻ جي چاٽي ڪٿي رکي آهي؟"

"اڇها آيس." ٻنتيءَ چندر کي چيو ۽ هوءَ ماءُ ڏانهن ڊوڙي. ٻند رهن منٽ گذري ويا مگر ٻنتي واپس ڪانه آئي. شاديءَ جو گهر، هر طرف کان ٻنتيءَ کي سڏ پئي ٿيو ۽ ٻنتي ٻه لڳاٽي اُڏامي هر هنڌ پئي پهتي. جڏهن ٻنتي ڪانه موٽي، تڏهن چندر سڏا کي ٻُولي چيو، "سڏو، ٻه ٽي تمام وڏا ٽوال نه ڪيڏي ڏي."

سڏا چپ چاپ اُٿي ۽ اڀياس واري ڪمري ڏانهن هلي. چندر به هنجي پٺيان هليو.

"ڏيڪهه، مان ڪيڏي ٿي اچان." سڏا پريل آواز ۾ چيو

کان مان هنکي تنگ ڪرڻ ڪاڻ اينديس، ڪڏهن ڪاڻ
اينديس. هينئر هنجي سدا کي سيٽي ۾ وٺي ٿا وڃن. نه معلوم
هنکي ڪيڏانهن وٺي وڃي رهيا آهن." ۽ سدا وري
سڏڪا ڀري روئڻ لڳي.

چندر ٻنهي ۾ هٿان پاپا کي سڏايو. سدا کي روئندو
ڏسي ٻنهي ڇهي وئي. "ڊيڊي روءُ نه. روءُ نه ڊيڊي.
تون روئندين ته مان هتي ڪنهن جي سهاري رهي
سگهنديس." ۽ سدا کي چپ ڪرائيندي ٻنهي خود روئي
وئي ۽ آنسو اگهندي اتان هلي وئي.

پاپا آيو. سدا جا چپ ٿسي وئي هئي، تنهن وري
روئڻ شروع ڪيو. ڊاڪٽر شڪلا پريل گلي سان چيو،
"مونکي هي روڊن سٺو ٿو لڳي. هيءَ جذ باست چاجي؟
تون پڙهيل ڳڙهيل ڇوڪري آهين، ڇا مون توکي هنلاءِ ئي
هيڏي تعليم ڏني؟ سڪٽي جذ بات وهيٽي ٿيڻ مان ڪهڙو
فائدو ٿيندو؟" چوندي چوندي ڊاڪٽر شڪلا پاڻ روئي
ڏنو. "چندر هل، اچا گهڻوئي بندوبست ڪرڻو آهي."
ڊاڪٽر شڪلا ۽ چندر ٻئي اتان اٿي هليا ويا.

پس شاديءَ کان اڳي، هميشه لاءِ جدا ٿيڻ کان اڳي
سدا کي ايترو ئي موقعو مليو، انهيءَ بعد...

ڳاڏي صبوح جو ڇهين بجي اچڻي هئي ۽ خوش نصيبيءَ
سان ليٽ ٿي وئي. ڊاڪٽر شڪلا ۽ ٻيا گهوٽين جي
سواگت لاءِ اسٽيشن ڏانهن روانا ٿي ويا ۽ چندر گهر ۾ ئي
رهجي ويو. جاڃين جي رهڻ جي پربند ڪرڻ لاءِ. جاڃين

اُٿندا آهن؟“ سدا پڇيو. چندر هن جي ساڄي هٿ جو پلؤ هٿن ۾ کنيو ۽ اکين تي رکي ڦٽي هڻڻ ۽ روئڻ لڳو.

”ٽي چندر! اڄ مون پاڻ سنڀالي ورتو، سڀ ڪجهه سوچي ڪار ڪري ورتم، تڏهن وري تون هيئن ڪمزور ٿو ٿئين. تو موٽي چيو: سڌو شانت ٿي، ته مان شانت ٿي ويس. ڇا هينئر موٽڪي وري روئڻ پوندين؟“ اُتي چندر اُٿي ڪڙو ٿيو.

سدا پاڻ چندر جي وات ۾ وجهي، ڪٿو هن جي قميص سان اُگهيو چندر ڪجهه ڪونه چيو.

”اڙي چندر، اڄ نه جهڳڙو ڪري وٺ. هن ڪانپور ڀلي نه ڪڇ.“

اتري ۾ پتي نوال ڪٽي آئي. ”ڏ پيدي، هنڪي ڪجهه ڪارائي ونيمس، هي اصل ڪجهه لٿو ڪاڻي.“ پتيءَ چيو.

”ڪارائو ٿيمانس.“ سدا چيو. ”ڏس چندر، اڄ بعد مان ڪانه روئندس، مگر هڪ شرط تي ته تون سمورو وقت منهنجي سامهون رهندين. سڀ ۾ منهنجي سامهون رهندين نه!“

”ها رهندس.“ چندر لڙڪن کي اندر ئي پيئندي چيو.

”ڪيڏانهن هليو نه ويجان ۽. منهنجو هي آخرين عرض آهيئي.“ سدا چيو.

چندر نوال ڪٽي هليو ويو.

۽ هوءَ ٻغل واري ڪمري ۾ هلي وئي. واپس آئي ته هنجي هٿ ۾ مٺائيءَ جي ٿالهي هئي.

"اڙي هيئنر کائڻ جو وقت ڪونهي، سڌا! اُٺين ٻجي جاچي پهچي ويندا."

"اُن ۾ اڃا ٻه ڪلاڪ پيا آهن. تون کاءُ چندر. هن ڪالپوءِ وري ڪڏهن ٻه تنهنجي ڪم ۾ رنڊڪ وجهي، توکي کائڻ لاءِ نه چوندس."

چندر خاموش.

"ياد اٿيئي چندرا هن ساڳي جڳهه تي ساڙهيءَ ۾ ٽانڪيون لڳائي ڪٽي آئي هيس. اڄ نه پنهنجي هٿ سان ڪارايانءِ. سياڻي ڪان هي هٿ پراوا ٿي ويندا." ۽ سڌا مٺائيءَ جي هڪ چڪي پڇي چندر جي وات ۾ وڌي. چندر جي نيڻن ۾ ٻه لڙڪ لڙي آيا. سڌا پنهنجي هٿ سان اُنهن ٻن آنسن کي اُگهي چيو، "چندر، هتي گهر ۾ تنهنجي کاڌي پيتي جو خيال رکڻ وارو ڪير ڪونهي. تون پوري وقت تي کائيندو پيئندو رهج، توکي منهنجو قسم آهي... مان شاهجهانپور مان موٽي اچان ته توکي ڪريل يا ڪمزور نه ڏسان." چندر ڪجهي نه سگهيو. هنجي نيڻن مان نير ڌارا وهي هلي. سڌا کارائيندي رهي، هو کائيندو رهيو. سڌا هڪي پاڻيءَ جو گلاس ڏنو. هن هٿ ڌوتا ۽ کيسي مان رومال ڪڍيائين.

"چو، اڄ منهنجي ساڙهيءَ جي پلؤ سان هٿ ڪونه

هڙو سٺو انعام ڏيندا، تو هاڻڪي ٻڌائڻ جو! منهنجي لائق
ڪو ڪم هجي ته ٻڌاءِ."

"منهنجي مهرباني آهي." چندر ڪنڌ جهڪائيندي
چيو. سڀني کلي ڏنو. ايتري ۾ شنڪر بابو به ڊاڪٽر شڪلا
سان گڏ اُتي اچي پهتو ۽ سڀئي چپ ٿي ويا.

سڀئي ڏينهن جي رلڻ ملڻ بعد چندر ڏٺو ته ڪيلاش
به اهڙو ئي خوش مزاج ۽ کلمک آهي، جهڙو سندس وڏو ڀاءُ
شنڪر بابو. راڄنيتي کيتر ۾ هو ڪيس جهڙو ئي فولادي نظر
آيو هو، گهرو وايومنڊل ۾ هنکي اوترو ئي وڻندڙ لڳو.
چندر جو من خوشيءَ وچان ڦولجي ويو. سڌا لاءِ هو ذرا
ڀڦڪري ٿي ويو... هوءَ هميشه ابانهي رهندي. هو وجهه ڳولي
گهر اندر پهتو. ڏٺائين ته سڌا جي چوڌاري ڳالهين ميڙاڪو
ڪري ويٺيون آهن ۽ هنکي ميندي وڻيون لڳائين.
ڀتيءَ دٻي مان گيهه وٺي ڪڍيو. چندر اڳتي وڌي
ڀتيءَ کي چوٽيءَ کان ڇڪي چيو، "اڙي ٻگلي! ڪجهه
گيهه ٿي پچين ڇا؟"

ڀتي حيرت وچان چندر ڏانهن نهاريو. گذريل ڪيترن
ڏينهن کان چندر ڪيس هڪ دفعو به چيڙايو ڪونه هو. اڄ
هنکي ڇا ٿيو آهي. گذريل پندرهن ڏينهن کان چندر
کي کلڻ ته پري رهيو پر مشڪڻ به وسري ويو هو.

"اکيون ڦاڙي ڇا ٿي ڏسين؟ ڪيلاش ڏاڍو سٺو
ڇوڪرو آهي، ڏاڍو سٺو آهي. سڌا اُتي ڏاڍي سکي
رهندي. ڪهڙو نه سٺو ٿيندو! اڙي ٻگلي لون خوش

جنهن ۾ فقط اُٺ ڄڻا آيا هئا، انهي ڪري گهر واري موٽر ۽ ماٿر صاحب جي موٽر، ٻن مان تي ڪم نه پئي ويو هو گهر پهتا ته ناشتو تيار هو ۽ چندر چپ چاپ اندر ويٺو هو. هن هڪدم سيٺ جو سامان ٽانگيڪو ڪرائي رکايو ۽ موٽر تي هو جو ڪيلاش پنهنجي ڪلهي تي هٿ رکي، پوءِ هنکي ڀاڪر پائي چيو، "ڪيڏانهن هليا ڪپور صاحب! لمستي! هل ته پهرين ناشتو ڪريون." هو چندر کي پڪڙي وٺي ويو. هنکي پنهنجي ڀر ۾ وهاري ڪيلاش خود هملاء چانهه جو پيالو تيار ڪيو ۽ چيائين، "ڇو ڪپور، تون مونسان ناراض آهين ڇا؟ خط جو جواب به ڪونه ڏنئه!"

چندر چانهه پيئندي چيو، "هان ته، تنهنجي سيٺ خطن جو جواب برابر ڏيندو رهيس يار!"

"نه اٿين آهي. مان پٺي هيڏانهن هوڏانهن گهميس، خط هيٺ مٿي ٿي ويا هوندا. هان وٽ سمبوسو کاءُ." ڪيلاش هنکي زور ڪندي چيو. چندر ڪنڌ ڏوڻي انڪار ڪيو ته چيائين، "واهه ڙي جناب! شادي منهنجي آهي، تنهنجي ڪانهي. تون ڇو پيو هيڻن لڄ ڪرين! ڀلا ڪپور ... ڪم ته سچو توکي تي رکيل هوندو!"
"ها." چندر وراڻيو.

"ڏاڍي افسوس جهڙي ڳالهه آهي يار، اسين جڏهن پهرين دفعي گڏيا هئاسين، تڏهن مونکي اهڙي خبر ڪانه هئي ته ڊاڪٽر صاحب ۽ تون ٻئي گڏجي مونکي

منڊپ ۾ هڪ بلب خراب ٿي ويو هو. چندر اهو بدلائي رهيو هو. سڌا وهندي وهندي چندر ڏانهن ڏٺو ۽ آنسو اکين مشڪيائين ۽ مشڪي وري آنسو وهايائين. ڪامني، پريا، ليلا ۽ سڌا جون ٻيون سکيون ڪيلاش کي ٻڌائي رهيون هيون. سڌا سر جهڪائي ويٺي هئي ۽ پاپا کي چيائين ته ڀيڻيءَ کي موٽو مت موڪليو. ڀيڻي اچي سڌا جي پٺيان ٿي ويٺي. ڪيلاش اک جي اشاري سان چندر کي سڏ ڪيو. چندر هن جي پٺيان وڃي بيٺو ته ڪيلاش چيس، "يار هتي چوڌاري جيڪي ماڻهو ويٺا آهن تن جي چپ چاپ ۾ مونکي واقفيت نه ڏي." چندر هنکي سڀني بابت ٻڌايو. چندر جڏهن هنکي ڪامنيءَ، پريا، ليلا ۽ ٻين جي واقفيت پئي ڏني، لڳن ڀيڻيءَ وچ ۾ چيو، "توهين ته ڏاڍا لالچي ٿا ڏسجو! هڪ مان دل نٿي ڀرجي ڇا؟ واه ڀيڻويا، واه!" ڪيلاش الهيءَ لئي مشڪي سوال ڪيو، "هن جي شاديءَ جو فيصلو ٿيو آهي يا نه؟"

"ٿي ويو اٿس." چندر وراڻيو.

"ڪڏهن ڳالهائڻ جو ابياس پيئي ڪري. منڊپ ۾ ڀ الهيءَ ڪرڻي اچي ويٺي آهي ڇا؟" ڪيلاش چيو. ڀيڻي سمجهي اٿي هلي وئي.

ونڊي شروع ٿي. ڪيلاش جي هٿ ۾ ناريل ۽ هن جي ڪوڙيل مٺ مٿان سڌا جا ٻئي هٿ. سڌا هيستر بلڪل چپ هئي. اهڙي چپ، اهڙي خاموش جو ائين پئي لڳو ته هن جي چپن ڪڏهن ڳالهايو ئي ڪونهي. ونڊيءَ جي

چونہ تي ٽٽين!" چندر وري ٻڍڙيءَ جي ٻانهن ۾ ڇهبڙي پاتي.

"آئي! مونکي ٻہ ڏهڏي سمجهيو اٿو ڇا؟ هينئر ٿي ٻڌايانو." ۽ گهڻو ٻڌل هٿن سان چندر کي ٻڪڙي هنجي منهن تسي گهڻي ڪٽي اُڇيائين. چندر جهٽڪو ڏيئي پاڻ ڇڏايو ۽ ٻڍڙيءَ جي ڳل تي هلڪي چماٽ هڻي اُتان هليو ويو.

ٻڍڙي ڏيهي جي ڪناري تان وهندڙ گهڻ کي اُگهندي دل ۾ چيو: ديوانو اڄا ٻيا ڪهڙا ٿيندا هوندا!

شام جو جهج نڪتي، سادي سودي جهج. صرف هڪڙي ٻئنڊ هئي. ڪيلاش شيرواڻي پاجامو پاتو هو، سر تي ٽوپي. ڳلي ۾ هڪڙي مالها ۽ ڪرائيءَ تسي ڪنگڻ ٻڌل هوس. وچٽي ٻنيان هڪ ماڻهو هٿ ۾ ڪٽي ٻئي هليو. ور مالها پهرائڻ جي رسم ٿيڻي هئي، پر ٻنڍيءَ پچاڙي گهڙيءَ صاف انڪار ڪيو. چيائين: اسانجي ڇرڪري جهڙي لهڙي ڪانهي، جا پري سيءَ اچيان منهن ڪولي اچي ور مالها پهرائي؛ مگر گهونگهٽ کڻڻ جي ٻاري ۾ وري سدا پنهنجي ضد تي قائم رهي. چيائين: گهونگهٽ مان مؤر نہ کڍندس.

پاپا هنکي ونئي مندپ ۾ پهتو. گهر جو ڪم هاج لهي ويو هو. سيمٽي اڱڻ ۾ ويٺا هئا. ڪامڻي، ٻرپا، ليلا سيمٽي هيون. هڪ طرف جاڃي ويٺا هئا. سدا خاموش هئي، مگر هنجو مکه گرهڻ ور تل چندرما جيان اونداهو هو.

ڇا منهنجو سڀ سک آرام لٽڻ بعد باقي اها ڳالهه ٻڌڻ جي ٿوري سگهين ٿي مونوٽ نه ڇڏيندين؟ ڇڱو اهو ٿو وٺ. منهنجا ديوتا! ۽ هن سمپورن هار مڃي، سڏڪن ڀرئي آواز سان ڳالهه ڪيلاش کي ارپي ڇڏيو. اقرار دهرايا ويا. انهيءَ بعد ساڙهيءَ جو پلؤ ڇڪي، لڪ جي نمت کي نيڪ ڪرڻ جي بهاني هن پنهنجا لڙڪ اگهي ڇڏيا.

چندر هڪ اڀو ساهه کنيو ۽ پوءِ ويٺل ڀڳيءَ کي چيائين، "هاڻي مان وڌيڪ ويهي نٿو سگهان. منهنجي اکين ۾ جڻ ڪنهن مرچ اڇلايا آهن."

"ها، وڃي متي سمهي پؤ. ڪٽ ٻيئي اٿيئي. موڪلائي سڀاڻي صبوح جو ڏهين بجي ٿيندي. هيئنر ڪاڄ ٻيئي نه، نه ٻئجي رهندين." ڀڳيءَ ڏاڍي سنيهه وچان هنکي چيو.

چندر متي ٿيڻي ڏسي نه ٻنتي اونڌي منهن ڪٽ تي ليٽي سڏڪا ڀري ڀيئي روئي: هن ٻنتيءَ کي ڏونداريندي سڏ ڪيو، "ٻنتي! ٻنتي!" ٻنتي وڌيڪ زور سان روئڻ لڳي.

"اڙي پڳلي! مونکي نه سمجهائڻ ايندي آهين ۽ هيئنر خود هي پاڳلپڻو ڪري رهي آهين." چندر جي آواز ۾ به سڏڪا ڀرجي ويا.

ٻنتي اٿي چندر جي گود ۾ منهن ڪٽي لڪايو ۽ هڪ دردناڪ رڙ ڪري چيائين، "هاءِ چندر! هاڻي....هاڻي ڇا ٿيندو؟"

چندر هيئنر پنهنجي آنسن کي روڪي نه سگهيو. هنجي

انهيءَ دوران ۾ هڪ ٻئي سان اقرار ڪرڻ جو وقت آيو.
ڪيلاش سڀ پرتگيائون ڪيون. شنڪر ٻابوءَ چيو ته ڪنوار
ٻه پڙهيل آهي، هوءَ پاڻ ئي سڀ وچن ڏئي مگر سدا
ڪنڌ ڌوڻيو. چاهين ۾ جڻ نا اميديءَ جي هڪ لهر ڊوڙي
وئي. چندر هڪدم ٻنهيءَ کي سڏ ڪيو ۽ هنجي ڪن ۾
چيائين، ”سدا کي وڃي چئيس ته اهو ٻاڳلپڻو ڇڏي ڏي.
انهيءَ مان هيتر فائدو ڪهڙو!“ ٻنهيءَ سدا وٽ پهچي
هنجي ڪن ۾ آهستي اها ڳالهه چئي. سدا نگاه کڻي
ساڄهون نهاريو. چندر ورانڊي ۾ ڏاڪڻ جي ٻوڙن لي
ويٺو هو. ڏاڍي فڪر ڀري نگاه سان ڪڏهن شنڪر ٻابوءَ
ڏانهن، ڪڏهن سدا ڏانهن پئي نهاريائين. سدا سان هنجون
نگاهون ملنديئي هو جڻ سڄو ڏڪي ويو. سدا پل پسر
ڏانهس نهاريندي رهي. چندر نه معلوم هنکي ڇا چيو ۽ سدا
ٻه نگاهن ئي نگاهن ۾ نه معلوم هنکي ڪهڙو جواب ڏنو.
انهي بعد سدا هيٺ رکيل پوڄا جي ناريل مٿان لڳل
سندور ڏانهن تڪيندي رهي ۽ پوءِ وري هڪ دفعو
نگاهون مٿي کڻي چندر ڏانهن نهاريائين. اها نگاه بلڪل
عجيب، بلڪل وچتر هئي، جنهن ۾ گولدر ڪونه هو،
حسرت ڪانه هئي، آنسو ڪونه هئا، ڪمزوري ڪانه هئي.
اُن نگاه ۾ هو صرف هڪ گنڀير اونهو وشواس، آٿاه سنيهه
پورڻ قرباني. هن جڻ پڇيو ٿي ... ڇا تون سچ پچ ائين ٿو
چاهين؟ چندر تون وري ٻه سوچي وٺ...تون اهڙو ڊرپ
آهين! اهڙو ڪنور آهين جو ٻولڪان زبان سان چوائڻ ٿو چاهين!

بند نه آئي. رفته رفته هيٺ جا آواز خاموش ٿي ويا....
وڏي سماهت ٿي وئي، ڄاڄي اٿي وڃڻ لڳا. هو آوازن
کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو ته ڪهڙو ڪنهن جو
آواز آهي، ڪهڙو آواز ڇا ٿو چوي. ٿوري ٿوري سڀ
شور، سڀ آواز خاموش ٿي ويا.

چندر وري پاسو ڦيرايو ۽ اکيون بند ڪري ڇڏيائين.
آهستي آهستي هن جي من تي جڻ هڪ ٿڌڪ، هڪ غبار
ڇانئجڻ لڳو. هو ايترو وقت نه ساندهه سجاڳ رهيو هو جو
هينئر اک بند ٿي ڪيائين ۽ ڇپر اکين جي پنبڻين سان ٿي
ملڻ ته هنکي نهايت تيز پيڙا جو احساس ٿي ٿيو. جڻ
لڱن هن جي ٿوري اک لڳي.

اوچتو ڪنهن هنکي اٿي جاڳايو. هنکي جيترو اکين
بند ڪندي درد ٿيو هو، هينئر اکيون کوليندي به هن
کي اوتري ئي پيڙا ٿي. هن اکيون کوليون. ڏٺائين......
سامهون سڌا بيٺي آهي.

سينڌ ۾ سندور ٻريل، ڪرائيءَ ۾ ڪنگڻ، هٿن ۾
منديون ۽ چوڙا، ڳلي ۾ مالهائون، نڪ ۾ ڏوريءَ جي سهاري
وڏي نٿ پيل. اکيون جن ۾ ساوڻي بادلن جي گرجنا
هينئر خاموش ٿي وئي هئي، جن ۾ برسات سمهي پيئي
هئي. هوءَ ڪن پر پيرانديءَ کان کڙي رهي. چندر اٿي
سڌو ٿي ويٺو. هن جي دل اڃا پئي ڌڙڪي جڻ سندس
سامهون سندس رتل پاڇو ڏيئي کڙي هئي. سڌا وات
مان وڃڻ ڪونه ڪيو. هن صرف پئي هٿ جوڙيا ۽ هيٺ

دل ۾ ڦاٽي پيئي ۽ ڄڻ ٻڏندڙ انسان سهارو پڪڙي، تئين ٻنتيءَ کي پڪڙي هن جي ورن ۾ منهن لڪائي اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳو. مگر ٿوري دير بعد ئي هن پاڻ سنڀالي ورتو ۽ ٻنتيءَ جي مٿي تي هٿ ڦيريندي، پنهنجي سڏڪن کي دٻائيندي چيائين، ”پڳلي، روءِ نه.“

ڌيري ڌيري ٻنتي شانت ٿي ويئي. هوءَ ڪٽ تان لهي هيٺ زمين تي ٿي ويٺي ۽ چندر جي گوڏن تي هٿ رکي چيائين ”چندر، تون هتي اچڻ بند نه ڪري ڇڏج. جڏهن هيٺر ايندو آهين تڏهن ايندو رهج، جيستائين ديدي ساهرن مان موٽي!“

”چڱو.“ چندر ٻنتي جي پٺيءَ تي هٿ رکي چيو. ”گهٻرائج نه، تون ته بهادر ڇوڪري آهين نه! سڀ ڳالهه دل ڏاڍي ڪري سهڻ گهرجي. تون ڀيڻ ڏس ڪهڙي ديديءَ جي آهين....نه؟“

ٻنتي اٿي هيٺ هلي ويئي.

چندر ليٽي پيو. هن جي انگ انگ ۾، نس نس ۾ سور هو، هڏ هڏ ۾ ٽڪ هو، مگر هن کي ننڊ نه آئي. هيٺان مندر مان رکي رکي برهمڻ جي منتر اُچارڻ جو؛ وچ وچ ۾ ڄاڃين ۽ زالن جا آواز پئي آيا. اهي آواز هن کي پريشان ڪندا رهيا. هن جي سر جو ٽڪ، هن جي من جي اشانتي رکي رکي هن کي ڄڻ ٽٽڪا ڏيئي سجاڳ ڪري ٿي ڇڏيو. هن پاسا ورائيندي ڪڏهن مٿي تي لهاريو، ڪڏهن اکيون ٻوٽي ٿي ڇڏيائين ته من ننڊ اچي وڃي؛ مگر هن کي

"ڪڏهن به نه!" سدا پنهنجو هٿ ڇڏائيندي چيو.

"نه سدا! هي ڳالهه مونکي ڏي، مان ٻاٽومٽ رکندس."
چندر وري به سدا کي روڪيندي چيو.

"بيڪار آهي چندر! سيان لائين، ٻوهيڻ لائين اهي سڀ جونا ٿي ويندا، منهنجا ديوتا!" ۽ سدا سڏڪا ڀريندي هلي وئي.

هڪ روشن ستارو ٽٽو ۽ سڄي آڪاس ۾ ڦهلجي، نه معلوم ڪهڙي انت ۾ الوپ ٿي ويو.

ٻئي ڏينهن صبوح جو اٺين بجي لائين سمورو سامان اسٽيشن تي پهچي ويو. ڊاڪٽر صاحب ۽ شنڪر بابو اڳئين اسٽيشن ڏانهن روانا ٿي ويا هئا. جاچي به سڀ اوڏانهن هليا ويا هئا. باقي ڪيلاش ۽ سدا کي اسٽيشن تي پهچائڻ جي جوابداري چندر تي ڇڏي ويا هئا. جلدي ڪندي ڪندي به سوا اٺ لڳي ويا هئا. ڪيلاش ۽ سدا ٻئي ڪڙا هئا، سدا جي پنيان ڀڄاڻ ٻيئي هئي ۽ ٻڦي ڪوساٽ سوڙ پئي ڪيو. چندر جي لڪڙ مچائڻ لئي هنجي ليٽ جند آزاد ٿي ۽ اڳتي وڌيا. سدا اجا موٽر ۾ قدم ٿي ڪونه رکيو ته بتي هنجي نڪن ۾ لڪي پئي ۽ روئڻ لڳي. سدا به سڏڪن کي روڪي نه سگهي. چندر بتيءَ کي الڳ ڪيو. سدا موٽر جي دريءَ تي ڪنڌ رکي سڏڪا ڀريندي رهي. موٽر هلي ته سدا ڪنڌ واڻي پنهنجي

جهڪي پنهنجو سر چندر جي چرڻن ۾ ٽڪي رکيائين. چندر هنجي مٿي تي هٿ رکي چيو، ”ايشور تنهنجو سهائي، انل رکي، تون شل هميشه اوچي رهين مونکي اڄ تو تي فخر آهي. اڄ لائين تون جيڪي منهنجي لاءِ ڪيئن، اڄ تون انکان ڏهڪو وڌيڪ ٿي ويئي آهين، سدا!“

سدا اڃا به ڪجهه ڪونه. آنچل سان آنسو اگهندي هوءَ پيرانديءَ کان زمين تي ويهي رهي ۽ ڳلي مان ڳهڻ جي هڪ مالها لاهي، انجا ڳل ڇنيائين ۽ پوءِ چندر جا پير ڪٽ لان چڪي هيٺ زمين تي آندائين.

”اڙي هي ڇا ٿي ڪرين سدا!“ چندر چيو.

”جيڪي منهنجي من ۾ اچي ٿو.“ ڏاڍي مشڪلات سان پنهنجي اندر جي سڏڪن کي روڪيندي سدا چيو، ”هيئر مونکي ڪنهنجو به ڀؤ ڪونهي. تو مونکي جيڪو ڏنو ڏنو آهي، انکان وڌو ڏنو نه هيئر ايشور به مونکي ڏيئي نٿو سگهي.“ ۽ سدا چندر جي چرڻن ۾ ڦول ڏري انهنکي چميو ۽ پنهنجي ڪرائيءَ ۾ پاتل هڪ ٻڙي ڏولي، انهان سندور ڪڍي ڳلن تي ڇڪارايائين. پوءِ چندر جي قدمن تي سر رکي چپ چاپ روئندي رهي.

ٿوري دير بعد هوءَ ازخود اٿي ۽ ڳل مهڙي اهي پنهنجي ساڙهيءَ جي پلؤ ۾ پڌائين. هوءَ اٿي ڪڙي ٿي ۽ ڪجهه به چوڻ بنا ڏيري ڏيري اتان وڃڻ لڳي.

”ڪيڏانهن ٿي هلين؟“ چندر سدا جو هٿ پڪڙي چيو.

هٿ رکي چيو، ”پٽ! اڄ تنهنجي ماءُ جيئري هجي ها ته، کهڙو نه سٺو ٿئي ها! ۽ پٽ، مهنجي اندر مان ٻوڪي گهرائيندس. الي گهبرائج نه.“

گاڏيءَ سيٽي هڻي.

بابا وري چيو، ”پٽ، اِها سٺي ٿي هلج. ڪاٻه بارائي نه ڪج، سمجهين نه.“ بابا رومال ڪڍي اکيون اگهڻ لڳو. ”شادي زندگيءَ جي وڏي جوابداري آهي. هاڻي تنهنجي نئين زندگي شروع ٿي آهي. هيستائين تون ڌيءَ هئينءَ، هاڻي تون ڪنوار آهين، نُهن آهين....“

سدا چيو، ”بابا، توهانجي گولين جو دٻو شيشي واري ميز تي رکيو آهي، اها روز پيئندا ڪجو. ۽ بابا، ٻٽيءَ کي ڪوٽ واپس نه موڪلجو. چندر کي به هاڻي گهر ۾ ئي رهائجو. توهين اڪيلا ٿي ويا آهيو.... مونکي جلد ئي گهرائجو.“

گارڊ سيٽي هڻي. ڪيلاش ڊاڪٽر صاحب کي پيرن پيو، چندر سان هٿ ملايائين. سدا چيو، ”چندر، هيءَ چٺي ٻٽيءَ کي ڏج ۽ پڙ، مونهنجو نتيجو ظاهر ٿئي ته تار ڪج.“

گاڏي چرڻ لڳي. ”چڱو بابا، چڱو چندر....“ سدا هٿ جوڙيا ۽ دريءَ تي منهن رکي روئڻ لڳي. آنسو اگهندي نهاريندي رهي.

گاڏي پليٽفارم کان ٻاهر نڪري وئي، ته به هن چندر منهن ورايو. هنجي بدن جي پور پور ۾ سخت درد هو،

اباڻي گهر ڏانهن نهاريو، ٻنهيءَ هٿ جوڙي الوداع ڪئي ۽ سدا وري اچي اوچنگارن ۾ پيئي.

اسٽيشن تي سدا بلڪل شانت رهي. نهوت ڪنوار لاءِ سيڪنڊ ڪلاس ۾ هڪ برٿ رزرو ڪيو ويو هو، باقي ٻيا سڀ انٽر گاڏي ۾ هئا. شنڪر بابو ٻنهي کي گاڏي تائين پهچائي چيو، ”ڪيلاش، تون ٿورو مونسان اچ. مسٽر ڪپور، توهين ڪنوار وٽ ترسجو، مان ڊاڪٽر صاحب کي موڪليان ٿو.“

چندر ڏريءَ وٽ ٿي بيٺو. شنڪر بابوءَ جو ننڍو ڪڪو پنهنجي نئين ڀاڀيءَ وٽ اچي ويٺو ۽ هنجي ريشمي چادر سان کيڏڻ لڳو. چندر چپ چاپ بيٺو رهيو.

اوچتو سدا هنجي هٿ تي پنهنجو مينديءَ لڳل لال هٿ کڻي رکيو ۽ آهستي چيائين، ”چندر!“ چندر منهن ورائي هيڏانهن نهاريو ۽ چيائينس، ”ڀاڀي ڪجهه به سوچ نه، هيڏانهن نهار.“ ۽ سدا جڻ پنهنجي دل جو سمورو سنيهو لفظن ۾ ڀري چيو، ”ٻنهيءَ جو خيال رکج. هنن کي تنهنجي ئي آسري ڇڏي ٿي وڃان. ٻڌ، بابا کي رات جو سمهڻ وقت کير ۾ اووالٽين ضرور ملائي ڏج. کاڌي پيتي ۾ بيپرواهي نه ڪج. ائين نه سمجهج ته سدا مري وئي ۽ ٻنا کير جي چانهه پيئڻ شروع ڪري ڇڏين. مان جلد ئي موٽي ايندس: ڀيءَ جو خط اچيئي ته موٽي لکج...“

ايتري ۾ ڪيلاش ۽ ڊاڪٽر صاحب اچي ويا. ڪيلاش باٿ روم ۾ هليو ويو. ڊاڪٽر صاحب سدا جي مٿي تي

لائين محدود هئي ۽ هن جي من جي اڏام ڪڏ جي چوطرف اُنهن چئن ديوارن وچ ۾ سمايل آسمان جي حد ن لائين محدود هئي. اونداهيون راتيون هيون. ٻهرڻ هو تارن جي روشنيءَ کي جاچيندو هو ۽ ٻيءَ ڌيري ڌيري چنڊ جي کير مثل چاندني ڪفن جي چادر جيان هر چيز مٿان ڦهلجي ويندي هئي ۽ هو من ئي من ۾ ٽڪل آواز ۾، پاڻ کي چانڊوڪي جي ان ڪفن ۾ ويڙهي چوندو هو... سمهي پئو مردا، سمهي پئو!

ڇهين ڏينهن هو ڪجهه بهتر ٿيو. ٿڪاوٽ به ڌيري ڌيري لهي ويس. پر انهيءَ بعد هن کي دل ۾ جڻ ڪنهن چيز جي ٽٽي پوڻ جو درد محسوس ٿيڻ لڳو. اهو درد الي ڇو اُڀريو آهي، اهو درد ڇا آهي، اهو سڀ هو سوچيندي به سمجهي نه سگهيو. شام جا پاڇا لڳا هئا، پر اُس لهي وئي هئي. اُداس ٻادلن جي هڪ ٽڪر، آڪاش جي اُلهندڙ سورج کي ڍڪي ڇڏيو هو. هوا ۾ ٿڌاڻ اچي وئي هئي. ائين ٿي لڳو ته هير جا اهي جهوٽا ڪنهن برسالي ديس مان پيا اچن. هو اٿيو، سنان ڪيائين ۽ سدا جي گهر ڏانهن هليو.

ڊاڪٽر شڪلا هٿ ۾ ڪتاب جهلي باغ جي سبز ٻاري ۾ پئي ٽهليو. پهچڻ ڏينهن ۾ هو جڻ سخت ٻڍو ٿي ويو هو. سرير جڻ جهڪي ويو هوس، منهن جو تيج اڏامي ويو هوس. هن جي آليءَ اکين، سست چال مان زندگيءَ جو ٿڪ پئي ٽپڪيو. چندر جو سواگت به هن اهڙي جيان ڪونه

ٿڪ هو. هن کي ڪتاب سمجهه نه رهي ته هو ان ڏينهن گهر ڪيئن پهتو هو.

هفتي لاءِ چندر کي ڪوبه هوش ڪونه رهيو. شاديءَ جي ڏينهن ۾ هن کي جڻ هڪ لشڪر چڙهيل هو، جنهن جي زور تي هو مشين جيان ڪم ڪندو رهيو. شاديءَ بعد هن جي انگ انگ ۾، نس نس ۾ اهڙي ته سخت ٿڪاوٽ ۽ پيڙا جاڳي اٿي جو هن لاءِ اٿڻ ويهڻ به مشڪل ٿي پيو. ڪاڌي ڪاڻ لاءِ صرف گهر کان هوٽل تائين به چري نٿي سگهيو، بس ائين پيو رهيو. صبوح جو نوين بجي سمهندو هو، پنجين بجي شام جو اٿندو هو. ٿورو وقت هوٽل ۾ ويهي واپس موٽي ايندو هو، چپ چاپ مٿي ڪنڌ لئي وڃي ليٽندو هو ۽ وري سمهي پوندو هو. هن جو من اُجڙيل آشياني جهڙو بڻجي چڪو هو، جنهن مان زندگي ۽ اُمنگن جون لهرون پر ڪري ڪيڏانهن دور اُڏامي ويئون هجن. ائين پئي لڳو ته هن کي سڀ ڪجهه وسري ويو آهي.... سدا، بنتي، پمي، ڊاڪٽر، پنهنجي ڪوجنا، مضمون....هن کي سڀ ڪجهه وسري ويو هو. اهي سڀ چيزون رکي رکي هن جي دل ۾ اُٿيون ٿي، پر چندر ائين محسوس ڪندو هو ته اهي سڀ اُن زندگيءَ، اُن دنيا جون چيزون آهن جا ڪانئس وسري چڪي آهي. دنيا جنهن جو ڪنهن زماني ۾ وجود هو، مگر پوءِ هڪ ڀيانڪر پرليءَ ان جو ڪٽو ڪٽو لوڙهي ڇڏيو. هينئر هن جي دنيا سندس گهر جي ڪنڊ

هوءَ ٽڪري ٻاهر آئي. ٻڍيءَ کي ڏسندي ئي چندر دنگ رهجي ويو. هوءَ اهڙي نه سنهي ٿي وئي هئي جو ڄڻ بيمار هئي. روئي روئي هن پنهنجون اکيون سڄائي ڇڏيون هيون، چپ ڦٽجي پيا هئس. چندر کي ڏسندي ئي هن چلهه تان ٽئي لاهي هيٺ رکي ۽ وارن جي پريشان ٽيل چڳن کي سنواري، ساڙهيءَ جو پلؤ ٺيڪ ڪري ٻاهر آئي. ڪمري مان هڪ صندلي آڻي، اڳيان رکي نهايت ملول آواز ۾ چندر کي چيائين، ”وهو.“

”گهر ڪهڙو نه سڃو پيو لڳي ٻڍي! تون اڪيلي ڪيئن رهندي هوندينءَ؟“ چندر پڇيو. ٻڍيءَ جي اکين ۾ آنسو تري آيا.

”روئين ڇو ٿي ٻڍي! ڇي....مونکي ڏس نه، مان ڪيئن نه پٽ بڻجي ويو آهيان. ڇو، تون نه تمام سٺي ڇوڪري آهين نه!“ چندر ٻڍيءَ جي ڪلهي تي هٿ رکي چيو. ٻڍيءَ لڙڪن ڀريون آليون نگاهون چندر ڏانهن کنيون ۽ نهايت ئي ڀريل آواز ۾ چيائين......

”توهين ديوتا بڻجي سگهو ٿا، مگر دنيا ۾ هرڪو ديوتا نه آهي. توهان چيو ته مان روز ايندو رهندس ۽ گذريل سڄي هفتي ۾ توهان منهن به ڪونه ڏيکاريو. اهو به ڪونه سوچيو ته منهنجو هتي ڪهڙو حال هوندو. روز صبح شام اچا در تي هلڪو کڙڪو ٿيو ته مان ڊوڙندي ٻاهر ٿي آيس. پر توهانجو ناتو نه صرف ديديءَ سان ئي هو. مان توهانجي ڪير لڳان!“

ڪيو. صرف ايترو چيائين، ”چندر، مون ٻه دفعا ٽپالوءَ
کي تو وٽ موڪليو ته موٽي آيو؛ اڄ چيائين ته تون
سمهيو پيو آهين. هاڻي تون پنهنجو سامان هتي کڻي اچ.“
۽ پوءِ هو ورتي ڪتاب جا ورق اٿلائڻ لڳو. اڳي هو سرير
ڪري ٻڍو برابر هو پر من ڪري جوان هو. پر اڄ انهن
پٽن ڏٺو ته هن جو اهو من به ٻڍو ٿي ويو آهي، هن جي من
جي ڪمر پڻ جهڪي ٿي وئي آهي. چندر جواب ڪونه
ڏنو، چپ چاپ ويٺو رهيو. سامهون ڏگن لي هڪ عجيب
زردي ڇانيل هئي. ڊاڪٽر ڪتاب بند ڪري چيو،
”ٻڌو اٿم... ڪاليج جو پرنسپال موٽي آيو آهي. ويچان،
تنهنجي باري ۾ هن سان ڳالهه ٻولهه ڪري اچان. تون اندر
وڃ، سدا جو خط آيو آهي؛ ٻچيءَ وٽ اٿئي.“
”ڪٿي آهي؟“ چندر پڇيو.
”نه، اڄ صبح جوئي نه ويٺي. اسان هنکي ڪيترو
ئي روڪيو؛ پر هنکي هتي آرام نٿي آيو. ٻچيءَ کي به
ڏاڍي مشڪلات سان هتي رهايو اٿم.“ ڊاڪٽر گهرڀج
ڏانهن هليو ويو.
چندر اندر ويو. گهر اهڙو سنسان لڳو پيو هو، اندر
اهڙي نه ڀيانڪ خاموشي ڇانيل هئي، جو چندر جو روم
روم ڪنڊو ٿي ويو. موت بعد به ڪو گهر اهڙو سنسان،
اهڙو ڀيجان نه لڳندو آهي، جهڙو هي گهر اڄ شاديءَ بعد
پئي لڳو. صرف رنڌڻي مان ٿوري کڙ کڙ جو آواز پئي
آيو. ”ٻچي!“ چندر پڪاريو. ٻچي رنڌڻي ۾ هئي.

"نہ بسنتي، تون اجايو غلط ٿي سمجهين. اڄ ٿان ڪهڙي سبب مان به هڪ عجيب اُداسي اچي ويئي هئي. ڪجهه به ڪرڻ تي دل نٿي وري. اڄ طبيعت ڪجهه سڌري ته سوچي ڪان اچي تو وٽ آيس. هيئنر سڌا ڪانپوءِ مهنجو پيو آهي ڪير تو ڪانسواءِ!" چندر بيحد اداس آواز ۾ چيو

"ها ها، تنهن ڏينهن مون توهان کي هيڏا سڏ ڪيا، پر توهين گم ٿي ويا ته وري پتو ئي ڪونه پيو. مان ته سمجهي ويس ته چندر بابو هاڻي اڳيون ڪونه رهيو آهي." بسنتي چوندي چوندي روئي ڏنو.

چندر جو من به ڀرجي آيو هو. اکڙيءَ ۾ سڏڪا اٽڪي پيا هئس، پر انسان جي زندگي ڪهڙي نه عجيب آهي! هو روئي به نٿي سگهيو پريشانيءَ ۾ غم جا گهيچ به وجهي نٿي سگهيو ڇاڪاڻ جو سامهون جيڪو انسان ويٺو هو سو خود دکي هو؛ سڌا جا هنکي پنهنجي امانت طور پنيان ڇڏي ويئي، تنهن ڪري هنکي سنڀالڻ سندس پهريون فرض هو. بسنتيءَ جي آنسن کي روڪڻ لاءِ هنکي پنهنجا آنسون روڪڻا ئي پيا. ناشتي جي ٿالهي بسنتيءَ ڏانهن وڌائي چيائين؛ "وٺ، تون به کاءُ." بسنتيءَ انڪار ڪيو ته پنهنجي همت سان هنکي کارايائين. بسنتي چپ چاپ کائيندي رهي؛ رکي رکي ڳوڙها اُگهندي رهي.

ايتري ۾ مهراجڻ آئي. بسنتيءَ هنکي رنڌڻي جو ڪم سمجهايو. پوءِ چندر کي چيائين، "هلو، مٿي هلون." چندر چوطرف نهاريو، گهر ۾ اڃا به ساڳيو سناٽو هو. اوچتو

”نه ٻنتي، مان اهڙو نه سخت ٿڪجي پيو هوس جو اُٿڻ وهڻ جي به سگهه ڪانه هيم. ٻڪيءَ کي ٿو وڃڻ چو ڏنو، هنڪي هتي رهائين ها نه؟“ چندر چيو.

”اڙي هوءَ هوندي هئي نه روئڻ به ڪانه ڏيندي هئي. مان به ٽي ڏينهن روئندي رهيس نه موٽي سخت ڪاوڙبي هئي. مهراڄڻ کي چوڻ لڳي: ههڙي ڇوڪري نه ڪٿي ڪانه ڏٺي. وڏي ڀيڻ جي شادي ٿي اٿس نه ايترو ڀيٽي جلي ۽ ڏينهن رات روئي اهتا سوڻ ڀيٽي ڪري. جڏهن انگ ڪلندس، تڏهن شادي ٿيندي ٿيندس، ڪين هيمنٽر ٿي زوريءَ ڪنهن سان ڪٿي ٻڌو ٻلي ٻڌ ٻس!“ ٻنتي ايو ساه ڪٽيندي چيو، ”منهنجي زندگي ڪئن ٿي گذري، اهو توهين سمجهي نه سگهندا. هيمنٽر نه دل ائين ڀيٽي چوي نه مري وڃان. هيلتائين ديدي هئي نه وڏو سهارو هئي، ڀيٽي همت ڏياريندي هئي، دل وڻندي هئي. هيمنٽر نه ڪير به پنهنجو ڪونه آهي.“

”ڇي ڇي ٻنتي، اهڙيون ڳالهيون ڪيون آهن ڇا؟ سدا مهني اندر نه موٽي ايندي ۽ ماءُ جي ڳالهين لءِ دل ۾ ڪجهه آهي ڇا؟“

”چندر بابو، توهين ڇوڪري هجو ها نه سمجهي سگهو ها.“ ٻنتي ويئي ۽ هڪ ٿالهيءَ ۾ ناشتو ڪٽي آئي.

”ونو، ديدي مونکي چئي ويئي هئي نه چندر جي ڪاڏي ڀيٽي جو خيال رکج، مگر ڪنهن کي خبر هئي نه ديديءَ جي ويندئي، چندر بابو ڏاريو ٻڏجي ويندو.“

توکي پريشان نه ڪندو هوندو، ڪير به تنهنجي پڙهڻ ۾ رنڊڪ نه وجهندو هوندو. هيئنر ته تون هڪ مهيني ۾ ڏهه ٻارهن ٽيسٽ لکي پورا ڪندين.

وقت هو جو ڏينهن جا چوويهه ڪلاڪ تون اکين سامهون رهندو هئين، پر اڄ تنهنجي باري ۾ سڪڻو لفظ ٻڌڻ کان به سڪڻو ٿو پوي. ڪيترا دفعا ويچار آيو ته جئن اڳي تنهنجي باري ۾ ٻنهي سان ويهي ڳالهيون ڪندي هئس، تئن هتي به هنن سان (تنهنجي دوستن سان) تنهنجي باري ۾ ويهي ڳالهيون ڪريان؛ مگر هتي نه الائي ڪهڙيون ڳالهيون پيو ڪري!

ٻيو سڀ ٺيڪ آهي. هتي مونکي خوب آزادي آهي. ماماجي به ڏاڍي سٺي آهي، پردو اصل ڪرڻ نٿي ڏئي. پنهنجي پوڄا جا سمورا بتن پهرئين ڏينهن ئي مونکان صفا ڪرايائين.

ڏسج، بابا جو ڌيان رکج. ٻنهي کي جهڙي دنيا مان ڇڏي ويٺي آهيان، اهڙيئي دنيا رهي. مان مهيني بعد ائين اچي ٻنهي جي پاڻهين توکان سنڀالي وٺنديس. ائين نه ڪج جو منهنجي بدران ٻنهي کي روئاري، تنگ ڪري ماري وجهين، جئن تنهنجي عادت آهي.
چانهه گهٽي نه پيئج.... خط جو جواب ڏج.

تنهنجي سدا

هن جي من ۾ هڪ عجيب ڳالهه آئي. سدا سان هو ڪنهن به وقت ڪٿي به وڃي سگهندو هو، پر ٻنهيءَ سان گڏ اڪيلو مٿي ڪڏ ٿي وڃڻ ۾ هن جي من ۾ هڪ قسم جي هٽڪ، شنڪا پيدا ٿي وئي. هو چپ چاپ ويٺو رهيو. ٻئي ڪهڙي به سٺي هجي، ڪيتري به ويجهي هجي، مگر هوءَ سدا ڪانهِ هئي، سدا ٻڌجي ٿي سگهي. "نه، هتيئي ٺيڪ آهي!" چندر اتر ڏنو.

ٻئي اٿي وڃي سدا جو خط ڪڍي آئي. چندر جي من جي وچتر حالت هئي. انهن پڙهي محسوس ڪيائين ته اکين جا آنسو روڪي نه سگهندس. هن جي من ۾ وري وري اهو خيال اٿڻ لڳو ته ڇهه ڏينهن اڳي سدا هن جي هئي؛ هن گهر جي جان هئي، زندگي هئي پر اڄ انهن پيو لڳي ڄڻ سدا هن گهر ۾ ڪڏهن هئي ڪانه.

آڱڻ ۾ انڌيرو ٿيڻ شروع ٿي ويو هو. هو اٿيو ۽ سدا جي ڪمري جي سامهون پيل ڪوچ تي وڃي ويٺو. ٻئي بجلي روشن ڪئي. خط تمام مختصر هو.

ڊاڪٽر چندر بابو،

تو ڪڏهن انهن به سوچيو هو ته تون ايڏو دور هوندين ۽ مان توکي خط لکنديس. سک...

هينئر ته گهر ۾ سک ۽ آرام جي ٻسري وڃائيندو هوندين. مان ٿي هيس جا هميشه توکي ڪانٽي جيان پيئي چڀندي هيس، تنهنڪري تو هينئر ڪڍي ڦٽو ڪيو. هينئر ڪهڙ به

هينئن ٽالهي ڪٽڻ ويٺي. چندر جو من بيحد ڳورو ٿي
ويو هو. هيءَ اُهائي جڳهه هئي، اُهائي کٽ هئي، جنهن
لي سدا جي شاديءَ واري رات چندر سمهيو هو. هتي ئي
سندس پيرانديءَ کان سدا اچي ويٺي هئي، پنهنجي
سهاڳ رات جي ويس ۾. هتي ئي سدا جا آنسو ڳريا هئا.

ٻنتي رسوئي جي ٿالهي کڻي آئي ۽ هيٺ ويهي
ڦلڪو جهولڻ لڳي.

چندر ٻڏل آواز ۾ چيو، "ٻنتي، کائڻ لاءِ اصل ڏرو
۽ ارواح نٿو ٿئي."

"ٻر کائڻ پيٽ ڪانسواءِ ڪم ڪين هلندو. تنهن ڪانسواءِ
توهين ائين ڪندا ته منهنجي ڪهڙي حالت ٿيندي!
ڏيڍيءَ ڪانسواءِ هيٺ مونلاءِ ٻيو ڪهڙو آڌار آهي! توهين
کائو." ۽ ٻنتي پنهنجي همت سان ڳنڍي ٿالهي چندر کي
کارائي. چندر کائڻ لڳو. خاموش ٿي نه معلوم هو
ڇا سوچيندو رهيو. ٻنتي چپ چاپ ڦلڪو جهوليندي رهي.

ٻنتيءَ ايئن پڇيو، "توهين ڇا پيا سوچيو؟"

"ڪجهه نه." چندر اداس نوع ۾ جواب ڏنو.

"ٻڌايو نه؟" ٻنتيءَ ڏاڍي ڳوندر ڀري آواز ۾ پڇيو.
چندر هڪ ڦڪي مرڪ مرڪندي چيو، "ٻنتي! هاڻي
تون منهنجي اهڙي چنتا نه ڪندي ڪر. تون نٿي
سمجهين ته پوءِ ڪيڏي نه تڪليف ٿي ٿئي. سدا ڇا ڪري
ويٺي آهي، سو خود هوءَ ئي ڪاله سمجهندي هوندي!"

"سمجهجي ڇو نه ٿو؟" ٻنتيءَ هڪ اونهو ساهه کڻي

چندر اها چٺي هڪ دفعو پڙهي، ٻيو دفعو پڙهي ۽ ٻوءِ وري وري پڙهندو رهيو. هلڪي ساوي رنگ جي ڪاغذ تي ننڍڙا ننڍڙا ڪارا اکر الائي ڪئين پئي لڳا. اُنهن ننڍن ننڍن لفظن جڻ ڪجهه چيو پئي. اُنهن ۾ جڻ ڪو گپت ارٿ ڀريل هو جو لفظن کان گهڻو وڌيڪ گنڀير ۽ گهرو هو. اِيام اڳي وياڪرڻ ۾ اُنهن لفظن جي جيڪا معنيٰ مقرر ڪئي وئي هئي، سدا جي قلم اڄ اُنهن لفظن ۾ جڻ پنهنجو نرالو ارٿ ڀري ڇڏيو هو. چندر بيسد ٻڌجي، ايڪاگر چت سان اُن خط کي وري وري پڙهندو رهيو ۽ اهي ننڍا ننڍا لفظ هن جي هردي ۾ ڪيڏي مهل گهڙي ويا، ڪيڏي مهل هن جي ٻڌيءَ، گيان ۽ هن جي سمجهه جي لوهي پردي کي چيري، اندر داخل ٿي هن جي دل جي ڌڙڪڻ کي مروڙڻ شروع ڪري ڇڏيائون، اهو خود چندر کي به اوستائين معلوم نه ٿيو جيستائين چندر جي اکين مان هڪ گرم گرم لڙڪ خط تي نه اچي ڪريو. مگر ٻنتيءَ کان هن اهو لڙڪ لڪائي ڇڏيو ۽ خط ورڙهي ٻنتيءَ کي واپس ڪيائين. ٻنتيءَ خط وٺي رکيو ۽ ٻوءِ چيائين، ”اُٿ، هلي رسوئي ڪريو.“ چندر انڪار ڪري نه سگهيو.

مهراڄڻ ٿالهي پاڻي کڻي آئي ۽ چيائين، ”بابوجي، هيٺين هيٺ فرش ڌوتو آهي، توهين مٿي وڃي کائو.“

چندر کي زوريءَ مٿي وڃڻو پيو. ٻنتي کٽ وڇائي اسٽول آڻي اُنجي اڳيان رکيو، پاڻي گلاس ڀري رکيائين ۽ ٻوءِ

دل ٻالڪ کي ڪڏانجي ڪٿن، ھنجي دل ڪٿن خوش ڪجي. ڪنھنجي دل خوش ڪرڻ لاءِ ھرو ڀرو مسڪراھٽن جي ضرورت نہ آھي؛ شايد ٻڙڪن سان ئي من جلدي ٻھلجي ويندو آھي. ٻنتيءَ جي آنسن ۾ چندر کي سڌا جي صورت نظر ئي آئي؛ ھنجي دل ٻھلجي ئي ويئي. ھو روز شام جو ايندو ھو، ٻنتيءَ سان سڌا جون ڳالھيون ڪندو ھو.... الائي ڪيتريون ڳالھيون ڪندو ھو؛ انھيءَ ٻنتيءَ کي ذريعو بنائي ھو پاڻ کي سڌا جي خيال ۾ غرق ڪري ھليو ويندو ھو. سڌا ڪانسواءِ ھنجو ھڪ ڏينھن نہ ڇا، ھڪ گھڙي بہ ڪٽجڻ مشڪل ھئي. انھيءَ ڪري ھينئر ٻنتي بہ ھنجي ھڪ وڏي ضرورت ٿيجي ويئي. ھو جيستائين ٻنتيءَ سان سڌا جون ڳالھيون نہ ڪندو ھو تيستائين ھنکي چين آرام، سنتوش نہ ملندو ھو، اوستائين ڪنھن بہ ڪم ۾ ھنجو من نہ لڳندو ھو.

جيسين سڌا سندس سامھون ھئي تيسين چندر کي ڪڏھن بہ اھو پتو ڪونہ پيو تہ سندس زندگيءَ ۾ سڌا جي ڪھڙي اھميت آھي. پر اڄ جڏھن ھوءَ سندس اکاھن کان ھٽي دور ھلي ويئي، تڏھن ھن ڏٺو تہ ھن دنيا ۾ جيئڻ لاءِ سڌا تہ سندس سواسن کان بہ وڌيڪ ضروري آھي. ھن محسوس ڪيو تہ سڌا ڪانسواءِ ھو ھڪ پل بہ جيئي نٿو سگھان. سڌا جي غير حاضريءَ ۾ ھو ڪيس ٻنتيءَ ذريعي ڀوليندو ھو؛ جئن سورج جي اُلھڻ لي چنڊ سج جي روشني اُڌاري وٺي رات کي روشن ڪندو آھي،

چيو، ”ديدي ٻ سمجهي ٿي، مان ٻه سمجهان ٿي، سڀ
سمجهون ٿا؛ مگر مان الائي ڪٿان اهڙو پاڳل ٻڌجي ٿو وڃي
جو سڀڪجهه سمجهندي ٻ، ڏوکو ٿو کائي. اڙي! ڏڏ
نه توهان اصل ڪاڏو ٿي ڪونهي.“ ۽ ونڊيڪ ٻوريون آڻڻ
لاءِ هوءَ اٿي هلي وئي.

اٿين ڏينهن ڪٽجندا ويا. انسان جڏهن پنهنجي ٿي
هٿان سان لڙڪ ڪريد ڪندو آهي، ڏسي وائسي درد جو
سودو ڪندو آهي ته اهو درد، اهي آنسو آزار پندڙ نه
ٻاسندا آهن. خاص ڪري اهو شخص وري اهڙو هجي،
جو پنهنجي انهيءَ درد جي سهاري ٻاٽڪي ديوتا بڻائڻ
لاءِ تيار ٿئي ۽ توهانجي هڪ هڪ لڙڪ خاطر پاڻ سؤ سؤ
لڙڪ ڳاڙي آنسن جا وهڪرا واهي ڇڏي ته اُن حالت ۾
اهو روح راڙو، اها پيڙا ٻ راحت ڀري لڳندي آهي.

چندر جا ڏينهن ڪٿان ٿي ڪٽيا سو صرف هن ٿي
ڄاتو. پر اڪبر جي محل ۾ ڏيپ جلندو ڏسي، جي ڪو
شخص گنگا نديءَ جي ڪپيءَ جيڏي سيتل پاڻيءَ ۾ سياري
جي سڄي رات ڪاٽي سگهي ٿو ته چندر لاءِ سدا جي پيارن
متڙن خطن جي سهاري پنهنجا ڏينهن ڪاٽڻ ڪي اسانڪي
هروڀرو تعجب ڪائڻ نه گهرجي. پنهنجي گيان ۽ عقل ۾
بزرگ، خيالن ۽ ويچارن ۾ اُدار هوندي ٻه چندر سياءُ ڪري
جڻ ٻار هو، جنهن ڪان زندگي ڪجهه ٻ ڪرائي سگهي
ٿي، بشرطيڪ زندگيءَ کي اهو معلوم هجي ته هن معصوم

ٻولدي آهي. ان وقت انسان پاڻ بدلائيندو آهي، جنهن مسڪراهٽن جي ڇانوَ ۾ ساهي پٽي آرام ڪري، ورِي آنسن ۽ لڙڪن جي اُس ۾ لپٽ واري واٽ تي اُٿي هلي سگهي.

انهن ئي هڪ صبح جو چندر جي دل ۾ ويچار آيو ته اڄ ٿوري دير لاءِ کلي، خوشي ڪري وٺان. ڳالهه هيءَ ٿي جو هنکي شيليءَ جي هڪ ڪوتا بيحد پسند هئي، جنهن ۾ شيليءَ پارٽي چندن کي مخاطب ڪيو آهي. هن شيليءَ جي ڪوتائن جو اهو ڪتاب کنيو ۽ جيئن ئي ان کي کوليائين ته انبڙيءَ جي آچار جا نشان اچي سامهون بيٺس، جي سدا هڪ دفعي شرارت وچان اُلٽي ڪيا هئا. بس شيليءَ ۽ هنجي ڪوتا ته ڪيس وسري وئي، ڪيس ياد اچي وئي سندس انبڙيءَ جي اها ڦاڪ ۽ سدا جون شوخ نگاهون. بس پوءِ ته هڪ پٺيان ٻي، سدا جي انيڪ شرارتن چندر جي پراڻن ۾ اُٿل پٿل مچائي ڏني، هنجي رڳ رڳ ۾ ڪتڪتائي لائي ڏني ۽ چندر ان ڏينهن کلڻ لاءِ وياڪل ٿي اٿيو. هنکي ائين لڳو ته سدا کان هيءَ ويڇو، هيءَ جدائي سڀ ڪوڙ آهن. حقيقت فقط اهي خوشيءَ ڀريا ڏينهن آهن جن جو پل پل سدا جي شرارتن ۽ ٽهڪن سان گونجندو هو، جي سدا جي لاڏ پيار سان ڀرپور هئا. ٻيو ڪجهه ڀل ٿئي پر سدا سندس جيون جي اها حقيقت هئي، جا ڪڏهن ٻه مٽجي نٿي سگهي. پاڻ جيڪڏهن ملول ٿو بڻجي، دکي ٿو ٿئي ته اهو سراسر غلط

ساڳيءَ طرح ٻنتيءَ سدا جي ياد گرهڻ سان چندر جي زندگيءَ ۾ روشني ڦهلائڻ لڳي. چندر ٻنتيءَ کي پنهنجي سواسن جي اوٽ ۾ ائين وهاري ويٺو جڻ ٻنتيءَ سدا جو سپرش هُئي، سدا جو پيار هُئي.

ٻنتي چندر جي مک تي اُداسيءَ جو هلڪو گهمج ڏسي ٻه پريشان ٿي ويندي هُئي، مگر هوءَ چندر کي کلائي نه سگهي، چندر جي اڳين خوش مزاجي هوءَ موٽائي نه سگهي. سپ جو ڪٽيل انسان بيهوشيءَ جي عالم ۾ جئن وچ وچ ۾ ٿوري وقت لاءِ هوش ۾ ايندو آهي، ساڳيءَ طرح چندر جي ليٽڻ ۾ ڦهليل زهر به رکي رکي هڪي ڏولڏارڻ شروع ڪندو هو. انهن ڏينهن ۾ چندر ٻه ٻه، ٽي ٽي ڏينهن ڪجهه ڪونه ڪندو هو، ٻنتيءَ وٽ به ڪونه ويندو هو. ٻنتيءَ جي آسن ۽ آهن جي به پرواه ڪونه ڪندو هو. کاڌو به ڪونه کائيندو هو ۽ پاڻ کي پڻ به جيتري تڪليف ڏئي سگهندو هو، ڏيندو هو. سدا جو خط ايندو هو ته اُن کي چپن تي رکي چمندو هو ۽ پوءِ بلڪل ٺيڪ ٿي ويندو هو. ٻنتيءَ ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر چندر جي انهن پورن، انهيءَ اُداسيءَ کي هوءَ ڪنهن به ريت مٽائي نه سگهي. چندرما پڻ ڪيتري به ڪوشش ڪري پر رات کي ڏينهن بڻائي لٿو سگهي.

مگر انسان غم ۽ ڏک ۾ به کلندو آهي. جئن کلندي کلندي انسان جي خوشي ٽڪجي پوندي آهي تئن ڪڏهن روئندي روئندي انسان جي اُداسي به ٽڪجي

چيو، ”منهنجي منهن ڏسڻ بعد توهانجي منهن تي هيءُ مُرڪ ڇو تو ڇانئجي وئي!“

”نه شرم بنتي! تنهنجي صورت ڏسي نه آڪاس ۾ چندرما به لڄي ٿي ويندو آهي.“ چندر هيئن کلي چيو.

بنتي شرمائجي وئي ۽ هنجي ڳلن تي گلابن جي لالاڻي وري آئي. هن وري چندر جي ڪلهي ۾ سِرُ ڇپائي چيو، ”اڄ توهانکي هڪ تمام مزي واري ڳالهه ٻڌائڻي آهي، مونکي!“

”ڪهڙي؟“

”پر کلجو نه، ڇيڙائجو نه.“ بنتيءَ چيو.

”نه ضرور تنهنجي شاديءَ جي ڳالهه هوندي.“

”نه شاديءَ جي ڪانهي، پريم جي ڳالهه آهي.“

بنتيءَ پهرين کليو پر پوءِ ٿورو سهمجي وئي.

”اڙي تو ڳوٺاڻيءَ کي وري اهو مرض ڪٿان لڳو؟“ چندر کلي سوال ڪيو، ”پنهنجي ماءُ جي شڪل ڏٺي اٿيئي نه. ڳترا ڪري کوهه ۾ ڪٽي اڇلائيندءِ.“

”مان ڇا ڪريان. ڪير زوريءَ مٿان پريم ڪٽي مڙهيندو ته اهو منهنجو ڪهڙو وس.“ بنتيءَ آتم وشواس جي لوءَ ۾ چيو.

هيءَ ڇوڪري ڏاڍي پڌري سڀاءَ جي هئي.

”نيٺ به آهي ڪير اهو ابهاڳو، نالو ته ٻڌون.“ چندر پڇيو.

آهي. انهن نه پاڻ پنهنجي آدرش کي ڪوڙو بنائي رهيو آهي، ٻاهي رهيو آهي، پنهنجن ئي سپنن جو ايمان ڪري رهيو آهي. اُن ڏينهن سڌا جو هڪ خط به آيو، جنهن ۾ سڌا سڌو نه، پر اشاري ۾ انهن لکيو هو ته پاڻ به الئي پنهنجا ڏينهن چندر جي يادگيريءَ جي سهاري ڪاٽيندي ٿي رهي. هن هڪدم انهي سڌا کي جواب لکيو جنهن ۾ ساڳيون اهڙي اڳيون شرارتون ۽ هنڪي ٽنگ ڪرڻ جون ڳالهيون هيون جي هو هميشه سڌا سان ڪندو هو، پر جيڪي گذريل ٽن مهينن ۾ هنڪان وسري ويون هيون.

انهيءَ بعد هو بنتيءَ ڏانهن ويو.

بنتيءَ پنهنجي ساڙهيءَ تي مڙهيل پٽي پٽي لڳائي.
”وٽ پڳلي پنهنجي ديديءَ جو خط! ڪٿي اچ مٺائي!“

”مٺائي لاءِ توهين ڪاڙهيو ته! اچ مس مس منهن لاءِ مرڪ آندي اٿو.“ بنتيءَ وراڻيو.

”ڪنهنجي؟ منهنجي منهن تي مرڪ آئي آهي! هتي ته سڌا جو نالو ٻڌي من جلڻ لڳندو آهي!“

”ٻڌو ٻڌو، مونکي توهانجي سڀ خبر آهي، صرف مان توهانکي ٻڌائي نٿي سگهان. اڄ توهين تمام خوش آهيو.“

چندر هيٺئر اهو ساهه کڻي چيو، ”ها بنتي، اداسي به ڪڏهن ڪڏهن ٽڪجي پوندي آهي.“ ۽ ڪنڌ جهڪائي ويهي رهيو.

”وري ڇا ٿيو؟“ بنتي چندر جي ٻانهن ۾ سٽي ڇپائي

"ڪالهه آيو نه هن جي هٿ ۾ هڪ ٿلهي ڪاپي هئي.
اها مونکي ڏيئي ويو. کولي ڏسان نه اهو سندس ڪوتائن
جو ڪٿ هو ۽ انتي نالو رکيو هئائين 'ٻنتي'. بس هينئر
اچڻ ۾ هوندو. سمجهه ۾ ني ٿو اچي ته ڇا ڪريان. اڄي
نه سڀ ديديءَ متان چڙي ڏيندي هيس، هوءَ الائي
ڪڏهن واپس موٽندي."

"چڱو، اهو ڪوتائن جو ڪٿ مونکي ڏي." چندر
چيو. "لسون ٻسريا کي چئجي نه اهو چندر ڏسي ورتو ۽
کڻي ويو. پوءِ سڀاڻي صبح جو مزو ڏيکاريندوسانءِ. مگر
ها، پهرين اهو ٻڌاءِ، تنهنجي دل نه هنڌانهن ڪانه جهڪي
آهي نه؟ متان پوءِ وري مونکي ٻٽين." چندر ٻنتيءَ کي
چيڙيندي چيو.

"هون هون، شاعرن سان دل لڳائي مصيبت ڪير
پالي!" ٻنتيءَ ٻنا سمجهڻ جي پنهنجي سياڻپ لموني چيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو چندر پهتو ته ٻسريا ٻنتيءَ کي
پاڙهيو پئي. ٻسريا جي منهن تي ڪجهه مايوسي، ڪجهه
پريشاني، ڪجهه چنتا هئي. هنڪي ٻنتيءَ ٻڌايو هو ته
سندس ڪوتائن جو ڪٿ چندر وٽ پهچي ويو آهي.
چندر کي ڏسندئي هن چيو، "اڙي ڪپور، ڪهڙو حال
آهي؟" ۽ پوءِ پاڻکي نردوش ثابت ڪرڻ لاءِ چيائين،
"ٻڌاءِ، منهنجو ڪوتائن جو سنگرهه ڪٿي لڳئه؟"

"ها ڏٺو اٿم. توهين هنکي ذرا پاڙهي ختم ڪريو،

"منهنجو ڀاڪوي ماستر صاحب." ٻنهيءَ گڏي وراڻيو.

"اَڇا، ڪڏهن کان؟ تو اڳي نه ڪڏهن ڪو نه ٻڌايو."

"مونکي به هاڻيئي معلوم ٿيو آهي. پهرين ويچار ڪيم ته ڏيڏيءَ کي لکان. پر پوءِ خيال آيم ته چٺي الائي ڪنهنجي هٿن ۾ پوي، تنهن توهان سان ڳالهه ڪيم."

"نيت ٿيو ڇا آهي؟" چندر هنکي وڌيڪ ڪونيو.

"اڳي جڏهن مان ۽ ڏيڏي گڏ پڙهندا هئاسين تڏهن نه ماستر صاحب ڪجهه ڪونه چوندو هو، پر جڏهن کان مون اڪيلو پڙهڻ شروع ڪيو، تڏهن کان هو ڪوتائن جي مطلب سمجهائڻ جي بهاني مونکي دنيا پر جون ڳالهيون ٻڌائڻ لڳو. هڪ دفعي سڪندگپت جو پاٺ پاڙهيندي پاڙهيندي اچي تڏن ساهن ۾ پيو ۽ چوڻ لڳو: ڪاش! تون ديوسينا هجين ها! مونکي سخت ڪاوڙ اچي وئي. خيال ڪيم ته مهن ٿي وڃانس ته مان ديوسينا ته ڪٿجي سگهان ٿي؛ پر تون پنهنجو ڪوي سميلن جو هي ٿندو ڇڏي سڪندگپت ڪٿي ٿجي سگهندين! مگر مون هنکي ڇيو ڪجهه ڪو نه. ڏيڏيءَ کي سڀ ڳالهه ٻڌايم، پر هوءَ ته هئي بيپرواهه. هن ڪجهه ڪو نه چيو. هوئن ماستر صاحب تمام سٺو آهي، پاڙهيندو به سٺو آهي مگر اهو جنون هنجي سر تي نه معلوم ڪٿان اچي سوار ٿيو."

ٻنهي اهي سڀ ڳالهيون تمام سياڻپ سان تور ي چئي ويئي.

"پوءِ ڇا ٿيو؟"

آهن ڏهن سيڪڙو انسان جو چرپر وڌيڪ ڪلي پوندو آهي ۽ مٿي چڙهڻ شروع ڪندو آهي. انهن حالتن هيٺ چندر جي چرپر ۾ پڻ بلندي آئي هئي. ايتري قدر جو ٻڍي جنهنجو پنهنجي پيٽ جائيءَ ۾ به وشواس نه هو، سا چندر کي ديوتا مڃڻ لڳي هئي. بستيءَ تي ٻيا ٻلي کهڙا نه ٻڌل هجن، مگر چندر جي هٿن ۾ هنجي ٻانهن سونپڻ بعد ٻڍي نه بيفڪر بڻجي ويندي هئي.

ڊاڪٽر صاحب ۽ چندر ٻاهر ڳالهيون ويٺي ڪيون جو بستيءَ اچي چيو، "هلو، ماسٽر صاحب توهانجي انتظار ۾ ويٺو آهي." چندر اٿي کڙو ٿيو. رستي ۾ بستيءَ چيو، "هُو مونتي ڏاڍو ناراض ٿي ويو آهي. چوي ٿو ته مان توکي اهڙو ڪونه سمجهيو هو." چندر اُتر ڪونه ڏنو. بسريا وقت ٻهچي هنجي ساموهون ٿي ويٺو. "بستي تون ٻلي وڃ." بستي وئي ته چندر نهايت گمڀير بڻجي چيو، "بسريا صاحب، توهانجو ڪولاڻ جو سنگره ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي آهي. پر هن 'بستي' نالي جو مطلب ڇا آهي؟"

بسريا ڳچيءَ جي ٽاءِ ٺيڪ ڪئي. هو اونهاري ۾ به ٽاءِ پائيندو هو ۽ ڏينهن جو نائيٽ ڪئپ پائيندو هو. ٽاءِ ٺيڪ ڪري ٿورو کنگهي هن چيو، "مون به ائين سمجهيو ته توهانکي ڪجهه غلط فهمي ٿي هوندي مگر حقيقت اها آهي ته مون ڪجهه وقت اڳي جيڪا ڪولا لکي هئي سا اڄ به مونکي ڏاڍي پسند آهي، خاص ڪري ان ۾ بستي (پراڻدا) لفظ ڏاڍو سٺو ٿو ڀاسي. هي سنگره نه مون

پوءِ تو هان سان کي ضروري ڳالهيون ڪرڻيون آهن.“
چندر اهو سڀ ڪجهه اهڙي ڪنور لوع ۾ چيو جو پسريا جي دل ٻڏي ويئي. هن ڏکندڙ آواز ۾ ڏاڍي تڪليف سان پاڻکي سنڀاليندي چيو، ”ڪهڙيون ڳالهيون؟ ڪپور تون شايد ڪجهه غلط سمجهي رهيو آهين!“
چندر تنواليءَ پريو نهڪ ڏيئي اُتان هليو ويو. ڊاڪٽر صاحب پوڇا ڪري آيو هو. ٻئي ڳالهيون ڪندا رهيا. انهن مان چندر کي معلوم ٿيو ته گهڻو ڪري ايندڙ مهني سندس مقرريءَ جو آرڊر اچي ويندو ۽ ان ڏينهن بعد سڌا کي وٺي اچڻ لاءِ ڊاڪٽر پاڻ شاهجهانپور ويندو. هن پڪيءَ کي لکي موڪليو هو ته پاڻ اچي ته ستو، نه ته چندر کي ٺي هتي اچي رهڻو پوندو، ڇاڪاڻ جو هونءَ بنتي اڪيلي ٿي پوندي. چندر جي ڳالهه الڳ آهي باقي ڊاڪٽر صاحب بنتيءَ کي ٻئي ڪنهن جي پروسي ڇڏڻ لاءِ اصل تيار نه هو.
اوشواس انسان جي سياهه ۽ هلت چلت کي جيترو ٿي بگاڙي ٿو، وشواس اوترو ئي ان سياهه ۽ هلت چلت کي ٺاهي ٿو. چندر ٿي ڊاڪٽر جيڪو وشواس ڪندو هو، سڌا چندر ۾ جيڪو وشواس رکيو هو ۽ اڄ ڪلهه بنتيءَ به چندر تي جيڪو وشواس ڏارڻ شروع ڪيو هو، انهيءَ ڪارڻ چندر جي چرپتر ۾ ايڏي ته دريتا ۽ پختائي اچي ويئي هئي جو هو جنسي فولاد ٺڄي ويو هو. اهڙن موقعن تي انسان کي جڏهن گمڀير جوابداريون سونپيون وينديون

ٻرندي ۾ اُون هنجي اندر ۾ سونهن سان پنهنجي ڪلا کي
اوچ ڏيڻي نه سگهٽين نه مونکي وشواس ٿي ٿو جمي نه
تنهنجي سيني ۾ هڪ شاعر جي، ڪلاونت جي دل آهي.
توکي اها خبر آهي ته مان ڪنهن وچارن جو تنگدل ٻڍو
ڪونه آهيان. مان به تو وانگر جوان آهيان ۽ جوان ڀاونائن
کي سمجهي سگهان ٿو. مان سونهن کي پوڄڻ يا پيار ڪرڻ
پاپ ٿو سمجهان. مونکي نه، اهو ڄاڻي اَتلو خوشي ٿئي
ها ته توهي ڪوتائون ٻنتيءَ ٿي لکيون آهن، هن منجهان
آتماه ملڻ ٿي ٿي لکيون اٿيئي. اٿين اصل نه سمجهڻ ۽
نه مونکي اٿهيءَ ۾ ڪجهه به خراب لڳي ها. اها نه ڪلا
جي ڄاڻ آهي. مغرب ۾ نه ماڻهو سالن جا سال اٿهيءَ ڪوڄنا
ڪندي وڃائيندا آهن نه، ڪنهن ڪويءَ کي ڪهڙي
چوڪريءَ مان اُمنگ ۽ آتماه مليو. هنجي ڪوتائن کان
وڌيڪ مهتو اُن ڪرتا پنهنجان اڪل شخصيت کي ملندو
آهي. هندستان ۾ اسين الائي استريءَ کي اٿين مهتو هيڻ
چوتا سمجهون. ڪنهنجي نالي وقت کان پيا ٻڌجون. اسان
۾ شايد ايڏي اخلاقي همت ۽ بردباري نه آهي. تنهنجو
سياڻ يا تنهنجي ڪوتا مونکي ڪنهن به ولايتي ڪويءَ
کان گهٽ نظر نٿي اچي. مون سمجهيو هو ته تون جڏهن
اهو ظاهر ڪندين ته توکي انهن ڪوتائن لاءِ اُمنگ ڪٿان
مليو ته ٻنتيءَ ۽ اسانجي سڀئي ڪتب جو دنيا ڀر ۾ نالو
مشهور ٿي ويندو. مگر سک...مون غلط سمجهيو نه ٻنتي
تنهنجي اُمنگن جو مرڪز آهي، تنهنجي آتماه جو چشمو

گهڻو وقت اڳي تيار ڪيو هو. تازو مان جڏهن ڪماري ٻنتيءَ سان مليس ته ڏاڍو تعجب لڳم. مون هنکي چيو ته مون پنهنجي "ڪوتا ڪٽ" جو نالو به "ٻنتي" رکيو آهي ۽ آءٌ هنکي ڏيکاريم."

چندر مشڪيو ۽ دل ۾ چيائين... ٻنتيا آهي بيشڪ چالاڪ، پر مونکان ٻچي ڪيڏانهن ويندو. هن وڏي ڪ گنڀير ٿي چيو، "ته تنهنجو هي سنگره هن ٻنتيءَ جي نالي ڇپيان ڪونهي."

"اصل نه."

"ٻنتيءَ لاءِ توهانجي دل ۾ ڪا به ڪشش نه آهي؟"

"ڇي ڇي... توهين مونکي ڇا ٿا سمجهو؟" ٻنتيا چيو.

"سچ، مان به ڪهڙو ماڻهو آهيان! ٻنتيا مونکي معاف ڪج. مون تو ۾ اجايو شڪ آندو." ٻنتيا اهڙي اميد ڪانه رکي هئي ته سندس هيءَ رمز اهڙي سولي ٿيندي. هو خوشيءَ ۾ ڀرجي ويو. اوچتو چندر هڪ اونهو ساهه کنيو.

"ڇو چندر بابو، ڪهڙي ڳالهه آهي؟" ٻنتيا سوال ڪيو.

"ڪجهه ڪونهي ٻنتيا. اڄ تائين مونکي تنهنجي ڀاوناڻن، تنهنجي ڪلا ۽ تنهنجي شاعريءَ لي وشواس هو، پر اڄ اهو ٽٽي پيو."

"ڇو؟"

"ڇو ڇاجي؟ ٻنتيءَ جهڙي ڇوڪريءَ جي صحبت

ڪري وهي ٿو، نه مان، نه ٻيو ڪجهه چئي يا ڪري سگهندا سين ۽ نه ڪو جهڳڙو مچائي، يعني منهنجو مطلب آهي ته توهان ان مهانتا جي منزل ڏانهن وک وڌائي رهيو آهين، ٺهڪي ڊاڪٽر پوليس حوالي ڪري. اهو سهڻو ٿو لڳي. منهنجي ته سمجهه ۾. دل آهي ته توهان پنهنجي هن سنگره لاءِ ”بنتي“ نالو رکو. ڏاڍو سٺو ۽ ٺهڪندو نالو آهي. مگر اهو ڄاڻي ڇڏ ته ڊاڪٽر صاحب انهن ڳالهين ۾ ڏاڍو سخت ماڻهو آهي.“

پسريا منجهي پيو ته ڇا ڪري. ٿورو وقت ماٺ ڪندو رهيو، پوءِ چيائين، ”ڪپور بابو، توهنجي راءِ ڇا آهي! مان پنهنجو نالو رکان ته ڪيئن لڳندو.“

”ڏاڍو سٺو لڳندو ۽ ڳالهه به ٺيڪ رهندي. توهان جي هيئر بدنام ٿي پوڻ ته اڳتي هلي توهنجي اُنتيءَ جون سڀ راهون بند ٿي وينديون. انسان پيار ڀلي ڪري، پر سوچي سمجهي ڪري؛ مان ته پاڻي ان ويچار جو آهيان.“

”دل جي پاڻا ڪي هن دنيا ۾ ڪير به ٿو سمجهي، اصل ڪير ٿو سمجهي. اسان ڪلاونتن لاءِ ڪيڏي نه مصيبت آهي.“ سرد آهه ڀريندي پسريا چيو. ”خير سگهه. ڪپور بابو، توهنجي ڇا راءِ آهي، منهنجو نالو ڪهڙو رکان؟“

چندر ڪنڌ جهڪائي گمڀير بڻجي ڪجهه سوچيندو رهيو. پوءِ چيائين، ”توهنجي ڪوتائن ۾ ڏاڍو رس، ڏاڍو مٺاج آهي. هن سنگره جو نالو ”ڪيڏي پري“ رکون ته ڪيئن لڳندو!“

آهي.“ چندر چپ چاپ ڪوٽان واري نوٽبڪ جا ورق
اٿلائڻ لڳو.

سريتا جي من ۾ سخت اٿل پٿل مچي وئي. هن کي
اها خبر ڪانه هئي ته چندر جو من ايڏو وشال، ايڏو اُدار
آهي. هتي ته ڪجهه لڪائڻ جي ضرورت ئي ڪانه هئي.
جڏهن چندر خود کليءَ دل سان ٿو ڳالهائي ته سريتا لڪ
لڪاءُ ڇو ڪري؟

”ڪپور، مان توکان ڪجهه به لڪائڻ نٿو چاهيان. مان توکي
اهو پوري طرح ٻڌائي نٿو سگهان ته ٻنتي مونلاءِ ڇا آهي.
شيڪسپيئر جي مرنڊا، پرساد جي ديوسينا، ڊانٽي جي
بيٽرس، ڪيٽس جي فئني ۽ سورداس جي راڌا ۾ پريل
مڌرتا مونکي جيڪڏهن ڪٿان ملي آهي ته ٻنتيءَ منجهان.
مان ايترو ته ٻنتيءَ ۾ غرق ٿي ويس جو مان هڪ به لئين
ڪوتا لکي نه سگهيس. منهنجو هي سنگره ڇپجڻ ٿي ويو
جو مون سوچيو ته هن تي ”ٻنتي“ نالو ڇو نه رکان.“

چندر ڏاڍي مشڪلات سان پنهنجي کل روڪي. پر
دروازي پٺيان لڪي بيٺل ٻنتيءَ کان ٽهڪ نڪري ويو.
چندر چيو، ”ٻنتي نالو ته تو ڏاڍو سٺو ڳوليو آهي، مگر
اهو فقط هڪ ڳالهه آهي. سڀئي ماڻهو منهنجي خيالن جا نه
آهن. گهر جي ٻين ڀاتين کي، مثال طور ڊاڪٽر صاحب
کي اها خبر پئجي وئي ته نه معلوم ڇا ڪري وهندو.
هن ماڻهن کي ڪوتا ۽ ڪوتا جي اُمنگن جي ڪهڙي
پروڙ! ان حالت ۾ جيڪڏهن ڪير پنهنجي پيءُ تي

آگسٽ مهني جي هڪ اداس شام هئي. رم جهم رم جهم برسات پئي وسي ۽ ڊاڪٽر شڪلا جي اڪيلي سنسان بنگلي جي ورانڊي ۾ ڪرسي وڇائي، ٻاهر سبز ٻاري جي ڪنڊن ۾ ٻڪ ڏيندڙ، شور مچائيندڙ جهرڪين جهرڪن ڏانهن ٻيا اک چنڀ جي نهاريندي، چندر نه معلوم ڪهڙن ويچارن ۾ غلطان ويٺو هو. ڊاڪٽر صاحب سدا کي آڻڻ لاءِ شاهجهانپور ويل هو. پتني به ضد ڪري هن سان گڏ وئي هئي. اُتان هو سيڌي دهلي گهمڻ هليا ويا هئا. اڄ پندرهن ڏينهن ٿي ويا هئا ته هنن وٽان ڪو به خط يا سماچار ڪونه آيو هو. ڊاڪٽر صاحب فقط پنهنجي آفيس ڏانهن هڪ مختصر عرضي ڏياري مڪي هئي. چندر کي ڊاڪٽر صاحب جي ٻاهر وڃڻ کان اڳيئي ڪاليج ۾ نوڪري ملي وئي هئي ۽ هن ڪلاس وٺڻ به شروع ڪري ڇڏيا هئا. هينئر هو هن بنگلي ۾ اچي رهيو هو. صبوح جو وقت ليڪچر تيار ڪرڻ ۽ ٽپ ڪيڏڻ ۾ گذري ويندو هوس، منجهند جو وقت ڪاليج ۾ ڪٽجي ويندو هوس؛ مگر هنجون سانجهيون ڏاڍيون ملول ٿجي وينديون هيون. مٿان وري پندرهن ڏينهن کان سدا جو ڪو به خط ڪونه آيو هو؛ هو اُداس ويٺو ڪجهه سوچي رهيو هو.

مگر اها صرف اُداسي هئي، ڏک يا غم ڪونه هو؛ اها اُداسي به هڪ ديولا جي اُداسي، جا گوندر پيري نه، پر مٺڙ ۽ رسيلي ٿيندي آهي. هڪ ڳالهه ضرور هئي. هو جڏهن به اُداس ٿيو هو، تڏهن هنکي هميشه اهڙي

”چا!“ بسريا جو وات ڦاٽي ويو.

”ها...ها، ڏيندي ري. ڪمند جي ڏيندي ري!“ دروازي پٺيان لڪي بيٺل ٻنهي ڇوڪرين ڄڻ ڳالهه چورائي سا، ٻن سڳهي ۽ ٽهڪ ڏيندي ٻاهر نڪري آئي. چندر ٻه ڪل ۾ اچي چڙهيو.

بسريا اکيون ڦاڙي ٻنهي ڏانهن نهاريندو رهيو. جڻن ٽي هنڪي هن ٽهڪڙي جو اُديش معلوم ٿيو، لڱن هو ڳاڙهو ٿي ويو. ٽوپلو ڪٽي، اُٿندي چيائين، ”سو توهين منهنجو مذاق اُڏائي رهيا هئا! پرواه نه آهي، مان ڏسي وٺندس. مسٽر ڪپور، توهين پاڻ کي ڇا ٿا سمجهو؟“ ۽ هو هليو ويو.

”اڙي ٻڌ، بسريا.“ چندر هنڪي پٺيان سڏ ڪندي چيو. هنجي ڪل اچا ٻند ڪانه ٿي هئي. بسريا ڪنڌ ڏوٽي چيو، ”سيان ڪان مان پڙهائڻ نه ايندس. مان توهان جي شڪل به ڏسڻ نٿو چاهيان.“ پوڻان لفظ هن ٻنهي ڏانهن نهاريندي چيا.

”نه توهين منهن ٻئي پاسي ڪري هنڪي پڙهائجو.“ چندر چيو. ٻنهي کي وري کل اچي وئي. بسريا اکين مان ڳانڍاڙ وسائيندو هليو ويو.

”ويچارو ڪوي! اڄ ڪلهه جي دنيا ۾ ويچارو ڪلاڪار پيار به نٿو ڪري سگهي.“ چندر چيو ۽ ٻنهي جي ٽهڪن جو آواز ڪيتري دير تائين فضا ۾ گونجندو رهيو.

عادت، اُتي وڃي نه ته ساڳي عادت.” چندر دل ئي دل ۾ انهن پاڻسان ڳالهين ڪندي لفافو کوليو.

خط ڀيڻيءَ جو هو، مسوريءَ مان آيو هو. هن خفي ٿي لفافو ڦٽو ڪري ڇڏيو. سدا ڪيڏي نه بيپرواهه آهي! هن کي خبر به آهي ته چندر جي هتي ڪهڙي حالت آهي، ڀيڻيءَ هن کي ٻڌايو به هوندو، پوءِ به هوءَ ايڏي بيپرواهه ٿي رهي. غصي وچان......

ٿوري دير بعد هن ڀيڻيءَ جو خط پڙهيو. ننڍڙو خط هو... ڀيڻ اڃا مسوريءَ ۾ آهي. آڪٽوبر ۾ واپس ايندي. ذري گهٽ سڀ ياتري واپس وڃي چڪا آهن، مگر هن کي پهاڙن تي برسات ڏاڍي وڻي ٿي. برني الله آباد موٽي آيو آهي. هو پاڻسان گڏ هڪ عيسائي ڇوڪريءَ کي به ساڻ وٺي آيو آهي. برني چوي ٿو ته هن سان شادي ڪندو. هو هينئر بلڪل ٺيڪ ٿي ويو آهي. چندر جي مرضي هجي ته ڀلي وڃي برنيءَ سان گڏجي اچي!

سدا جي خط نه اچڻ سبب چندر جو من بيحد پريشان هو. هن کي اڃري به خبر ڪانه هئي ته هينئر هو سڀ آهن ڪٿي. برنيءَ جي الله آباد واپس موٽڻ جو احوال پڙهي هن جي من کي ٿورو سنتوش مليو. سوچيائين ته هڪ ڏينهن وڃي هن سان گڏجي ايندس.

ٽئين يا چوٿين ڏينهن چندر موٽر ڪٽي برنيءَ ڏانهن ويو. برساتين ۾ الله آباد جي سونهن هونءَ کان به وڌيڪ کلي پوندي آهي. سڪل خشڪ ڦوهت پاڻي ۽ ميدانن ۾

خيال ايندو هوندو سندس جيون ۾ جيڪي ٿي گذريو آهي، اُتي ڪيس فخر ڪرڻ گهرجي. هو جڏهن پنهنجي اُن موڳائيءَ کي فخر جي احساس سان متاثر چاهيندو هو. مگر اڄ اُن سان گڏوگڏ هر هر هنجي من ۾ ٻيو به هڪ خيال پئي اُٿيو... سدا خط ڇو نه لکيو آهي؟

برسات صفا بند ٿي وئي هئي. اولهه ۾ هڪ ٻن هنڌن بادل ڪلي ويا هئا. پڪل جمون رنگ واري هڪ بادل پٺيان ٻڏندڙ سورج جي اُداس ڪرڻن ليئا پئي پاتا. اوير ۾ انبلت ٿي وئي هئي جا موٽر گئريج جي ڇت مٿان شروع ٿي پريان يوڪلپٽس جهارن جي ڏکڻين ٽارين مٿان وڃي لٿي ختم ٿي.

ايتري ۾ ڇنڊي لوڏيندو ٽپالي آيو. پورٽيڪو ۾ پهچي هن پنهنجي جتيءَ لسي ڇهٽي پيل مٿي لاٿي، پير ٿپ ٽپائين ۽ پنهنجي ڪرمچي رنگ جي ٿيلهيءَ مان خط ڪڍي دروازي اڳيان پوڙهن ٽي ڪٽي قهلائين. ڳوليندي ڳوليندي ٽي لفافا ڪڍيائين ۽ چندر کي ڏنائين. چندر جنسي اُچل ڏيئي اهي خط ورتا. هڪڙو خط پڦيءَ جو هنتيءَ ڏانهن هو، ٻيو خط اورينٽل انشورنس ڪمپنيءَ وٽان آيل هو ڊاڪٽر شڪلا لاءِ، ٽيون هڪ نيلي رنگ جو سهڻو لفافو هو. اهوئي سدا جو هوندو. ٽپالي هليو ويو هو. هن اُن لفافي کي ائين نه پيار سان چميو جيتري پيار سان اُلهندڙ سورج ليرن بادلن کي چمي رهيو هو. "پاڳل ڪٿي جي! ڪيڏو نه پريشان ٿي ڪري. هئي هئي نه به ساڳي

چندر وري سڏ ڪيو ۽ برني ٻاهر آيو. چندر هن کي ڏسي حيران ٿي ويو. برنيءَ جو منهن پرچي ويو هو، جواني موٽي آئي هيس، زرديءَ بدران منهن مان رت پئي ڇٽيس، ڇاتي سڌي ٿي وئي هيس. برنيءَ کي خاڪي رنگ جو ڪوٽ، وڏو خاڪي ٽوپلو، خاڪي برجس ۽ شڪاري بوٽ پيل هو ۽ ڪلهي تان بندوق پئي لٽڪيس. هو ٻاهر ڊرائينگ روم جي دروازي وٽ اچي، جهڪي، هڪ همت سان بندوق پڪڙي بيهي هٿ اکين مٿان رکي، ائين نهارڻ لڳو جڻ ڪو شڪار تي تاڪيائين. چندر جو ساهه سڪي ويو. سو چيائين ٻه ٽي دفعي ته برنيءَ کي ڪشتيءَ ۾ شڪست ڏني هيم، پر هن دفعي هنڪان ڪٽڻ ناممڪن آهي. گهٻرائل آواز ۾ چيائين، ”مان آهيان مسٽر برني، چندر ڪپور.... بمبئيءَ جو دوست.“

”ها....ها، مونکي خبر آهي.“ برني وري سڌي سڌو ٿي ويٺو ۽ کلي چيائين، ”مون توهانکي وساري ڪونه ڇڏيو آهي. مون نه توهانکي ڏيکارڻ ٿي چاهيو ته مان هاڻي پاڳل ڪونه آهيان، شڪاري بڻجي ويو آهيان.“ ۽ هن چندر کي ڪلهن کان پڪڙي اهڙو ته زور سان ڌوڏاڙيو جو چندر جون هڏيون سور ڪرڻ لڳيون. ”اچ.“ هن چندر کي اچانڪ ڪلهي وٽان پڪڙي ورانڊي ڏانهن وٺي هلندي چيو. اتي هڪ ڪوچ تي چندر کي وهاري پاڻ هن جي سامهون ڪرسيءَ تي ٿي ويٺو. ”مان توکي اندر وٺي هلان ها پر اتي جيني ويٺي آهي ۽ منهنجو هڪ متر ويٺو آهي.

سائو گاهه ائين وڌندو آهي. بنگلن جون اُگهاڙيون ديوارون پڻ سبزيءَ سان ڍڪجي وينديون آهن. اوچا گهاٽا وڻ ۽ وليون برسات ۾ ڌوپجي سائي مخملي رنگ جون ٿجي وينديون آهن. ڏامر جي سڙڪن تي پاڻيءَ جي سنهڙي چادر چانڊجي ويندي آهي. هوا جا هلڪا جهونڪا اُن ۾ لهرون پيدا ڪندا رهندا آهن ۽ انهن ۾ وڻن جي سبز ڇايا پيئي ڏسجي آهي. بنگلن ۾ پليل بدڪن جا ميڙاڪا ٻاهر رستن تي نڪري ايندا آهن ۽ موٽرن جي راهه ۾ رنڊڪ بڻجي بيهندا آهن. بنگلن اندران ريڊين يا فونن جي سنگيت آلاپ جون لهرون واءُ منڊل کي لرزو ڪري ڇڏينديون آهن.

ڪاليج مان موٽي چانهه جو ڪوپ پي چندر موٽر ڪڍي برنيءَ ڏانهن هليو. هو برنيءَ ڏانهن تمام گهڻن ڏينهن بعد هليو هو. زندگيءَ ۾ هن جيڪي به شخص ڏٺا هئا، برني شايد انهن سڀني کان وڌيڪ نرالو هو، اديب هو، مگر هو ڪچڙو نه بدنصيب هو. بدنصيب نه، هو ڪمزور هو. صرف هو نه، سڄي دنيا ئي ڪمزور آهي.

برنيءَ جو بنگلو اچي ويو. چندر موٽر مان لهي اندر ويو. ٻاهر ڪير ڪو نه هو. ورانڊي ۾ هڪ پڃري ۾ طوطي جو تمام هڪ ننڍڙو پڃرو لٽڪيل هو. چندر اندر وڃڻ ۾ هٻڪيو پئي. پمي هئي ڪانه برنيءَ سان ٻي هڪ ڇوڪري آيل هئي، برنيءَ جي ڀاوي پتني. چندر سڏ ڪيو. اندر ڪنهن ڳوري مرداني آواز ۾ هڪ رواجي گيت پئي ڳايو.

"لڏهن ڇا! شڪار جو ٻهريون سڌانت آهي ته جتي خطرو هجي، جتي خونخوار جانور هجن، اُتي بندوق ڪڏهن به جيءَ کان جدا نه ڪجي. ۽ ...." چندر جي ڪن وٽ پنهنجا چپ آڻي نهايت ئي آهستي چيائين، "توکي خبر آهي مسٽر ڪپور؟ هڪ عورت آهي، جا چوويهه ئي ڪلاڪ گهر ۾ ويٺي آهي. مان هڪ سيڪنڊ لاءِ به بندوق کي پاڻکان پري نه ڪندو آهيان."

اوچتو اندر ڪنهن چيز ڪرڻ جو آواز ٿيو ۽ پوءِ هڪ رڙ جو آواز آيو. ائين لڳو ته پياني مٿان ڪا چيز ڪري ۽ اُنجي پردن کي ٽوڙيندي هيٺ وڃي پيئي. اُنهيءَ بعد جهڳڙي جا آواز اچڻ لڳا.

چندر ڇرڪ ڀري اُٿيو. "ڏس ته سهي برني، اندر ڇا آهي؟"

برني چندر جو هٿ ڇڪي هنکي ويهاريو. "ويهه، ويهه. اندر جيمي منهنجي دوست سان پنهنجو جنم ڏن پيئي ملهائي، اندر نه وڃ."

"مگر هي آواز ڇا جا آهن؟" چندر اڃا به فڪر گاڏڙ آواز ۾ پڇيو.

"شايد هڪ ٻئي سان پيار ونڊيندا هوندا." برنيءَ اُلر ڏنو ۽ بلڪل بيفڪر ٿي اُتي ويٺو رهيو.

ٿورن سيڪنڊن بعد ئي هن هڪ عجيب کيل ڏٺو. اندران برنيءَ جي ئي عمر جو هڪ شخص مٿي مان وهندڙ خون اُگهندو ٻاهر آيو. هو نشي ۾ ٽُٻ هو ۽ تمام گنديون

ٻئي ڳالهيون ويٺا ڪن. اڄ جيني ۽ جو جنم ڏن آهي. تون جيني ۽ کي سڃاڻين نه! هوءَ ٽرائي ۽ جي ڳوٺ ۾ رهندي هئي. اهي مونکي گڏجي وئي. ڏاڍي خراب زال آهي. مان تندرست ٿي ويو آهيان نه.”

”برابر. سچ ته مان ڏاڍو عجب پيو ڪان ته هنن ٽن مهينن ۾ تو ڇا ڪيو جو تون اهڙو تندرست ٿي وئين.”

”نفرت مسٽر ڪپور، نفرت! زالن ڏانهن نفرت، تندرستي حاصل ڪرڻ لاءِ انهيءَ کان بهتر طريقو ٻيو ڪونهي.”

”مگر تون ته شادي ڪرڻ وارو آهين نه؟ ڇوڪري به ساڻ وٺي آيو آهين.”

”صرف ڇوڪري نه مسٽر ڪپور، مان اتان ٻه چيزون وٺي آيو آهيان. هڪڙو هي طوطي جو ٻچو ۽ ٻي جيني. هن طوطي کي مان تمام گهڻو پيار ڪندو آهيان. هي جڏهن وڏو ٿيندو، ڳالهائيندو تڏهن هڪ گولي ۽ سان اڏائي ڇڏيندس ۽ هن ڇوڪري ۽ جيني سان مونکي سخت نفرت آهي، انهيءَ سان مان شادي ڪندس! ڪئن آهي نه ٺيڪ؟ شڪار جو شوق انهيءَ کي سڏيو آهي ۽ مان هينئر پڪو شڪاري ٿي ويو آهيان!”

چندر ڇا چوي، ها يا نه. برٽي ۽ جي دماغ جي حالت اڃا ساڳي هئي، انهيءَ ۾ ذرو به شڪ نه هو. هو هن سان ڪهڙيون ڳالهيون ڪري. نيٺ چيائين، ”هيءَ بندوق ته لاهي رک، هميشه هيئن ڪٺي ڇو پيو ڦرين؟”

ٺار اچين. مگر هن ڪانپور ۾ پنهنجو ڪو به دوست ورتي هئي اهو آهي ته مان هن جو خون ڪري ڇڏيندس. سمجهين ٿو نه ٻرني!"

ٻرنيءَ ڪنڌ هلائي چيو، "ها، سمجهيم." جيئن اندر ويئي ۽ وري اوچتو ٻاهر موٽي آئي. ٻرنيءَ کي ٻڪڙي، کليندي چيائين، "برسات پئي وسي، هاڻي ٿڌ پيئي پوي ۽ تو سوئيٽر به ڪونه پاتو آهي؟ هل اندر، مرڻو اٿيئي ڇا؟ مان توکي صاف ٻڌائي ٿي ڇڏيان... دنيا ڀلي الٽ پلٽ ٿي وڃي، پر مان شادي ڪرڻ ڪانسواءِ پنهنجي جند نه ڇڏيندس." ۽ جئن ٻڪري کي ڪن کان جهلي کلجي لڳن ٻرنيءَ جو ڪن ٻڪڙي، هنکي کليندي اندر وٺي ويئي.

چندر دل ۾ سوچيو ته هي شايد هن ڀڄارت ٻرني ٻنگلي جوئي اثر آهي، جو جيڪو هتي اچي ٿو تنهنجو دماغ خراب ٿي ٿو وڃي. ان مٿان بعد جڏهن ٻرني ٻاهر آئي ته هنکي مفلر، سوئيٽر ۽ گرم جوراب پيل هئا. هو سهڪندو چندر جي ڀر ۾ اچي ويٺو.

"مسٽر ڪپور، هاڻي ته تون قبول ڪندين ته هيءَ ڇوڪري، هيءَ ذاتڻ جيئي نهايت ظالم آهي."

"مهان تو، بيشڪ مهان تو ٻرني." چندر پنهنجي مرڪ کي دٻائيندي چيو، "مگر هي جهڳڙو ڇاجو آهي؟"

"جهڳڙو ڇاجو آهي! زالن کي سمجهڻ مشڪل آهي."

گاريون ٻڪي رهيو هو. هو ٻرندو ٽانڊو آيو ۽ ٻرنيءَ کي ڏسندي ئي هنڌانهن مڪ اولاريائين. "تو مونکي دوکو ڏنو، مونکان پنجاه روپين جي سوکڙي ورتئه ۽ ... مان هيئنر تو توکي ڏيکاريان."

چندر حيران هو، خاموش هو. ڇا ڪري، ڇا نه ڪري؟ ايتري ۾ اندران جيني به ٻاهر آئي. قداور سگهاري، گهٽ ۾ گهٽ ٽيهن سالن عمر جي. هن ايندي ئي پٺيان کان شخص کي قميص کان ڪٽي پڪڙيو ۽ ٻوڙين کان هيٺ ڪچڙي ۾ ڪٽي ڦٽو ڪيائينس. هنکي گاريون ڏيندي چيائين، "ستو هليو وڃ، نه نه هڪ هڏي سلامت نه ڇڏيندءِ." هو جئن اٿيو ته وري هن مٿان وڃي ڪري ۽ هنکي گهليندي ٻاهرئين دروازي تائين وٺي وئي.

ٻرني ساه روڪي ڏوهاريءَ جيان بيٺو هو. جيني موٽي ٻرنيءَ کي ڪالر کان پڪڙيو. "مان...مان نردوش آهيان، مونکي ڪا خبر ڪانهي." اوچتو جينيءَ جي نظر چندر تي پيئي. "هون، هي به تنهنجو دوست آهي! هيئنر ٿي پڌايانس." ۽ هوءَ جئن ئي چندر ڏانهن وڌي ته هو اکيون بند ڪري پميءَ جو سمرڻ ڪرڻ لڳو...ڪٿي وڃي ڦاسايو هنجي ڪمبخت خط. جيني جئن ئي چندر جي ڪالر ۾ هٿ وڌو ته ٻرنيءَ نهايت التجا ڀرئي آواز ۾ چيو، "هنکي ڇڏي ڏيس. هي منهنجو نه پميءَ جو دوست آهي." جيني روڪجي وئي. "تون پميءَ جو دوست آهين. چڱو وڃ." چندر وٺي ويو. "تون شريف ماڻهو ٿو

۾ ئي نه پيو اچي. ڪيتري دير بعد مون ليٽ سوچيو
مان هنجو پتي ٿيڻ وارو آهيان، سو هنکي اچ هڪ پريمي
سوکڙيءَ ۾ ڏيان. مون پنهنجي هڪ دوست کي چيو ته
اچ شام جو تون منهنجي هونهار پتنيءَ کي پيار ڪري
سگهين ٿو. هو راضي ٿي ويو.

چندر زور سان ٽهڪ ڏيڻ لڳو.

”ڪل نه مسٽر ڪپور، ڪل نه.“ هن ٿي نهايت گنڀير ٿي
چيو، ”انجو مطلب فقط اهو آهي ته تون زالن کي سمجهين،
سمجهائين ٿو. ڏس، زال انهيءَ چيز کي ٿي گهڻي ۾ گهڻو
چاهيندي آهي؛ جا هنجي زندگيءَ ۾ نه هوندي آهي.
مثال طور هڪ استريءَ جي شادي ٿي وئي آهي يا
ٿيڻ واري آهي؛ اُن وقت هنکي هڪ نئون پريمي ملي
وڃي ته هنجي خوشيءَ جو پار ڪونه رهندو آهي. پنهنجي
پريميءَ جي سامهون هوءَ پنهنجي پتيءَ جي تمام ٿوري
پرواهه ڪندي. جيڪڏهن ڇوڪري ڪنواري آهي ته،
هوءَ گهوٽ ملڻ لئي پنهنجي پريميءَ جي پاوانن جو خون
ڪري ڇڏيندي. مان سمجهان ٿو ته ڪنهن به پتيءَ کي
جيڪڏهن پنهنجي پتنيءَ کي دنيا جي بهترين سوکڙي
ڏيڻي آهي ته هنکي نئون پريمي پيش ڪري؛ جيڪڏهن
ڪنهن پريمي کي پنهنجي پريتما کي دلپسند سوغات
ڏيڻي آهي ته هنکي هڪ گهوٽ وٺي ڏئي. منهنجي اڃا
شادي ته ڪانه ٿي آهي نه؟“

”نه.“

"هن زال جي قندي ۾ لون قاتين ڪٿن؟" چندر سوال ڪيو.

"ش...ش." چپن تي آڱر رکي آهستي ڳالهائڻ جو اشارو ڪندي ورنيءَ چيو، "آهستي ڳالهاءِ. ڳالهه هيئن ٿي جو مون ٽرائيءَ ۾ شڪار پٺي ڪيو جو ٻين کان الڳ ٿي ويس هيءَ هڪ پينشنبردار فاريسٽ گارڊ جي ڪنواري ڌيءَ هئي، شڪار ۾ بيحد ڀرپور. مان پڇڪندو پهتس ته هن جو پيءُ اُن وقت سخت بيمار هو. مان الي ٽرسي پيس. ٽيئن ڏينهن هو مري ويو. هن کي نه معلوم ڪهڙو مرض هو جو هن جي شڪل نهايت ڀيانڪ ٿي ويئي هئي ۽ پيٽ اُپامي پيو هوس. رات جو هن کي ڀپ لڳو ته اچي منهنجي پاسي ۾ ليٽي پيئي. وچ ۾ بندوق رکي اسين ٻئي سمهي پياسين. رات جو الائي ڪيڏي مهل هن وچان اُها بندوق هٽائي ڇڏي ۽ هاڻي چوي ٿي ته توسان شادي ڪنديس ۽ نه ڪندين ته ماري ڇڏينديسانءِ. پوءِ به مون کي چيو ته توکي شادي ڪرڻي ئي پوندي. مسٽر ڪپور، منهنجي لاءِ ٻس مجبوري آهي."

چندر خاموش سوچيندو رهيو. ڪهڙي نه وچتر زندگي آهي هن اُپائي جي! قدرت جڻ سڀ ڳالهيون هن جي ئي زندگيءَ ۾ پري ڇڏيون آهن. پڇيائين، "اِهو جهيڙو ڇاجو هو."

"ڪجهه ڪونه هو. هن چيو، مون کي ڪا سوکڙي ڏي. مان سوچيندو رهيس ته هن کي ڇا ڏيان. ڪجهه سمجهه

لوڙ ڪافور جون وڏيون وڏيون ڇپون آهن ۽ اُنجي خوشبوءِ اهڙي ته نرمل ۽ پيارو آهي جو آلما گل سروپ ٿيڻجي ٿي وڃي. پاڪ ۽ سڌا ٿئي، اُنهن سڌن ڇپن تي مٿي چڙهندا ٿا وڃن. اُتي فقط پاڪ آهي ۽ سڌا آهي. سڌا ڪي سفيد بادلن جي ساڙهي پيل آهي ۽ ڪيس، چنڊ ڪي ڪرڻن جي چادر اوڍيل آهي. ڪافور جي ڇپن تي چنڊ جتي نه قدم ٿي رکيو اُتي اِندلت جا رنگ ڦهلجي ٿي ويا ۽ سڌا پنهنجي ساڙهيءَ جي پلوءَ مان اِندرڌنش جي رنگن جا ڦول وسائيندي پئي هلي.

اوچتو هڪ ڇپ تي ڏٺي ۽ اُمان هڪ پيارڪ ديو، راڪاس نڪتو. هڪ سفيد راڪاس، جنهنجي هڪ هٿ ۾ سنڌس ڪوڙي هئي ۽ ٻئي هٿ ۾ جلندڙ مشعال! ان ٻي سري راڪاس پنهنجي هٿ واري ڪوڙي چنڊ کي ڏيکاري. ڪوڙيءَ ڪلي ٿهڪ ڏيئي چيو، "ڏس، زندگيءَ جو اُنتم سچ، هي ئي اُٿئي، هيءَ!" ۽ هن پنهنجي ٻئي هٿ وارو مشعال اوچو ڪيو. "هي ڪافور جو پهاڙ، هي بادلن جي ساڙهي، هي ڪرڻن جو لباس، هي اِندلت جا ڦول، هي سڀ ڪوڙ آهن، مٿيا آهن. سچ آهي هي مشعال جو پنهنجي هڪ چهار سان هن سڀني کي ٻاري، جلائي سگهي ٿو."

۽ هن پنهنجو مشعال پهاڙ جي هڪ اوچي چوٽيءَ سان ڇهايو. چوٽيءَ پڪو ڪاٺ و. پکهر يل آڳ جي ڌارا ۾ ساڻي تن جيان اُتلي اڳتي وڌڻ لڳي.

”تون پريم ته ضرور ڪندو هوندين؟“ ته، ڪنڌ لـه ڌوڻ. مونکي اعتبار ئي نٿو اچي. مان توکي سهڻي صلاح ٿو ڏيان. تون اگر ڪنهن ڇوڪريءَ کي پيار ٿـو ڪرين تـه ايشور صـدقي هن سان شادي نه ڪج. تون منهنجو قصو ته ٻڌين چڪو آهين. تون اگـر دل سان هنکي پيار تـو ڪرين ۽ چاهين ٿو ته هوءَ به سڄي عمر تنهنجو نـالو جپيندي رهي ته هنکي ٻئي ڪنهن سان پرڻائي ڇـڏج. اهو ڇوڪرين جي سيڪس جيون جو آدرين ستيه اٿيئي. سمجهيءَ نه...ها...ها...ها....“ پرني ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳو.

چندر محسوس ڪرڻ لڳو ته باهه جي هڪ ڄڀي کيس جلائي رهي آهي. پاڻ به ته سدا سان ائين ئي ڪيو هئائين. جنهنکي پرني پنهنجي وچتر ڍنگ سان بيان ڪري رهيو آهي. هن ائين محسوس ڪيو ته هن پوسٽلوڪ ۾ هر ڪا ڳالهه اُلٽي، ڪروپ پيئي نظر اچي. هتي ساڌنا جـي پوترتا به ڪچڙي ۽ پاڳلپڻي جي گٽر ۾ ملي گندگي بڻجي ٿـي وڃـي. ڇي....ڇي! ڪيڏانهن پرنيءَ جون ڳالهيون، ڪيڏانهن سندس سدا!

هو اُٿي کڙو ٿيو. هو موڪلائي اُتان ائين ڀڳو جـڻ سندس پيرن هيٺان دکيل ٽانڊا ٿي ٻريا.

اُن ڏينهن به هنکي ننڊ ڪانه آئي، آرام ڪونه مليو. رات جو سمهيو ته هر هر ڇرڪ ڀري ٿي اٿيو. هن سپني ۾ ڏٺو تـه ڪافور جو هڪ پهاڙ آهي، نهايت وڏو پهاڙ.

سگهي. هيلتائين هن کي پاڻ تي فخر هو، وشواس هو، هينئر هو ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي شخصيت جو ڇيد ڪرڻ لڳندو هو. هينئر هو ڪڏهن ڪڏهن پنهنجن وشواسن لئي ڳالهه اوچي ڪرڻ بدران انهن کي هڪ وڳاڻيءَ جيان ڇيري ڦاڙي ڏسندو هو، انهن جي لاش پرکشا ڪندو هو. هيلتائين ونس وشواسن جو پل هو، هينئر جڻ ڪنهن هن کي نرڪ جا اُستر شستر ڪٺي ڏنا هئا ۽ سندس اندر ۾ هڪ راڪشسي پرپرتا پيدا ڪري ڇڏي هئي، جنهن ڪري هن پنهنجي آتما کي ڇيرڻ ڦاڙڻ شروع ڪري ڇڏيو هو ۽ نيٺ انهيءَ نرڪ ولرڪ ۽ اُوشواس جي پيڪر جل پرليءَ جي هڪ لهر هن کي نرڪ جي ڪناري تي وڃي ڦٽو ڪيو.

هڪ ڏينهن سدا جو خط آيو. دهليءَ ۾ پاپا پنهنجي ڪم سان ترسيو ته اتي سدا جي طبيعت خراب ٿي پيئي هينئر سيپٽي ان ٽن ڏينهن ۾ موٽي ايندا.

مگر چندر جي من تي انهيءَ خط جو هڪ عجيب اثر پيو. هيلتائين سدا جو خط نه آيو هو، هوءَ دور هئي ته پاڻ خوش هو، پر اڄ سدا جي خط ملڻ پٺي هو اداس ٿي ويو. اداسي ڇا، هن کي جڻ اُپتا اچڻ لڳا. هن کي اهو سڀ هڪ ناٽڪ ڀاسڻ لڳو، نهايت سستو، ليچڙ ناٽڪ. هن کي ائين ڀاسڻ لڳو ته هي چوڌاري جيڪو ليکو، ساڻ ٿا، سونهن آهي، سو سڀ ڪوڙ آهي. سدا به اصل ۾ هڪ رواجي معمولي ڇوڪري آهي، جا ڪنواري هوندي پيٽ ۾ جي ۽ شاديءَ ڪانپوءِ ٻارهيءَ جي اڳي ٿي رهي.

"ڀڄ سدا!" چندر رڙ ڪري چيو، "ڀڄ!"

سدا ڀڄڻ لڳي، چندر به ڀڄڻ لڳو ۽ هوءَ پگهر ٻل ڪافور جي ندي اُجگر جيان وروڪڙ ڪانئيندي ٻنهي کي پنهنجي لهرن ۾ ڦاسائڻ لاءِ اڳتي وڌي. شيطان کلڻ لڳو، ها...ها! چندر منهن ورائي ڏٺو ته سدا شيطان جي گود ۾ هئي. هنڪان دل ڏاريندڙ رڙ نڪري ويئي.

چندر ڇرڪ ڀري سجاڳ ٿي ويو. برسات بند ٿي ويئي هئي، مگر گهنگهور بادلن سبب اڃا سخت انڌيرو هو. اندي راڪسياڻيءَ جيان پاڳل هوا وڻن کي ڌونڌاري رهي هئي، جڻ ان يگ يگانتر جي وشواسن کي پاڙن کان اکوڙي ميٽڻ ٿي چاهيو. چندر سڄو ڏڪيو پئي. هنجو بدن پگهر سان شل ٿي ويو.

هو اٿي هيٺ آيو. هنجا قدم ٿانئڙ جي رهيا هئا. هن وراندي جي بتي جلائي ته مهراجڻ جاڳي پئي. پڇيائين، "چاهي بابو!"

"ڪجهه ڪونهي، مان اندر وڃي ٿو سمهان." چندر سدا جي ڪمري ۾ پهچي اتي بتي جلائي ۽ سدا جي پلنگ ٿي ليٽي پيو. پوءِ اُٿي سڀ در دريون بند ڪيائين جڻ ڊپ هوس ته ٻاهر جي انڌاري مان ورئي ڪو اهڙو ڀيانڪر سپنو نه ونس لنگهي اچي.

ٻرنيءَ جي ڳالهين چندر جي دل کي اندر ئي اندر نه معلوم ڪهڙي چوٽ هنئي جو اُها وري سڄي ٿي ته

ڪيائون، ڇيڙون صفا ڪيائون ۽ ٻوءِ فرش ڌوئڻ کي لڳي ويئون. ٻتي ٻائيءَ جا ڏول پرپنڌي ئي آئي ۽ سندا ٻهاريءَ سان فرش ڌوئڻ لڳي. هٿن ۾ چوڙيون، پيرن ۾ پازيب، سينڌ ۾ سنڌور ۽ پر مک سندا جو پيڪد پيلو ٿي ويو هو. مٿهن جا هڏا لڪري آيا هئس. اکين جو ليج جهڪو ٿي ويو هوس. الائي ڇو، هوءَ پيڪد ڪمزور پٽجي وئي هئي.

ٻهاري هلائيندي سندا ٻتيءَ کي چيو، "اڄ مس مس ٿي سمجهان ته مان ماڻهو آهيان، ڪالهه تائين مان جڻ حيوان هيس. پاپا کي نه معلوم ڪهڙي ججڪي آئي جو هنکي ٻه سال ڌهليءَ وٺي هليو. مان نه جنسي شرم ۾ پئي ٻڏ پس." ٿوري دير بعد چندر آيو. ٻاهران ئي هنکي معلوم ٿي ويو نه سپيتي اڇي ويا آهن. هنکي دل ۾ الائي ڇو اهو وچار آيو نه الان ئي ٻويان پير ڪري موٽي وڃان. هن اٿين پئي محسوس ڪيو ته اڄ هن گهر ۾ قدم رکيم نه وڌو اڙت ئي ويندو ۽ مگر انهيءَ هوندي به هنجا قدم اڳتي وڌندا رهيا. ايياس واري ڪمري ۾ ڊاڪٽر سمهيو پيو هو. هو اُتان واپس موٽيو ڪپڙا مٽائڻ لاءِ ڊرائنگ روم ڏانهن وڌيو سندا جڏهن ئي هنجي قدمن جي آهٽ ٻڌي ته ٻهاري ڦٽي ڪري ڊوڙي... مٿو اگهاڙو، ساڙهيءَ جو پلو ڪمر وٽ ٻڌل، هٿ گندا، وار پريشان، پاڳلن جيان ڊوڙندي وڃي چندر کي چنبڙي ۽ ٻارن جي معصوميت ڀري مرڪ مٿهن ٿي

هن انهيءَ شيطان اڳيان اڃا پورن شڪست ڪانه مڃي هئي، هو اُن سان لڙڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو؛ مگر هن اهو پڻ ڄاتو ٿي ته پاڻ اُن لڙائيءَ ۾ هارائي رهيو آهي ۽ جنهن فخر چندر کي سندس سوڀ ۾ ساٿ ڏنو هو، اُهو ساڳيو فخر اڄ چندر کي سندس شڪست ۾ پڻ ساٿ ڏئي رهيو هو. هن من ۾ ائين پئي سوچيو ته پاڻ سدا سان، ٻين سڀني ڇوڪرين سان، هن سڀني ناٽڪ سان نفرت ٿو ڪري. سدا کي شادي ڪرڻي هئي، سدا جي شادي ٿيڻي ٿي هئي. سدا جا لڙڪ جڙلو هئا. چندر سدا کي نه سمجهي ها، نه ته سدا منهن موڙي شادي ڪري وڃي ها.

پوءِ تڏهن هي وشواس، اُصول، قرباني ڇاجي!

وشواس ٽٽي چڪو هو، فخر زنده هو. فخر هميشه بدلجي گهمنڊ بڻجي ويو هو. گهمنڊ بدلجي نفرت جي صورت وٺندو ٿي ويو ۽ نفرت رڳ رڳ کي چور ڪري هر طرف اُداسي ڦهلائيندي ٿي رهي.

سدا موٽي ته هن چندر کي بلڪل ڦريل ڏٺو. هڪ ڳالهه ٻي ۾ ٿي جنهن آڳ لڳائي ڇڏي. هي سڀئي منجهند جو انڪل هڪ ٻجي موٽيا، جڏهن چندر ڪاليج ۾ هو. پاپا نه هڪدم سنان پاڻي ڪري وڃي سمهيو. سدا ۽ ٻمتيءَ ايندي پنهنجي ڪمري جي صفائي شروع ڪئي. ٽڙيل پکڙيل ڪتاب چنڊي ٺاهي رکيائون، ڪپڙا ٽانڪيا

"ڪاش نه." سدا ليٽ هڻڪي چيو ۽ هڪ ڀيري ٻاهي هنڌائن وڌايائين.

"تون وڃ." چندر ڏاڍي رکي آواز ۾ چيو، "مان ٻاٽيهي ڪانيندس."

سدا همٿ واري ڀيري ڏالهي ۾ واپس وڪي ۽ چندر جي پيراندي ۽ کان وهندي چيائين، "چندر، تون ناراض ڇو ٿيو آهين؟ ٻڌاءِ، مونکان ڪهڙو پاپ ٿيو آهي؟ هي ٻڌون ڏينهن مهنو مون پل پل ڳڻيندي گذاريو آهي نه ڪڏهن ٿي اچي وري تنهنجو منهن ڏسان. مونکي ڪهڙي خبر نه تون هيئن ٻدلجي ويو آهين! جيڪا سزا وڻيئي، مونکي ڏي پر هيئن نه ڪر! تون نه ڪجهه به نٿو سمجهين." ۽

سدا پنهنجو سر چندر جي پيرن تي ڪٽي رکيو. چندر جهٽڪو ڏيئي پير هٽائي ورتا. "سدا، انهن ڳالهين مان ڪو به فائدو نه آهي. هينئر انهيءَ ٻنڪ جون ڳالهيون ٻڌڻ ۽ ڪرڻ مون وساري ڇڏيون آهن. ها ڪنهن زماني ۾ ان قسم جي ڳالهين ڪرڻ ۾ مزو ايندو هو، مگر هينئر هڪ سهاڳڻ جي زبان تي اهڙيون ڳالهيون شوڀا نٿيون ڏين!"

سدا سڀ ٻڌي ٻڏري اٿي. "نه اها ڳالهه آهي تنهنجي دل ۾. مان اڳيئي سمجهي ويئي هيس.... مگر چندر تونئي نه چيو هو ۽ هينئر تون ٿي ڦري رهيو آهين! توکي ذرو به شرم نه آيو." ۽ سدا ڪرائن تان چوڙا ۽ ڪنگڻ لاهي ڪٽي ڦٽا ڪيا. گلي جون مالهائون، لڪ ۽ ڪنن جون ڦليون لاهڻ لڳي. هوءَ جڏهن ٻاٻل ٻڏجي ويئي. چيائين، "تو جئن

آٽي چيائين، ”چندر... چندر اسين اڃا وڃاسين. هاڻي ٻڌاءِ.“ ۽ چندر کي ائين کڻي جڪڙيائين جڻ وري زندگي ۾ هن کي نه ڇڏيندي.

”ڇي... ڇي، پري ٿيءُ سدا! هي ڪهڙو ناٽڪ پيئي ڪرين. هينئر تون ٻار ڪانه آهين.“ ۽ سدا کي ڏاڍي رکائيءَ سان پري هٽائي، ڪوٽ تان سدا جي هٿن جي لڳل مٽي ڇنڊيندي، چندر چپ چاپ پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو.

سدا ٿي جڻ ٻجلي ڪري. هوءَ پٿر جو بت بڻجي ڪري رهي. پوءِ ٿاٻڙجندي پنهنجي ڪمري ۾ پهتي ۽ پلنگ تي ليٽي اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. چندر سدا سان ڳالهيون ڪرڻ ڪونه آيو. ڊاڪٽر جاڳيو ته هن سان ڳالهيون ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويو ۽ شام جو سائيڪل کڻي گهمڻ هليو ويو. موٽيو ته به سڌو مٿي هليو ويو ۽ بنتيءَ کي چيائين ته جي تڪليف نه ٿئيو ته مونکي ماني مٿي پهچائي ڏيو.

بنتيءَ ماني پچائي ۽ سدا کي ٿالهي ڏيئي چيائين، ”وڃ ديدي، ڏيئي اچينس.“ سدا ڪنڌ ڌوڻي چيو، ”نه، تون ئي وڃي ڏيئي اچينس. مان هينئر هن جي لڳان ڪير؟“ بنتيءَ جي گهڻي سمجهائڻ تي سدا نيٺ رسوئي جي ٿالهي کڻي مٿي پهتي. چندر ليٽيل هو، چپ چاپ. سدا اسٽول ڇڪي ٿالهي اتي رکي، چندر ڪجهه ڪونه چيو. هن پاڻ رکيو، چندر اڃا به ڪجهه ڪونه چيو.

چندر ڪجهه ڪو نه چيو.

"ڪانو، منهنجو قسم اٿو. توهين ته ڪانئيندا نه، ڏيڏي به ڳالهه ڪانئيندي. توهانکي خبر ٿي ڪالهه نه ڏيڏيءَ جي طبيعت ڪهڙي نه بگڙجي وئي آهي. هنکي صبح شام بخار ايندو آهي. ڏهاڙيءَ ۾ به، هنجي طبيعت تمام بگڙجي وئي. توهين جو هيئن ٿا ڪريو ته ٻڌايو ته هنجو ڪهڙو حال ٿيندو. اڄ به توهين ڏيڏيءَ جي سڪٽي لڙڪ ٿي پاڳل بڻجي ويندا هئا، هينئر توهان کي ٿيو ڇا آهي؟"

چندر ڪنڌ مٿي ڪيو ۽ اونهو ساهه کڻي چيائين، "الائي ڇا ٿي ويو آهي؟ ٻيٽي مون ڪڏهن به انهن ڳوله سمجهو ته مان سدا کي ايڏو ڏک پهچائي سگهندس. مان اهڙو ته نياڻو آهيان جو پاڻکي به پيو پيڙيان ۽ سدا کي به هيڏو ڏکي پيو ڪريان." چندر جي اکين ۾ سچ پچ آنسو ڀرجي آيا.

ٻيٽي چندر جي ٻنهي ٻانهن ۾ هئي. هن هينئر چندر جو سر پنهنجي سيني ۾ لڪائي هنجا لڙڪ اگهندي چيو....
"توهين خود هيئن ڏکي ٿيندا نه، ڏيڏي اٽو وڌيڪ ڏکي ٿيندي. اٿو ڪانو."

"ڄ، پنهنجي ڏيڏيءَ کي به وڃي سڏي اچ. هنکي به اچي ڪاراءِ." چندر چيو.
ٻيٽي وئي ۽ ٿوري دير بعد موٽي آئي. چيائين،

چيو، مون اُنهن کي چيو، هينئر به جڏهن چوندين تڏهن ڪنديس.“ ۽ هن نڪ ۽ ڪن جون ڦليون به لاهي ڦٽيون ڪري ڇڏيون.

چندر ڏکي ويو. هن سپني ۾ به اهڙي ڳالهه جي ڪلپنا ڪانه ڪئي هئي. هن گهٻرائجي پڪاريو، ”ٻنتي! ٻنتي!“ ۽ سدا کي چيائين، ”اڙي تون هي ڇا ٿي ڪرين؟ ڪير ڏسندو ته ڇا چوندو. جلدي ڪر، سڀ وري پائي وٺ.“

”مونکي ڪنهنجي به پرواه نه آهي؛ تنهنجو جيءُ نه ٿڌو ٿيندو نه.“

چندر اُٿيو. هن سدا جا هٿ زوريءَ کڻي پڪڙيا. ٻنتي به مٿي پهچي وئي.

”هان... هنکي چوڙيون ته پائي وٺ.“ ٻنتيءَ هنکي چوڙيون ڪنگڻ ۽ ڦليون پاتيون. سدا چپ چاپ اٿي ۽ هيٺ هلي وئي.

چندر لڄي ٿي سر جهڪائي کٽ تي ويٺو رهيو.

ٻنتيءَ چيو، ”اُٿو، رسوئي ڪري وٺو.“

”مونکي کاڌو نٿو وڻي.“ چندر جو آواز بيحد ڀريل هو.

”کاڌو نه، ائين قصو ڪئن هلندو. توهين ٻئي گڏجي مونکي ماري ڇڏيو ته سڄو قصو ختم ٿي ويندو. نه توهين ٿا مونسان سڌي منهن ڳالهايو نه ديدي ٿي ڳالهائي. نه معلوم، توهان ٻنهي کي ڇا ٿي ويو آهي.“

چندر مٿي ڏٺو. برسات ٻن ڏينهن کان بند هئي. هاڪ
ٻادل ٽڙيا پکڙيا بيٺا هئا، مگر پورب کان تيز هوا لڳي
لڳي. ليرس جو چندرما لڪاري لوورنيءَ جيان ٻادلن ۾
منهن لڪائي بيٺو هو. سدا پنهنجي ڪٽ برساتيءَ کان ڇڪي
ٻاهر آندي هئي. ڪڏ لي مٿي نيم انڌيرو هو؛ رڪي رڪي
چانڊوڪي پنهنجا قول سدا مٿن وسائي لنگهي ٿي وئي.
سدا چپ چاپ ويٺي ٻادلن طرف نهاريندي، نه معلوم ڇا
پئي سوچيو.

چندر کي ڏسندي ئي سدا اٿي کڙي ٿي. بجلي بتي
روشن ڪيائين؛ چپ چاپ ويهي رهي. چندر به ويهي
رهيو. سدا اکر ڪونه ڪڇيو.

چندر جي سمجهه ۾ ئي نٿي آيو ته ڇا چوي. سدا کي
هن ڪيڏو نه ڏک پهچايو هو. ڪالهه شام کان وٺي سدا
هميشان ڪونه ڳالهايو هو.

"سدا، تون ناراض ٿي وئينءَ؟ مونکي ڪالهه الائي
ڇا ٿي ويو! ڇا تون معاف نه ڪندينءَ؟" چندر ليٽ ڏڪندڙ
آواز ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو. سدا اُنجي ڪابه ورندي نه
ڏني، چپ چاپ ٻادلن ڏانهن نهاريندي رهي.

"سدا!" چندر سدا جي ڪبوترن مثل اوجل، معصوم
ٻن پيرن کي پنهنجي گود ۾ ڇڪيو؛ پر پل ڳلي سان چپائين،
"سدا، مونکي ڪڏهن نه معلوم ڇا ٿو ٿي وڃي!
انين پيو سمجهان ته منهنجي اڳين شڪتي ختم ٿي وئي
آهي، مان نٽندو ٿو وڃان. تون آئيندءَ ته منهنجي دل ۾

”تمام گهڻو ويٺي روئي. اڄ هنکي ڇڏيوس ته ڀلي ٿيو لهيس، پوءِ سياڻي هنسان ڳالهائجو.“

”پر پوءِ به سدا نه ڪاڙو نه؟“

”نه، توهين ڪانو نه هوءِ به ڪانيندي. هنکي ڪارڻ ٻنا مان ڪاله ڪانينديس.“ ٻنتيءَ چيو ۽ پنهنجي هٿ سان ڳتي ٿاهي چندر کي ڏنائين، چندر کائڻ شروع ڪيو ۽ هڪ سرد آه ڀري چيائين، ”ٻنتي، تون اڳئين جنم ۾ منهنجي ۽ سدا جي ڪهڙي ماتيا ٿي هئينءَ؟“

صبوح جو ناشتي ڪرڻ وقت چندر ڊاڪٽر صاحب سان گڏ ناشتو ڪرڻ ويٺو. سدا آئي ۽ چانهه جا پيالا رکي موٽي ويئي. هوءَ بيحد اداس هئي. چندر جو من ڀرجي آيو. سدا جي اها اداس صورت هنکي بيحد لڳي، تمام دکي بڻائي رهي هئي. سڄو ڏينهن ڪنهن به ڪم ۾ هنجو من نه لڳو. ڪاليج ۾ ڪلاس به اڌ ۾ ڇڏي ڏنائين. لئبرريءَ ۾ بي‌مطلب ڪتابن جا ورق اٿلائيندو رهيو. انهيءَ بعد ٻرپس ۾ ويو، جتي هنکي پنهنجي ٽيسز ڇپائڻي هئي. پوءِ ڊاڪٽر صاحب وٽ ويو، مگر ڪٿي به هنکي آرام ڪونه مليو. جيستائين هو سدا جي چپن تي وري مرڪ نه آڻي، هنجي اکين جا آنسو نه سڪائي ٿيسين هنکي ڪٿي به شانتي نه ملندي.

شام جو هو موٽيو ته ماني تيار هئي. هن ٻنتيءَ کان پڇيو، ”سدا ڪٿي آهي؟“ ٻنتيءَ وراڻيو، ”ڪڏ تي.“

آهيان. توکي ڏسي ئي مان پنهنجو ڏک درد ٿورو ٿورو وساري سگهان ٿي. اسين ٻئي ڪهڙا نه بدنصيب آهيون!" ۽ هوءَ وري ليٽي پيئي ۽ چپ چاپ مٿي بادلن ڏانهن نهاريندي نه معلوم ڇا سوچڻ لڳي. ڏندلي روشني چاندوڪيءَ ۾ چندر هڪ دفعو سدا جي مرجهايل پشپ جهڙي ڏانهن نهاريو ۽ هن جي نرم گلابي چپن تي پنهنجون آڱريون ڪٽي رکيائين. ٿوري دير هو لڙڪن سان ڀريل گلاب جي انهن مرجهايل پنکڙين تي پنهنجون آڱريون رکي ويٺو رهيو ۽ پوءِ چيائين، "ڇا پيئي سوچين؟" ۽ چندر ڏاڍي سنيه وچان سدا جي مٿي تي هٿ ڦيرڻ لڳو.

سدا منهن تي ڦڪي مرڪ آڻي چيو، "جڏهن اڄ ليٽي بادلن ڏانهن پيئي نهاريان ۽ تون پڻ ۾ ويٺو آهين، سائين انين، هڪ ڏينهن ڪاليج ۾ مڌيهند وقت مان ۽ گيسو ليٽي بادلن کي ڏسي رهيون هيونسين. اُن ڏينهن گيسوءَ هڪ شعر پڙهيو هو... ڪيف بردوش بادلون ڪو نه ديکه، بيخبر تون ڪچل نه جائه ڪهين!" هن جو اهو چوڻ ڪهڙو نه سچو ثابت ٿيو آهي. قسمت مونکي گهلي ڪٿي وٺي آئي."

"توکي اُتي ڪا خاص تڪليف نه ڪانهي سدا!" چندر پڇيو.

"سمجهن نه سب انين ٿي ٿا، مگر جيڪا تڪليف اُم سا مان ئي ٿي جاڻان ۽ ٻي سهتي ئي جاڻي." سدا

الائي ڪهڙو طوفان کڙو ٿي ويو. تون اُتي اهڙو ناراض
ٿي ويٺينءَ؟ خدا، جي تون به ائين ڪندينءَ ته مونکي
باقي سنڀاليندو ڪير سدا!" ۽ چندر جي اک مان هڪ گرم گرم
لڙڪ ڳري سدا جي پير تي وڃي ڪريو. سدا ڇرڪ ڀري
پنهنجا پير هٽائي ورتا ۽ اُٿي چندر جي پرسان اچي،
هنجي ڪلهي تي پنهنجو سر رکي اوڇنگارون ٻاڇي ڇڏڪي.
هوءَ روئندي رهي....خوب روئندي رهي. نيٺ اُٿي ۽
هنجي سامهون ٿي ويٺي.
"چندرا تو ڪابه غلطي ڪانه ڪئي. ايراتڻ مان ئي
آهيان. مون تنهنجي سڄي زندگي برباد ڪري ڇڏي.
مگر مان ڇا ڪريان. مونکي ڪنهن رستو به نه ڪونه
ڏيکاريو. هاڻي ڇا ٿو ٿي سگهي چندر! تون به سهندو
رهه، مان به سهندي رهنديس." چندر جواب ڪونه ڏنو،
هن فقط سدا جا هٿ کڻي پنهنجن چپن تي رکيا.
"...مگر مان توکي هيئن ٽٽڻ نه ڏينديس. تون هن
ڪاڻپوءِ وري ائين ڪندين ته ستو نه ٿيندو. مان ته هردم،
هر پل تو بابت ئي سوچيندي ئي رهيس ۽ تنهنجون ئي
ڳالهيون سوچي پاڻکي ڏيرج ڏيندي ئي رهيس. هاڻي
تون ئي هيئن ڪندين ته......"
"نه سدا، مان پاڻکي ٽٽڻ نه ڏيندس تنهنجو پيار
هميشه مونسان آهي، مگر مونکي هتي الائي ڇا ٿي ويو هو."
"پر چندر، تون ئي منهنجي سهاڳ جي لڄ آهين.
تون سمجهي نه سگهندين ته اندر ۾ مان ڪيترو دکي

اونهو ساهه کڻي چيو، ”آئي انسان ٿي رهڻ جو ڪوبه انڪار نه آهي.“

”ڇو؟“


”توکي ڇا ٻڌايان چندر! چندر، ڪڏهن ڪڏهن من ۾ ٻوڙ ايندو آهي ته پوڙهي پاڻ ختم ڪري ڇڏيان. مون ڪڏهن سپني ۾ به ڪونه سوچيو هو ته زندگيءَ جو اهڙو به روپ ٿي سگهندو آهي.“ سڌا چيو.

”ڳالهه ڪهڙي آهي، ٻڌاءِ نه؟“

”ٻڌائينديسانءِ ديوتا! توکان ڀلا ڇا لڪائيندينس؟ مگر اڄ نه، ٻئي ڪنهن وقت.“ سڌا وراڻيو. ”تون پريشان نه ٿيءُ. ڪٿي تون، ڪٿي دنيا! ڪاش، مان تنهنجي گود کان الڳ ٿي نه ٿيان ها.“ ۽ سڌا پنهنجو منهن چندر جي گود ۾ لڪائي ڇڏيو. چندر به پنهنجو منهن سڌا جي ڀورن وارن مٿان کڻي رکيو.

ٻادل هٽي ويا ۽ چانڊنيءَ جي ساگر جون لهرون فضا مٿان ڇانئجي ويئون.

نئين سال جون سڀني پائرن کي لک لک واڌايون



شياما فرنيچرس اينڊ ڊيڪوريٽرس

ماڊرن فرنيچر ٺاهيندڙ

راجا وير روڊ، شوالي ڀرسان، **ڪبيرنگر**، احمدآباد

Always Visit

Shyama Furnitures & Decorators

Raja Vir Road, Near Shiwale
Kuber Nagar, Ahmedabad

Phone:- PP 6054